

اکيلي

منوهر چگهه

اکیلي

اکیلی

منوہر چگھ

Deepshika Publications
1, Aaradhana Swastik Park,
Chembur, Mumbai-400071

سمرپڻ

انتهاهي اُڪير منجهان
پنهنجي دل جي ٽڪرن
پوٽي، پوٽين ۽ ڏوهٽين کي
ورون سنيل آسراڻي
اَپرنا مهيش آسراڻي
پرينڪا سنيل آسراڻي
نتيش راجيش روهڙا
نيل راجيش روهڙا کي
جن ۾ سمايل آهه منهنجو ساهه.

منوهر چگهه

AKELI

(Collection of Short Stories)

By : **Manohar Chugh**
M.A.
Programme Executive (Retd.),
All India Radio, Mumbai

Res : 5, Krishna Apartments,
10, Golf Links, Union Park,
Khar (West),
Mumbai - 400 052
India

Tel. : +91-22-2605 3783
M : +91- 98336 89636
e-mail : **maheshasrani@hotmail.com**

Edition : **First**
Year : **November, 2014**
Price: : Rs. **200/-**
Copies : 400
Cover Design : **Anand Lalchandani**
Tel : + 91 - 98208 83807

Printed at : **Impressions**
212, Allied Ind. Estate,
Mahim, Mumbai- 400016

D.T.P. : **Shobha Lalchandani**
Tel : + 91 - 9322510668

Published By : Deepshikha Publications
1, Aaradhana Swastik Park
Chembur, Mumbai - 400071

پبلشر جي قلم مان

دادا منوهر چگهہ ۾ ساهتيہ سرجڻ جو ٻج تڏهن پوکجي ويو جڏهن هو آل انڊيا ريڊيو، ممبئيءَ جي سنڌي وڀاڳ جو پروڊيوسر مقرر ٿيو. سنڌيءَ ۾ هفتيوار پروگرام جو آيوجن کندي هو سنڌي ساهتيڪارن، ڪلاڪارن، پترڪارن، فنڪارن ۽ لوڪ ڪلاڪارن جي صحبت ۾ آيو. هاٿي سنگ جو رنگ تہ لڳندو. سنڌي وڀاڳ جي ڪاريہ ڪرمن جي ڪاميابي هن جي لاءِ چئلينج هئي؛ جيڪا هن بخوبي طور نڀائي. ان سلسلي ۾ هن جو پورو من ڪڏهن سنڌيت سان جُڙي ويو؛ شايد ڪيس بہ خبر نہ پيئي. جئہ هند ڪاليج ۾ وگيان جو وديارٿي، ساهتيہ جي ماحول ۾ رهي خود ساهتيڪار بڻجي پيو.

دادا منوهر چگهہ جي شخصيت ۾ ڪي بنيادي خاصيتون آهن. پهرين ڳالهہ تہ هو اَنترمکي آهي ۽ پيو ساري جڳ ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي تنهن جي خبر ضرور رکندو پر اُن جو حصو نہ بڻجندو. سماج ۾ هو هڪ سجاڳ ناگرڪ آهي. اِها سجاڳي من ۽ اَنترمکي من جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان ملن ٿا تڏهن سندس حساس دل ۾ ڪو نقطو، ڪو مسئلو، ڪو فلسفو داخل ٿئي ٿو. چنتن ۽ منن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو ڪهاڻيءَ جو جنم ٿئي ٿو ۽ ڪهاڻي هن لاءِ ساڌنا آهي؛ تپسيا آهي. ڪهاڻي هن لاءِ من جو سنتوش ۽ سڪون آهي.

دادا جون ڪهاڻيون فائيلن ۾ ڪئيون ٿينديون رهيون. پريوار ۾ سيني جو رايو بيٺو تہ هي ڪهاڻيون فائيلن مان نڪري ڪتابي صورت ۾

فهرست

ٻہ لفظ

ممبئي شهر ۾ آءٌ ساگر جي تٽ تي رهندو آهيان. صبح شام مهراڻ جون انيڪ ڇوليون ڏسندو آهيان. ڀريائين هر هڪ ڇولي پري کان ننڍي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جيئن جيئن ڇولي ڪناري ڏانهن رڙهندي ايندي آهي، تيئن تيئن ان جو آڪار وڌندو ويندو آهي. ڪناري سان ٽڪرائڻ ويل ان جو اُمنگ اُتساهہ ۽ لوڏ نرالو روپ وٺندي آهي. ڇولي زوردار شور ڪري ڪناري کي ڀاڪر ۾ ڀري آهستہ آهستہ وري ساگر ڏانهن موٽ ڪائيندي آهي.

منهنجي ڪهاڻين جو سرجڻ پڻ سمنڊ جي ڇولين جيان آهي. جڏهن ٻہ ڪو ڪتاب پڙهندي ڪنهن نقطي تي رڪجي وڃان، رستي ويندي ڪا گهٽنا گهٽجي، سماج ۾ ڪنهن ڳالهہ تي ڇوٻول مچي يا ڪا غيررواجي شخصيت ڏيان ڇڪائي: تڏهن دماغ ۾ ڪو ويچار ڇوليءَ جو روپ اختيار ڪري! ننڍو ويچار شيدن جو روپ وٺندو. شبد جملن ۾ اُسرندا. جملا فقرن ۾ تبديل ٿيندا ۽ ڪهاڻي پنهنجي ڪلاتمڪ ڍنگ سان نکري ايندي.

هر هڪ ڪهاڻيءَ جو اظهار جدا جدا آهي. تخليق ڪندي مون ڪنهن ٻہ فلسفي يا ڪنهن واد کي ڏيان ۾ نہ رکيو آهي. مون جيڪو ٻہ دل ۽ ذهن سان محسوس ڪيو آهي. اُن کي شبدن ۾ آڻي. ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ توهان جي اڳيان رکيو آهي. اِنساني ملهہ ۽ سنڌيت پيئي منهنجي لاءِ اَملهہ آهن. منهنجي هميشه اِها ئي ڪوشش رهي آهي تہ پنهنجي زندگيءَ جي ڪٿن مٿن آزمودن جي نچوڙ کي حالتن سان ٺهڪائي سنڌو سنسڪرتيءَ جي دائري اندر ڪهاڻيءَ جي ماڌيم ذريعي پيش ڪريان. ريڊيو جي پرسارڻ سان هميشه جڙيل رهيو آهيان. ڪهاڻي لکڻ ۽ پيش ڪرڻ وقت هميشه ريڊيو جي پيشڪش جي ٽيڪنڪ ۽ ڏانءُ کي اَپنايو اٿم ۽ اُصولن سان نڀايو اَٿم.

اچڻ گھرجن. آخر دادا کي سيني جي يکراءِ اڳيان پنھنجي منظوري ڏيڻي پيئي. انين هن جي ڪھاڻين جو پھريون ڳنڍڪو سال 2009ع ۾ شايع ٿيو 'نئون يگ'. دادا منوهر لاءِ بہ هڪ نئون يگ آيو. هن ڪھاڻي سنگره کي پاٺڪن، ساهتيڪارن، ٽيڪاڪارن ۽ خاص ڪري تعليمدانن ساراهيو ۽ خوب ساراهيو. ڪھاڻين کي مقبوليت ان ڪري بہ ملي چاڪاڻ تہ اهي صاف سٿريون هيون. پاٺڪ ڪھاڻي پڙهڻ شروع ڪندو تہ پوري ڪري ڇڏيندو. پاٺڪ کي ڪھاڻين سان پنھنجي جيون، وايومنڊل، مسئلن جي جھلڪ نظر آئي. ڪھاڻين جا پاتر هن جا ڄاتل سڃاتل لڳا. هن يگ جون ڪھاڻيون هن يگ جي پاٺڪن لاءِ هيون.

سال 11 & 2010 لاءِ ڀارت سرڪار جي نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگويج (NCPSL) طرفان 'نئون يگ' ڪھاڻي سنگره کي بھترين ڪتاب ظاهر ڪيو. دادا منوهر چگھہ کي پنجاه هزار رپيا، ٽرافي ۽ سرٽيفڪيٽ عطا ڪري نوازيو ويو.

اهڙي قدرشناسي ۽ مقبوليت بعد هڪ ٻيو ڪھاڻي سنگره 'رات گذري ويندي' ڇپائڻ جي همت ديپ شِکا پبليڪيشن ڪئي. هن ڪھاڻي سنگره کي بہ ساراهيو ويو Maharashtra State Board of Secondary & Higher Secondary Education. جي نائين، ڏهين، يارهين ۽ ٻارهين ڪلاسن جي سنڌي وشيہ جي درسي ڪتابن ۾ دادا منوهر چگھہ جي ڪھاڻين کي جڳھہ ملي. ممبئي وشو وديالیہ جي بي.اي. پارٽ I جي وديارٿين لاءِ 'رات گذري ويندي' ڪھاڻي سنگره درسي ڪتاب مقرر ڪيو ويو.

مان ديپ شِکا پبليڪيشن طرفان پوري وشواس سان ظاهر ڪري سگھان ٿو تہ دادا منوهر چگھہ کي هيننر سنڌي ساهتيہ ۾ ڪھاڻيڪار جي روپ ۾ هڪ مقبول جڳھہ آهي. ديپ شِکا پبليڪيشن طرفان هاڻي ٽيون ڪتاب 'اڪيلي' پيش ڪندي مونکي بيحد خوشي ٿئي ٿي. ان ڪتاب سان آسان جي Hat-trick ليکي ويندي. اوهان جي رد عمل جو انتظار رهندو.

ممبئي 10 آڪٽوبر 2014

- آسراڻي امر

مهاڳ

نندپڻ جي وڏين وڏين محرومين، اڪيلائين ۽ ارمانن کي ڪڏهن به ڏار نہ ڪرڻ وارو منوهر چگهہ اڄ بہ ساڳيو ئي شخص آهي: خوددار، باضمير ۽ بي باڪ: جنهن پنهنجي مقبوليت لاءِ نہ ڪنهن جا ادبي رنگ چورايا ۽ نہ پنهنجي شخصيت مٿان ڪو خول چاڙهيو آهي. هن جي ڏياتين کان جنم وٺندڙ هيءُ افسانا سندس قلم ۽ شخصيت جي انفراديت جو مظهر آهن. هن جو سمورو تخليقي ادب ان حقيقت جو گواه آهي تہ هوُ سچ چوڻ جي جرئت رکي ٿو: جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي بي وجه ادبي پيوندڪاريءَ کي جاءِ ناهي.

منوهر چگهہ پنهنجي قول ۽ فعل جي هڪجهڙائيءَ سبب ئي تمام اهلڪارن ۾ بيحد عزت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. سچ بہ اهو آهي تہ هڪ حساس اديب پنهنجي معاشري جو اهو فرد هوندو آهي: جنهن کي قدرت کان مليل اها مخصوص حساسيت ئي کيس عام انسانن کان هڪ منفرد درجو عطا ڪندي آهي. هڪ سچو اديب ان پُرڪٽي مٽيءَ جو ٺهيل هوندو آهي. جو سندس جيئڻ جو پنهنجو ئي انداز هوندو آهي. اُهي حساس دل انسان، محبت ڪندا تہ سِرُ بہ گهوري ڇڏيندا ۽ ڪيرُ سندن معيار کان گهٽ نظر ايندو تہ يا عمر وري ان جو منهن بہ نہ ڏسندا.

ڪهڙو بہ فن، ادب توڙي آرٽ منجمد ٿي رهڻ بدران وڌندو ۽ ويجهندو رهي ٿو. منوهر چگهہ بہ اهڙو ئي اديب آهي، جنهن جو ادبي اظهار وقت جي رفتار سان گڏوگڏ نکرندو پيئي رهيو آهي. هوُ جيڪڏهن سرڪاري سطح تي آفيسر بہ ٿي رهيو، تہ بہ هُن پاڻ کي ٻين کان مٿانهون نہ سمجهندي هميشه پنهنجي فرض ادائي ئي ڪندو رهيو. هُن ريڊيو جي ماڌيم سان نہ صرف ٻين ڪيترن لاءِ ادبي ميدان ۾ اسرڻ لاءِ راه هموار ڪئي، بر بذات، خود پاڻ بہ ان

هن کان اڳ منهنجي لکيل ڪهاڻين جا ٻه مجموعا شايع ٿيا آهن. پهريون ڪهاڻي سنگرهه 'نئون يگ' 2009ع ۾ ۽ ٻيون ڪهاڻين جو ڪتاب 'رات گذري ويندي' 2010ع ۾ شايع ٿيو. هاڻ ٽيون ڪهاڻي سنگره 'اڪيلي' پيش ڪري رهيو آهيان. سنڌي ساهتيه جي املهه خزاني ۾ هن نماڻي جو ڏُکو داخل ٿئي ته مان پاڻ کي خوش نصيب پائيندس.

آءٌ هت هڪ ڳالهه ضرور درج ڪرڻ چاهيندس، ته منهنجي ٽنهي ڪتابن کي اشاعت هيٺ آڻڻ لاءِ پورو جس پنهنجي ٻارن ۽ ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي صاحب کي ڏيڻ چاهيندس. مون کي اُهو ڏينهن به ياد آهي، جڏهن مان آڪاشواڻي ممبئي جي اِسٽوڊيو ۾ پرسارڻ لاءِ پنهنجي لکيل ڪهاڻي 'نئون يگ' جي رڪارڊنگ ڪري رهيو هوس. ڊاڪٽر متلاڻي صاحب رڪارڊنگ روم ۾ موجود هو. رڪارڊنگ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب منهنجي لکيل ڪهاڻيءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪئي. هڪ مهان ساهتيڪار، تعليمدان، سنڌي ٻوليءَ جي ماهر ۽ عالم وٽان پنهنجي لکيل ڪهاڻيءَ جي ساراهه ٻڌي مان ته نهال ٿي ويس. مون کيس ٻڌايو ته منهنجي لکيل انيڪ ڪهاڻين مان ڪي آڪاشواڻيءَ جي جدا جدا ڪيندرن تان پيش ٿيون آهن، ڪي اخبارن يا رسالن ۾ ڇپيون آهن ۽ باقي فائيل داخل ٿيون آهن. اِهو هن صاحب جو زور هو ته منهنجون لکيل سڀ ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ ضرور شايع ٿين.

بس! ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي صاحب جي راهنمائي، سهيوگ ۽ اُڪير سببان فائيل داخل ٿيل منهنجي ڪهاڻين کي ڪتابي صورت نصيب ٿي. آءٌ هميشه هن صاحب جو احسانمند رهندس. مان شڪرگذار آهيان سنڌي جڳت جي ساهتڪارن، اخبارن ۽ ساهتيه پريمين جو حق منهنجي ٻنهي ڪتابن 'نئون يگ' ۽ 'رات گذري ويندي' کي مانُ ۽ سنمان ڏنو آهي مون کي وشواس آهي ته هيءَ پيشڪش 'اڪيلي' به اوهان جي دلين کي ضرور ڇهندي ۽ منهنجو لايو ساجايو ٿيندو.

ممبئي 15 آڪٽوبر 2014 — منوهر چگهه

ڳوبندرام نہ تہ سماج جي سامهون جيون جو سچ ٿو سلي سگهي ۽ نہ سچ کان منهن ٿو موڙي سگهي. تڏهن پلاٽ جي سٽاء ۾ ڳوبندرام کي ڀيشم پتامہ جيان تيرن جي سيج تي سمهڻ برابر پڙهندي چڻ سيسراٽ پيا نڪريو وڃن. ان ڪهاڻيءَ جو وري نقطہ عروج بہ ڪيڏو نہ ڇرڪائيندڙ رکيل آهي: جو آخر جڏهن گهوٽيتا سماجي برابريءَ کي فوقيت ڏيندي ڳوبندرام جي خواهش جي پوئواريءَ کي منظور ڪرڻ جو اطلاع موڪلين ٿا تہ مالهي ڪاڪا وري اڳ ئي گهر ڇڏي ڪنهن گمنام منزل ڏانهن هليو ويو هو: تڏهن ڪهڙن نہ پُر اثرائتن لفظن ۾ واقعہ نگاري ڪيل آهي :

”ڪاش اوهان جو هيءُ سنديش ڪالهہ رات اچي ها!“

ڪتاب جي سرورق واري ڪهاڻي 'اڪيلي' جو پلاٽ جيتوڻيڪ ڪو نئون ناهي: پوءِ بہ چگهہ صاحب جي طرز تحرير بيحد جاذب ۽ اثرائتي نموني ڪيل آهي. هندوستاني سماج جو وڏي ۾ وڏو مرض اِهو آهي تہ هتي اڪيلي عورت جو جيئرو رهڻ ئي ڄڻ عذاب آهي: اهڙي موضوع کي ڪهڙي نہ سهڻي ۽ چڀندڙ ٻوليءَ ۾ تحرير ڪيل آهي :

”اڪيلي نار ۽ انيڪ ٻاڇڙيون نظرون هر پل ڳڙڪائڻ لاءِ تيار: ساڌوءَ جي روپ ۾ انيڪ راوڻ ۽ انيڪ لڪشمڻ ريکائون: گهر سنڀالڻ، ٻارُ جي پرورش ڪرڻ، اگني پٿ تي هلندي باھ کان دامن بچائڻ!“

ڪهاڻيءَ جي رتا ۾ اهڙا تہ شفي پهلو اجاگر ڪيل آهن، جو جيڪڏهن هر گهر ۾ ماڌوريءَ جهڙي ڀاڄائي ۽ نندنيءَ جهڙي نڻان هجي تہ جيڪر ڌرتي هڪ سرڳ ٿيو پوي! ماڌوري پرڻجي ساهري گهر اچي ٿي تہ نڻان ڪيڏي نہ ڀاپوھ مان سندس سواڳت ڪندي کيس گهر ڌڻ جو مالڪ چوندي مخاطب ٿئي ٿي: اُتي ئي ڀاڄائي ماڌوري بہ هڪ ميزان ۾ رهندي پاڻ نهٺائيءَ وچان نڻان کي بيحد مهذب نموني چوي ٿي، تہ توهان هن گهر لاءِ گهڻو ڪاجهہ ڪيو آهي: هاڻ توهان کي بہ پنهنجي زندگي ماڻڻ ۽ هن گ هر جي هر شيءِ تي پورو پورو حق آهي!

'سُڏڪو' ۾ زندگيءَ جي ٻي رُخي ڪيڏو نہ انتها تي پهچي ٿي: جو پنهنجي ئي نونهن، سَسُ جي ديهانت کان پوءِ سهري کي ڪليو ڪلايو

قفسي جو هڪ اهم رڪن بڻيو رهيو. ائين ني 'منوهر چگهه سرڪاري آفيسر سان گڏوگڏ 'منوهر چگهه اديب' جو به جنم ٿيو؛ پر هن جي رچنائن کي گهڻو پوءِ ڇاپي صورت ۾ اشاعت ٿيڻ جو شرف مليو.

هيءُ ڪتاب 'اڪيلي' منوهر چگهه جو ٽيون ڪهاڻي سنگرهه آهي؛ جنهن جون تمام ڪهاڻيون فني لحاظ کان پلاٽ، سٽاءُ، ڪردارنگاري، واقع نگاري، نقطه عروج توڙي ٻولي؛ هرهڪ معيار کان بيحد اثرائتيون آهن. اهي سڀ ڪهاڻيون اسان جي پنهنجي معاشري مان ئي جنم وٺندڙ ٿيون، چو ته چگهه صاحب پاڻ به ان ساڳئي ئي سماج جو فرد آهي؛ جتي رهندي ڪيس انيڪ حسرتن، محرومين، ناڪامياين، تنهائين ۽ ڏکن ڏولاون سان سندس قريبي واسطو پئي رهيو آهي.

'سرحدون' هڪ جاندار ڪهاڻي آهي؛ جيڪا پڙهڪن جو دل و دماغ ڏنڊاڙيندي حسرتن جي سمنڊ ۾ ٽهيون ڏياريو ڇڏي؛ جنهن ۾ ورهاڱي جا راڱا به آهن ته لڏپلاڻ جو درد به آهي. ڏسو! هڪ هنڌ ڪيڏي نه پُر اثر منظر نگاري ڪندي چيل آهي :

"اما ڪيترن سالن تائين ادرات جو رڙيون ڪري اٿندي هئي. بابا به اما جي اهڙي حالت ڏسي منهن ڦيري ڌوتيءَ جي پَلوَ سان پنهنجا ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو هئو..... ٻيئي هڪ ماءُ جون لاڏليون، ٻيئي سنڌ ڄايون، هڪ هندو ته ٻي مسلمان؛ هڪ گيتا پڙهندڙ ته ٻي قران پاڪ پڙهندڙ؛ هڪ هندوستاني ته ٻي پاڪستاني؛ اڄ ٻيئي هڪٻئي جي آغوش ۾ هيون؛ جتي نه هنا ڌرم جا ٻنڌڻ ۽ نه هيون ملڪن جون سرحدون!"

لائق ليکڪ، ڪردارن جي اندر ۾ پيهي سندن جذبات ۽ نفسيات جي بهترين عڪاسي ڪئي آهي. 'مالهي ڪاڪا' ڪهاڻيءَ ۾ گوبندرام پنهنجي مالهيءَ جي ڌيءُ کي گود وٺي سالن کان پوءِ اُن ئي نياڻيءَ جي ڪنيادان جو حق پاڻ وٽ ئي ڪم ڪندڙ وفادار بزرگ خدمتگار مالهي ڪاڪا کي ڏيڻ چاهي ٿو؛ پر چوڪري ورون جي ماءُ ان عمل کي پنهنجي عزت تي حملو سمجهي شوخ آواز ۾ اها اڄ ٺڪرائي ڇڏي ٿي. اهڙي حالت ۾

جو ابدار ڪير

جون جو مهينو پورالو ٿيندو آهي. ڏينهن جو ڪڏهن تيز اُس تہ ڪڏهن جهڙاليون فضائون. رات جو هوسٽ. ڇڻ تن بدن مان ٻاڦ پيئي نڪري. دل دعا پيئي ڪري تہ شل جلد بادل وسن تہ ڪا راحت ملي. رات ناول پڙهندي ڪڏهن ننڊ اَچي ويئي، خبر بہ ڪو نہ پيئي. اَڌرات جو اَچي زور سان وسڪارو ٿيو. آواز تي نادان ننڊ کلي پيئي. برسات جي بوندن کان بچڻ لاءِ اُٿي ديوان بند ڪيم ۽ وري اَچي سمهيس تہ ننڊ بہ ڏاڍي بي رحميءَ مان مونکي سوچن جي حوالي اَڪيلو ڇڏي، پاڻ ڪيڏانهن هلي ويئي. هو ڏانهن سوچن پٺيان سوچن، هٽي پريشان ڪري ڇڏيو. صبح جو مٽي مان سور جو سوتون تي اُيريون. آفيس تہ وڃڻو ئي هو. چانهہ جو پيالو ٺاهي، اخبار هٿ ۾ کڻي، اَچي ڪرسيءَ تي ويٺس. اخبار جي پهرين ئي صفحي تي خبر هئي :

> "ممبئيءَ جي مشهور ڊانس بار تي پوليس جو ڪالهہ رات ڇاپو. شراب ۽ نشيدار پدارٿن جي اِستعمال لاءِ چاليهن کي پڪڙيو ويو. جنهن مان ويهہ ڪچڙي عمر جا ڪاليجي وديارٿي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن. هنن سيني جي خون جي جاچ ڪرائي ويندي؛ تيستائين کين پوليس حوالات ۾ رکيو ويو آهي!"

ان خبر سان ڳنڍوڳنڍ واردات جو هڪ رنگين فوٽو پڻ ڏنل هو. فوٽو ۾ اڳيان اڳيان بيٺل هئي منهنجي ڌيءَ پنڪي آنند. منهنجون اکيون دوکو نہ ٿيون کائين. پڪ ئي پنڪي آهي. پنڪي ڊانس بار ۾! منهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا. چانهہ جو ڪوپ هٿن مان ڪِري پيو. ڪوپ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. زمين تي چانهہ جو ڳِدلو داغ پريشان ڪري رهيو هو. بس هاڻ خدا خير ڪري!

چني ڏني تي: تہ مون کان ڀڻ گهرن جو ڪيو نہ ٿيندو. توهان کي سرڪاري پينشن اچي ٿي: ڪٽُ ڪسر ڪندا تہ گهٽو ڪجهہ بچائي سگهندا. سپاٽي کان توهان بہ آزاد ۽ اسان بہ آزاد!

ان طرح سنگره جي ويہ ئي ڪهاڻين جي رچنا ۾ نہ صرف ڪهاڻي ڪلا جي ٽيڪنڪ ايري بيٺي آهي: پر ان سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جو مظاهرو ڪندي انيڪ محاوره ۽ اصطلاح پڻ ڪم آندل آهن: جي هڪ سرل واقعہ نگاريءَ جي حدن کي ڇهندي مواد کي ڪٽي بيهن ٿا. جيئن تہ : 'ڏڪا ڪائڻ'، 'ڪتون پاڇڻ'، 'ٻرندڙ ڪاٺيءَ تي پير رکڻ' ۽ 'پير ٽپڻ' جهڙا تز اصطلاح توڙي 'اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي'، 'جو ڪندو سو پريندو'، 'ادم کان سواءِ پاڳ بہ مندو'، 'ٻڪريءَ کي سانس جي ۽ ڪاسائيءَ کي ماس جي'، 'مِٽي بہ مات مُٽي بہ مات'، 'لنگهي لاٽي لوئي تنهن کي ڪير ڪندو ڪوئي'، 'ويري هڪڙو بہ گهڻو ساڄڻ سَوَ بہ ٿورا'، 'ڪناجو چٽو جوئن کان'، 'زال تہ ماٺو، اُٺ تہ لاٽو، گهوڙو تہ داٽو ۽ مرد تہ ناٺو' ۽ 'ڪير اُيامڻ ۽ ڏيءُ جي وٽڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ لڳي' جهڙا انيڪ محاوره ڪم آئيندي هرهڪ ڪهاڻيءَ جي روح کي صحيح، واضح ۽ چٽي نموني تمام قارئين ڪرام تائين پهچايو ويو آهي.

منوهر چگهہ جون ڪهاڻيون شهري زندگيءَ واري وچولي طبقي جي ڏک درد، پيڙائن، سنگهرش ۽ مسرتن جو داستان آهن: جي ڪڏهن تہ احساسات جي شدت وچان تحرير ٽيل آهن ۽ ڪڏهن تہ طنزيہ انداز ۾ پڻ قلمڪار جي لکڻيءَ جي سونهن برقرار رکڻ واري ڏانءَ جي ساک پرين ٿيون. ڪجهہ ڪهاڻين ۾ مرڪزي خيال جي ڌهراءَ باوجود بہ پڙهندڙ جي دلچسپي قائم رهي ٿي: چاڪاڻ تہ هن جون ڪهاڻيون عام انساني زندگ يءَ جي مسئلن جو گهرو مشاهدو هئڻ سان گڏوگڏ نفسياتي تجزيي جو پڻ سهڻو مثال آهن. منهنجي اِها دلي خواهش آهي تہ منوهر چگهہ صاحب جهڙي باصلاحيت ليکڪ کي وڌ ۾ وڌ قارئين حضرات ملن تہ جيئن تمام پائڪ سندس رچنائن جو لطف بہ ماڻين تہ ادبي دنيا ۾ پڻ هن جو صحيح نموني قدر ڪيو وڃي!

ممبئي

23 آڪٽوبر 2014

-بلديو بختراءِ مٽلاڻي

همٿ ڪري هڪ ڏينهن ڪورٽ ۾ طلاق لاءِ ڪيس داخل ڪيم ۽ هڪ سال اَندر طلاق ملي به ويئي. دل چيو ”رُئائي رهڻ پر هاڃين حياتي.“

ڪورٽ ۾ پنڪيءَ جي سنڀال جي حق جو سوال اُٿيو. آنند قسم نامو داخل ڪيو ته شوڀا نوڪري ڪندڙ آهي. گهر ۾ اَڪيلي رهندي آهي، هن جي پگهار معمولي آهي، هوءَ ٻار جي پالنا سٺي نموني ڪونه ڪري سگهندي. آنند جي گهر ۾ هن جي ماءُ آهي. نوڪر چاڪر آهن. پيسي جي ڪمي ڪين آهي. تنهن سبب ٻار جي پرورش سٺي ڍنگ سان ٿيندي ۽ سڀ کان وڌيڪ آنند پنهنجي ڌيءَ کي ڏاڍو پيار ڪندو آهي. ڪورٽ پنڪيءَ جي پالنا جو حق آنند کي ڏنو.

بس، ڏهن سالن کان مان جدا رهندي آهيان. هاڻ پنڪي اَرڙهن ورهين جي آهي. پيءُ سان آنند ولا ۾ رهندي آهي. ڪاليج ۾ پڙهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون سان ملڻ ايندي آهي.

پنهنجي ڌيءُ سان ملڻ لاءِ ٽيڪسي ڪري اَچي پوليس اِسٽيشن پهتيس. سوچيو هيم ته منهنجي لاڏلي حوالات ۾ پريشان هوندي، روئندي هوندي، اوچنگارون ڏيئي اَچي مون سان ملندي. منهنجي ڀاڪر ۾ سمائجي ويندي. مان هن کي پيار جو هٿ گهمائي آٿت ڏيندس. پر نه! هن جو غصو ستين آسمان تي هو. هن جو سڌو سوال هو تون هت ڇو آئين آهين؟

مونکي تنهنجو هيءُ روئڻ پسند نه آهي. مون ڪانئس هڪ ئي ته سوال ڪيو ته هوءَ ڊانس بار ۾ ڇو ويئي هئي! هن شوخيءَ سان جواب ڏنو

”تون ايترا سوال ڇو ٿي پڇين؟ توکي جواب ڏيڻ لاءِ مان ٻڌل ڪونه آهيان! تنهنجي سوالن ڪري ئي مان توسان ملڻ نه چاهيندي آهيان. هاڻ تون گهر وڃ. منهنجي چنتا نه ڪر.“

هيءُ هئو ڌيءَ ۽ ماءُ جو پوليس حوالات ۾ ميلاپ.

آنڌي جي ڇر آهي. سڪ سان گهر وڃي ڪيئن سمهي سگهنديس! اَچي آنند ولا پهتس! ڏهن سالن کانپوءِ پهريون دفعو اَڄ آنند ولا جي در تي بيٺي آهيان. آنند سان ملڻ جي ڪا به چاهه ڪونه اَٿم پر هن کان ڪي سوال ضرور پڇڻا اَٿم. جيستائين منهنجي سوالن جو جواب نه مليو آهي، مان سک سان سمهي ڪونه سگهنديس. هن مون سان جيڪي ڪيو مون صبر سان سٺو. هن ڪورٽ ۾ پنڪيءَ جي پالنا جي هام هڻئي هئي، ڇا ٿيو! اَڄ

ساڄي شهر ۾ هو هو ٿي ويندي تہ اُديوگ پتي آنند جي ڌيءُ پوليس حوالات ۾ بند! خون ۽ ڪستوري لڪائيندي بہ نہ لڪن! مائهن جو منهن ڀلا ڪير بند ڪندو!

مان اُديوگ پتي آنند جي طلاق ورتل پتني شوڀا آهيان. منهنجي شادي آنند سان ويہ سال اڳ ٿي هئي. جڏهن هو اَجا هڪ ننڍي ڪارخاني جو مالڪ هو ۽ مان هڪ سرڪاري آفيس ۾ ڪلارڪ هئس. اَڄ بہ اُنهيءَ آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ آهيان. شاديءَ جو هڪ سال سک سان گذريو. پر جڏهن مون پنڪيءَ کي جنم ڏنو تڏهن تہ گهر جون حالتون ئي ڦري ويون. سس هئي: جنهن اُٿندي ويهندي ڀاڀرا ڪندا ٿي چپيا. هن چاهيو ٿئي تہ شوڀا پٽڙو. يعنيٰ گهر کي وارث ڄڻي ڏيندي. هوءَ ڀار کي سوني هندوري ۾ ويهي لوڏيندي. هن جو ونش هن جهان ۾ قائم دائم رهندو. پر ڄائي ڌيءُ. هاڻ شوڀا ڇا ڪري!

سس صاحبہ پنهنجو فرمان جاري ڪيو تہ شوڀا نوڪري تان اِستعفيٰ ڏيئي گهر ويهي پنهنجي ڌيءُ جي پالنا ڪري ۽ سس جي شيوا ڪري. آنند بہ اُنهن ڏينهن ۾ پنهنجو ڪاروبار وڌائي رهيو هو. ڏسندي ڏسندي هو هڪ قابل اُديوگ پتي بڻجي پيو. هن جو گهر ڏانهن ڌيان اَصل ڪونہ هو. صبح کان رات تائين هن لاءِ بس ڪم ۽ ڪم. هيڏي وڏي 'آنند ولا' ۾ مان پنهنجي پتيءَ هوندي بہ اَڪيلي هئس. سس جا سوما ڪيترو وقت سهنديس! هڪ ڏينهن آنند کي شڪايت ڪيم. هن بہ ڪن لاٽار ڪري ڇڏي منهنجي لاءِ زندگي وڌُ جو وتو بڻجي پيئي. تنهن هوندي بہ پنهنجي ڌيءَ پنڪيءَ جي صدقي اُن نرڪ ۾ اَٺ سال ڪلندي روئندي گذاري ڇڏيا. اُميد اِها ئي هئي تہ باقي زندگي بہ گذري ويندي. پر ائين نہ ٿيو . آنند جي ماءُ مونکي پريشان ڪري ڇڏيو. گذ پيد ٽڪرن مان ڀائي سڪائي ڇڏيو. هڪ ڏينهن ويچار آيو تہ جيون ايشوري سوغات آهي. مالڪ تہ هر ڪنهن کي جيون مائڻ لاءِ بخشيو آهي. زندگيءَ جو مطلب ئي آهي زنده دلي: پوءِ مان ڇو پل پل جا سور سهان! دل مان آواز آيو آهي:

> ''شوڀا! جي گرهستي، بوجهہ بڻجي پوي ۽ ڍوئي نہ سگهجي تہ بوجهہ کي پاسيرو رکي زندگي اڪيلو بہ گ هاري سگهجي ٿي. تون ڇو ٿي پنهنجو وجود قربان ڪرين. ضروري نہ آهي تہ ناري هميشه داسي ٿي رهي. تون هن گهر کان پنهنجا بند آجا ڪر ۽ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪر.''

ڪري منهنجي گهر ٺڪرائي ڇڏي. تو چيو ته تنهنجي ماءُ پنڪيءَ جي پرورش ڪندي، ڇا اها آهي تنهنجي ماءُ جي پرورش!“

هن ٺهر سان وراڻيو ”شويا! پنڪيءَ جي پالنا ۾ ڪا به ڪسر ڪونه ٿي آهي. هن کي نويڪلو ڪمرو آهي. پڙهائيءَ لاءِ به ماستر رکيا ويا آهن. موٽرڪار آهي. هن لاءِ خاص نوڪر آهي. هن جي هر خواهش پوري ڪئي ويندي آهي ...“

”مان پڇان ٿي ته توکي خبر آهي هن جا دوست ڪير آهن؟ ڇا هوءَ ڊانس بار ۾ ويندي آهي؟ نشيدار شيون وٺرائيندي آهي؟ ڏينهن ۾ گهڻو خرچ ڪندي آهي؟“ مون واکو ڪندي آنند کان پڇيو.

”شويا! توکي هر سوال پڇڻ جو حق آهي. تو پنڪيءَ کي جنم ڏنو آهي. پر اِهو به سچ آهي ته اَما پيءُ ٿي ويئي آهي. مان پنهنجي ڌنڌي ۾ ايترو مشغول آهيان جو پنڪيءَ کي ڏينهن ۾ ڏه منٽ به ڏيڻ مشڪل آهن. سڀ ڪان وڌيڪ پنڪي ڪنهن کي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي، مان مڃان ٿو ته پنڪيءَ جي پرورش ۾ مون کان اَنيڪ غلطيون ٿيون آهن. پر تون چنتا نه ڪر، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. مون اڄ سويل صبح جو شهر جي مشهور وڪيل سان ڳالهايو آهي. هو ڪورٽ ۾ حاضر رهندو. پنڪيءَ کي باعزت آزاد ڪيو ويندو. هوءَ جلد ئي گهر موٽي ويندي.“ آنند وشواس سان چيو.

آنند جي ان وشواس تي منهنجي من کي ڪو به قرار نه مليو. پر ته به مان ڇا ٿي ڪري سگهان! هن گهر سان منهنجو ڪو رشتو ئي نه رهيو آهي. هاڻ ڪهڙي هُجت هلايان ۽ ڪهڙي اَڌيڪار سان هُجت هلايان. من ملول ٿي ويو. اَندر مان اهوئي آواز آيو ته شويا! هاڻ ڪاڇهه به ٺيڻ وارو نه آهي. تنهنجي ڌيءُ جو آئينده روشن نه آهي. پشاچمي سيتا جي رنگ ۾ هوءَ پوريءَ ريت رڱجي ويئي آهي. هاڻ هوءَ ڪنهن کي به نه ٻڌندي. جو انهي بي لغام گهوڙي جيان اَلهڙ ٿيندي آهي. هن مٿان ماءُ جي ممتا جو سايعو هجي ها ته اَڄ هيءُ ڏينهن نه ڏسڻو پوي ها! هيءُ مان ڇا سوچي رهي آهيان! آزاد زندگي

پنڪي پوليس حوالات ۾ آهي! آنند مون سان دوکو ڪيو آهي. هاڻ هن جي من ماني نه سهنديس.

آنند ولا جي در تي بيٺل چوڪيدار سوال ڪيو

”آپ ڪو ڪِس سي ملنا هئہ؟“

هاڻ هن کي ڪهڙو جواب ڏيان! چيو مانس

”صاحب ڪو بولو شويا آئي هئہ.“

چوڪيدار اِنٽرڪام تي آنند کي نياپو پهچايو. دروازو کوليو ۽ مان اَچي ديوان خاني ۾ صوفا تي ويٺس. هڪ منٽ ۾ آنند بہ اَچي سامهون ويٺو. نوڪر چانهہ جا ٻہ ڪوپ ٽيبل تي رکي ويو. سلسلو آنند ئي شروع ڪيو ۽ چيائين:

”شويا! تون ڏاڍي ٿڪل ٿي لڳين. پهريائين تون چانهہ پي وٺ پوءِ ويهي ڳالهيون ڪريون. مون کي پڪ هئي تہ تون اخبار ۾ خبر پڙهي هت ضرور ايندينءَ.

هيءُ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي! هن جي ڌيءَ پوليس حوالات ۾ آهي ۽ هو گهر ۾ بالم بڻجي ويٺو آهي. ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي نہ آهي! منهنجي من ۾ سوين طوفان اُٿي رهيا هئا. پنهنجي ڌيءُ کي حوالات ۾ ڏسي منهنجي اَندر ۾ غصي جي سونامي پڙڪو ڪائي اُٿي هئي. مان جوالا مکيءَ جيان هن کي هر مٿان قاتڻ ۽ وچ جيان ڪڙڪڻ ٿئي چاهيو. هو شِو ڀڳوان جيان شانت، ڄڻ سماڌيءَ ۾ منهنجي سامهون ويٺو هو. مان نہ روئي ٿئي سگهيس نہ رڙ ڪري ٿي سگهيس. فقط هڪ ئي سوال زبان تي آيو:

”آنند! منهنجي پنڪي حوالات ۾ قيد آهي. جوابدار ڪير آهي؟“

هن جو جواب بہ نرالو هو. چيائين

”شويا! پنڪي هٿن مان نڪري ويئي آهي. تنهن لاءِ اَسين سڀ جوابدار آهيون. تون، مان ۽ حالتون. . .“

مون هن کي وچ ۾ ڪٽيندي چيو ”اَڙي واه! هاڻ مونکي چو تو جوابدار ٺهرايو وڃي! مون تہ ڪورٽ ۾ پنڪيءَ کي پاڻ سان رهائڻ جي طلب ڪئي هئي. تونئي قسم نامو پيش

خطا

پرينڪا کي ڪيتري ڀوليان! هڪ سال کان حيران پريشان آهيان. جيسين ساهه آهه، تيسين آس آهه. دهليءَ ۾ پرينڪا جي سيني ساهيڙين، دوستن، مٽن مائٽن سان مليو آهيان: پر ڪنهن مان به هن جو پتو نٿو پوي. هن جو سيل فون بند آهي. راتو رات هوءَ مسو اڙي گهر کي تالو پائي پنهنجي ماءُ سان دهليءَ جا وڻ ڇڏي، خبر نه آهي ڪيڏي هلي ويئي !

پرينڪا ۽ مان دهليءَ ۾ هڪ ئي ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. هوءَ مون کان هڪ سال جونير هئي. ڪاليج ۾ 'سنڌي ناٽڪ سڀا' هئي. مونکي ناٽڪ ۾ پارٽ وٺڻ ۽ ان جي هدايتڪاري ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هئو. هاڻ به دهليءَ جي مشهور ڊراما اِسڪول ۾ ناٽڪ ڪلا جو ڪورس ڪري رهيو آهيان. منهنجي پرينڪا سان ملاقات به سنڌي ناٽڪ جي سلسلي ۾ ٿي. اسان جي ناٽڪ سڀا جي هڪ مکيه ڪلاڪاره هئي سنيتا. منهنجو ان تي پورو ڀروسو هو. سنيتا کي ناٽڪ ۾ ڪو به رول ملي: هوءَ پنهنجي اَداڪاري ۽ چترائيءَ سان درشڪن جي واه واه لٽي ئي ويندي هئي. اوچتو سنيتا جي شادي مدراس ۾ طئه ٿي. هوءَ جلد ئي اسان کي ڇڏي پنهنجي ور گهر وڃڻ واري هئي. دل ۾ خوشي هئي ته سنيتا جي شادي ٿي رهي آهي: پر ساڻ ساڻ من پريشان به هو ته سنيتا جهڙي قابل ڪلاڪاره وري اسان کي ڪيئن ملندي!

خير هڪ ڏينهن سنيتا پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ کي ساڻ ڪري اَچي منهنجي سامهون بيهندي چيو،

"سر! توهان کي منهنجي جاءِ تي هڪ ڪلاڪاره گهرجي نه! وٺو هيءَ ڪلاڪاره! هيري جي ڪٽي اَٿوَ هيءَ منهنجي ساهيڙي پرينڪا! اسانجي ڪاليج ۾ ئي پهرين سال ۾ پڙهندي آهي. توهان کي هاڻ پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي."

جيئن جي لالچ ۾ ڪٿي مون کان ٿي ته اَنرٿ نه ٿيو آهي! مون ٿي پاڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙو ته نه هنيو آهي! هاڻ ڏڏل کير ٿئين ته نه پوندو. بس مالڪ مهر ڪري!

مان اُٿي کڙي ٿيس. آنند به پنهنجي صوفا تان اُٿيو. منهنجي پاسي ۾ اَچي ويٺو. منهنجو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ سوگهو جهليائين. ڏهن سالن کانپوءِ مان آنند جي ڇهڻ جو سک ماڻي رهي هيس. تن بدن ۾ پيار جا ترنگ محسوس ڪري رهي هيس چاهيندي به پنهنجو هٿ هن جي هٿن مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪو نه ڪيم. فقط بُت بڻجي ويٺي رهيس. چپ پل ته نٿي چُريا پر منهنجي دل جي تيز ڌڙڪن منهنجا ڪن صاف ٻڌي رهيا هئا.

آنند پاهوه سان چيو ”شويا! مان تنهنجي ويدنا سمجهان ٿو. مان پاڻ پنڪيءَ بابت ڪجهه ڏينهن کان پريشان آهيان. تو سان صلاح مصلحت ڪرڻ ٿي چاهيم. تنهنجي گهر اَچڻ ٿي چاهيم. پر همٿ سات نه ڏنو. بد قسمتيءَ سان اَڄ هيءُ شرمسار واقعو ٿي پيو آهي. هيءَ اَسان ٻنهي لاءِ پريشانيءَ جي گهڙي آهي. اَڄ ته پنڪي ڪورٽ مان آزاد ٿي گهر ڀڄي ويندي، پر اِڳتي جو ڇا ٿيندو! منهنجي هڪ اِلتجا آهي.“

منهنجون اَکيون آنند جي چهري تي هيون. جتي هڪ ئي وقت اَنيڪ ڀاو نظر اَچي رهيا هئا. هو شايد پنهنجي سمجهاڻ کي رکڻ لاءِ من ئي من ۾ شبدن جي چونڊ ڪري رهيو هو. هن جا چپ ڪجهه بيان ڪرڻ لاءِ ماندا هئا. هن مونکي وري صوفا تي ويهاريو. پاڻ پاسي ۾ تي ويٺو. منهنجو هٿ اَڃا هن جي ٻنهي هٿن ۾ هو. هن ڀُڻ ڀُڻ ڪندي چيو

”شويا! گهر ڏياٽي آهي ته گهر آهي نه ته چار ديوارون. ماءُ کان سواءِ ٻار جي پرورش ڪو به نٿو ڪري سگهي. ماءُ ئي سنسڪارن جي جنني آهي. سنسڪارن کانسواءِ انسان ڄڻ حيوان آهي. پنڪي اَسان ٻنهي جي اَڪيلي سنتان آهي. مان پنڪيءَ جي هيءَ حالت سهي نٿو سگهان. تون واپس گهر اَچ. پنهنجو گهر سنڀال. پنڪيءَ کي تنهنجي سخت ضرورت آهي. تنهنجي ممتا ئي هاڻ پنڪيءَ کي بچائي سگهندي. هيءَ حالت ۾ اُب اڪيلي پيو ڏسائجي. فيصلو توکي ڪرڻو آهي. ڪالهه گذري ڪالهه سان: اَڄ آهي نئون سويرو! تون مونکي 'نه'. نه ڪجهه!

”پريت لڳائي توسان ساڄن دل جو درد پرايم“

هوءَ منهنجي پيرن تي مٿو رکي اوڇنگارون ڏيئي روئي رهي هئي. حاضرين زوردار تاڙين سان پرينڪا جي لاجواب اَداڪاريءَ کي داد ڏنو. ڪيترو وقت تاڙيون وڄنديون رهيون.

ان رات بہ مان پرينڪا کي هن جي گهر تائين ڇڏڻ ويو هوس. هوءَ ڏاڍو خوش هئي. مون کيس چيو.

”پرينڪا! اَڄ تنهنجي اَداڪاري لاجواب هئي تنهنجي هن جوهر مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. مون جهڙو سوچيو هو تهڙو ئي سڀ ٿيو: تنهن لاءِ توکي آفرين هجي.“

پرينڪا منهنجن چپن تي هٿ رکندي چيو.

”اها اداڪاري نہ هئي، اها سچائي هئي، منهنجي اَندر جو آواز هئو، پيار جو اظهار هئو. مان توکي پيار ڪريان ٿي. توکي دل ڏني اَٿم. اِهو پيار يلا ڪيترو وقت لڪائي رکنديس. عطر ۽ عشق نہ لڪن، توڙي حيلا ڪجن هزار. ڪونرو ڪالهہ بہ هئي. ڪونرو اڄ بہ آهي.“

اهو سڀ چئي مسڪرائيندي لهرائيندي هوءَ پٽ ورائي پنهنجي گهر اندر هلي ويئي. مان هن جي ان اَدا تي دنگ رهجي ويس. ڪجهہ دير دروازي ڏانهن ڏسندو رهيس. پوءِ ڪاليج هاسٽل هليو ويس.

ٻيون ڏينهن آرتوار هو. سڄو ڏينهن ’ليلا چنيسر‘ ناٽڪ جي ڪاميابيءَ جو سک ماڻيندي، پرينڪا جي پيار جي اظهار بابت ويچاريندي گذاري ڇڏيم. سومر ڏينهن صبح سان مان پرينڪا سان ملڻ لاءِ ماندو هوس. هن کي فون ڪيم. هن جو سيل بند هو. ڪاليج ۾ بہ پرينڪا جو پتو ڪونہ پيو. هن جي گهر ويس: در تي تالو لڳل هو. پاڙي مان ڄاڻ پيئي تہ پرينڪا ۽ هن جي ماءُ. سامان سڙو ٻڌي ڪنهن دور مسافريءَ تي آرتوار رات جو هلي ويا آهن. ڪٿان بہ هنن جو سرنامو ملي ڪونہ سگهيو. ائين هڪ سال کان پرينڪا کي هِتي هُتي ڳولهي رهيو آهيان.

دهليءَ ۾ هاڻ من نٿو لڳي. ڊراما اسڪول مان پندرهن ڏينهن موڪل وٺي، پيڻ سان ملڻ لاءِ ممبئيءَ آيو آهيان. ٻہ ڏينهن کان بيمار آهيان. هڪ نرسنگ هوم ۾ داخل ٿيو آهيان. ڊاڪٽر چيو آهي: آرام اَچي ويندو. اَڄ صبح کان

پرينڪا منهنجي سامهون هئي. گورو چٽو رنگ، تراشيل روش، سانوڻ جي گهٽا جهڙا وار، مدهوش ڪندڙ اکيون، گلاب جي رنگت وارا سنهڙا چپ، مضبوط ۽ قداور قد ڪاٺي؛ پڪ ئي پڪ اندر ديوتا جي سڀا جي ڪا راڄ نرتڪي پئي ڀاسي. مان ته هن کي ڏسندو ئي رهيس. پهرين نظر ۾ ئي پنهنجي دل لٽائي ويٺس. مس مس پاڻ تي قابو پائي سنيتا کي چيم،

"سنيتا! مان هڪ نئين ناٽڪ 'ليلا چنيسر' جي اسڪرپٽ تي ڪم ڪري رهيو آهيان. تنهنجي ساهيڙي پرينڪا 'ڪونرو' جي رول ۾ بلڪل مڪمل آهي. اسين جلد ئي ريهرسل شروع ڪنداسين. ڪاليج جي ساليانې جلسي ۾ معزز مهمانن اڳيان ناٽڪ پيش ڪنداسين."

اِها هئي پرينڪا سان منهنجي پهرين ملاقات. بس پوءِ ته هوءَ ڄڻ منهنجو پاڇو بڻجي ويئي. روز شام جو ناٽڪ جي اِسڪرپٽ تي ويچار، ڪلاڪارن جي چونڊ، ويس وڳن جي چونڊ؛ انيڪ ريهرسلس؛ سڀ جو سڀ ۾ هوءَ منهنجي ٻانهن ٻيلي هئي. هر شام مان هن کي سندس گهر تائين ڇڏڻ ويندو هوس.

'ليلا چنيسر' شاه جي سٽ لوڪ ڪهاڻين مان هڪ ڪهاڻي آهي. جنهن مان سنديت صاف پيئي جهلڪي. شاهجو ايمان آهي ته مايا جو موه ۽ پريتم جو پيار پيئي گڏ نه رهي سگهندا. جو ڏئي ٿو سو پائي ٿو. قربانيءَ جو پيون نالو آهي، پريم.

ناٽڪ درشڪن اڳيان پيش ٿيو. مونکي ناٽڪ جو اُهو درشيه بلڪل ياد آهي. ليلا عاليشان ڪمري ۾ ويٺل آهي. راجا جي اَچڻ جو انتظار ڪري رهي آهي. پرينڪا، ڪونروءَ جي روپ ۾ ڪمري اندر اَچي ٿي. نولکو هار گلي مان لاهي ليلا اڳيان پيش ڪري ٿي. هار وٺي ليلا ڪمري مان نڪري وڃي ٿي. مان چنيسر جي روپ ۾ نشي ۾ چور ڪمري ۾ اچان ٿو ۽ وڃي سيج تي سمهان ٿو. ڪونرو هٿ ۾ کير جو گلاس کڻي اَچي سيج وٽ ويهي ٿي. گلاس پاسيرو رکي منهنجي پيرن مان جتي لاهي پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ سان منهنجن پيرن کي پيار سان مالش ڪري ٿي. پاڻوه سان پڻ پڻ ڪندي چوي ٿي،

"منهنجا ساجن! ٻانهيءَ کي ڪيترو انتظار ڪرايو اَٿو. ورهين کان چاه هئي ته داسي ٿي پنهنجي ساجن جي سيوا ڪريان ۽ راهُ ريجهايان. مس مس قادر منهنجي ٻڌي آهي." رات ٿوري سات گهٽا. ڪونرو هٿ ۾ وڃڻو کڻي هوا ڪندي گنگنائي ٿي،

”تنهن ڏينهن ’ليلا چنيسر‘ ناٽڪ کان پوءِ تو مونکي گهر وٺ چڏيو. مان ڏاڍي خوش هيس. توکي منهنجي اداڪاري پسند آئي. مون پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو. من ۾ انيڪ سپنا سانجائي در جي چائنٺ اندر قدم رکيم. گهر اندر ممبئي کان آيل منهنجو مامو ويٺو هو. مامو منهنجو ئي انتظار ڪري رهيو هو. اُت تڏهن پئي ڊنا جڏهن پورا پئي سبيا. مان پانچي ويس ته ضرور ڪاجهه ٿيٺو آهي. مامي، بنا ڪنهن پوڪا جي حڪم جاري ڪيو ته گهر جو سامان سهيڙيو؛ توهان کي ممبئيءَ هلڻو آهي. مون تنهنجي شادي طئه ڪئي آهي. چوڪرو امريڪا مان آيل آهي. پندرهن ڏينهن ۾ هو شادي ڪري واپس امريڪا ورندو. تون پاسپورٽ ۽ ويزا ملڻ کان پوءِ امريڪا هلي ويندين. هو تنهنجي ماءُ لاءِ ممبئيءَ ۾ هڪ فليٽ خريد ڪري رهيو آهي. هر مهيني تنهنجي ماءُ کي خرچ لاءِ پيسا موڪليندو رهندو. تنهنجي اَما اَجا گهڻو وقت گهر گهر ۾ ليپو پهاري ڪندي رهندي! هن شاديءَ سان تون به سکي ٿيندينءَ ۽ تنهنجي ماءُ به ساه پٽيندي. هھڙو سٺو ور گهر توکي وري ڪونه ملندو. تنهنجي ماءُ رشتي لاءِ راضي آهي. بس تنهنجي رضامنديءَ لاءِ ويٺو آهيان.

سڄي رات سوچيندي رهيس. غريبي لعنت آهي. منهنجي ماءُ پورهيو ڪري مونکي پڙهائي رهي آهي ۽ منهنجو پيٽ پالي رهي آهي. منهنجي شاديءَ سان هن جو پيداپو سنو ارجي پوندو. هن کي پنهنجو آشيانو ملندو. سچ چوان ته ڪٿي منهنجي من ۾ به امريڪا جي سکن ماڻڻ جي تمنا جاڳي اُٿي هئي. بي حساب پيسو، موٽر ڪاريون، اوچيون عمارتون ۽ جيون جا سک سڀ للچائي رهيا هئا. غريبيءَ کان نجات پائڻ لاءِ پنهنجي ماءُ جي صدقي ۽ مايا جي موه ۾ ڦاسي، انتي کوه ۾ ٽپو ڏيئي ويٺيس.

ليلا جيان منهنجو من به ڪنڇن جي مايا چار ۾ ڦاسي پيو. اکيون ڏنڌليون ٿي ويون. سچ ۽ ڪوڙ جي ڪا پروڙ ئي ڪونه پيئي. ٻئي ڏينهن دهليءَ جي مسو اڙي گهر کي قلف پائي ممبئي ڏانهن روانا ٿياسين. ٻن ڏينهن کان پوءِ هڪ مندر

راحت محسوس ڪري رهيو آهيان. دهليءَ واپس ورڻ جو سوچي رهيو آهيان. منهن پٽ ڏي ڪري ليٽيو پيو آهيان. سچ ته پرينڪا بابت ئي سوچي رهيو آهيان. ڪٿي هوندي! ڪهڙي حال ۾ هوندي!

اوچتو ڪنهن جو ہانهن تي ٿڌو ڇهاءُ محسوس ڪريان ٿو. پاسو ورايان ٿو: منهنجي سامهون بيٺل آهي. نرس جي روپ ۾ مسڪرائيندي منهنجي پرينڪا! ہنهي کان هڪ ئي وقت ڇرڪ نڪري ويو. مان ٽپ ڏيئي اُٿي ويهي ٿو رهان. پرينڪا ڪي پنهنجي آغوش ۾ سمائي ٿو ڇڏيان. شايد اِهو ئي پڙڪي رهيو هوس.

”پرينڪا! پرينڪا تو ڪيترو مونکي ستايو آهي.“

پرينڪا ته بس زار زار روئي رهي هئي. خبر نه آهي ڪيترو وقت هوءَ منهنجي آغوش ۾ سمايل هئي. جڏهن ہنهي هوش سنڀاليو تڏهن ہيئي اُٿي ڪڙا ٿياسين.

اَسين اَڇي سمنڊ جي ڪناري ڪارٽر روڊ تي هڪ بينچ تي ويهون ٿا. آسمان ۾ ڇُٽ پُٽ بادل آهن. سمنڊ تمام شانت آهي. مٺڙي هير لڳي رهي آهي. منهنجي پريتما منهنجي پاسي ۾ آهي. مون پرينڪا کي چيو،

”مٺي! هاڻ تون پنهنجي دل جو داستان ٻڌاءِ. مونکي ڇڏي تون ڪٿي غيب ۾ گم ٿي وئينءَ ؟ نه ٻڌائڻ چاهين ته تنهنجي مرضي. تنهنجو ملڻ ئي مون لاءِ جنت آهي.“

پرينڪا جو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي ليٽيل آهي. هن هڪ سڏڪو ڀري چيو،

”توکي نه ٻڌائيندس ته ڪنهنکي ٻڌائيندس. تو سان پيار ڪيو اَٿم. پيار جو اظهار ڪيو اَٿم. قسمت ۾ ڪا ڪان اَٿم جو غلطي ڪري ويٺيس. اَڄ ڏينهن تائين پڇتائي رهي آهيان. ڇا تو ڪري سگهاجي. پنهنجي ڪئي جو نه ويڄ نه طبيب. پل پل خطا جي سزا ڀوڳي رهي آهيان.“

پرينڪا ڪجهه وقت چپ رهي. شايد سوچي رهي هئي ته داستان ڪٿان شروع ڪري. هوءَ سڌي ٿي ويٺي. هن پنهنجي تن من تي قابو پائي ورتو. جهيڻي آواز ۾ پنهنجي ويدنا بيان ڪرڻ شروع ڪيائين.

ڏيئر پرايو ڏڻُ

ساڃ چيو اٿن تہ ڏيءَ ڏڻ وڏي تہ پيءُ پريشان ٿئي: شادي ڪري تہ چنتا لهي. ڪالهہ تائين گهر ۾ 'پپا... پپا' جي گونج هئي. هڪ مٺي لات دل کي سڪون پيئي ڏيندي هئي: اڄ گهر ۾ سناٽو ڇانيل آهي. گهر جون ديو ارون پاڇن ٿيون تہ هن گهر جي آتما ڪيڏانهن ويئي. منهنجي سناڃوُ ڪالهہ شادي ڪري پنهنجي ور گهر هلي ويئي. شل شاد هجي. آباد هجي. هن کي ڪوسو واءُ نہ لڳي.

ويہ سال اڳ جو اهو ڏينهن ياد آهي. مدو ۽ منهنجي شاديءَ جو سلوَر جبلي سال هو. اسان ٻنهي پنجويہ سالہ جشن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. ان موقعي تي مون مدوءَ کي ڪو اُپهار ڏيڻ ٿي چاهيو. مون مدوءَ کي چيو،

''مٺي سياڻي جويري بازار هل تہ توکي سٺو هيرن جو هار اُپهار ۾ وٺي تو ڏيان.''

مدوءَ هڪ ٺهڪ ڏنو. چيائين،

''سوغات ڏيڻ چاهيو ٿا تہ سوغات منهنجي من پسند هئڻ گهرجي. مونکي هيرن جو هار نہ گهرجي.''

''ٻڌاءِ توکي ڇا گهرجي؟'' مون چيو.

''جيڪي چوندس سو ڏيندا؟'' مدوءَ چيو.

مون سوچيو تہ مدوءَ جو ماڻو حق جو آهي. چوڻي آهي 'زال تہ ماڻو، اٺ تہ لاڻو، گهوڙو تہ داڻو، مرد تہ ناڻو' تنهن لاءِ مدوءَ جي ماڻي جو مانُ رکندي مون چيو،

''ها جيڪا سوکڙي تون چوندينءَ سان توکي ملندي.''

۾ منهنجي شادي NRI رميش سان ٿي ويئي. نہ هنا ڇاڇي نہ هنا ماڃي. هنا تہ فقط سپنا ۽ مرگهہ ترشنا. اسان جو سٽن ڏينهن جو هني مون گوءا جي ريت تي اڏيل هوٽل ۾ پورو ٿي ويو. ٽن ڏينهن کان پوءِ رميش امريڪا روانو ٿي ويو.

مان پوري. هن جي هر واعدي تي وشواس ڪندي رهيس. امريڪا پهچي هو منهنجي ويزا جو بندوبست ڪندو. ممبئيءَ ۾ اما لاءِ جڳهہ خريد ڪرڻ لاءِ هو پيسن جو ڊرافٽ موڪليندو. مان ڇريءَ نہ هن کان سندس پاسپورٽ جي ڪاپي ورتي ۽ نہ هن جي پوري ائڊريس. بس هش ۾ خوش هئس تہ هن وٽ پيسو آهي. امريڪا ۾ هن کي پنهنجو هوٽل آهي. اڄ ڏينهن تائين هن جو ڪو اتو پتو نہ آهي. هن کي ڀُولهڻ آهي واريءَ مان تيل ڪڍڻ. مامو بہ منهنجي قسمت کي ڏوه ڏيئي چپ ڪري ويٺو آهي. اَبا اَدا گهڻا، پر ڪنهن نہ وڏا ڪڻا. راڌا نرسنگ هوم ۾ ڪم ڪري پيٽ پالي رهي آهيان. زندگي ڇڙ رڪاجي ويئي آهي. بدنصيبي ڀڏائي ٿي تہ نصيب ڇا ٿيندو آهي.

توکي پل پل ياد ڪريان پيئي. پر ڪهڙي منهن سان تنهنجي سامهون اچان! مايا جي موه منهنجو سڀ ڪاجهہ لٽي ڇڏيو. مان تنهنجي ناٽڪ جي نائڪا ڪونرو جيان راءُ تہ نہ ريباجهائي سگهيس. ڪناچن جي چاه ۾ ليلا بڻجي ئي رهجي ويس. نہ جيون جو سک ماڻي سگهيس نہ رانول پائي سگهيس. بس خطا جي سزا ڀوڳيان پيئي.

"الا منهنجي جيءَ تي، زور وڏو زنجير،

منهنجي وتيءَ کير، وِهُ ڪڏيو تو سومرا"

اِهو سڀ چئي پرينڪا چپ ڪري ويهي رهي. مون کيس ڏڍ ڏيندي چيو.
"مني! زندگي هڪ ناٽڪ آهي. ناٽڪ ۾ انٽرويل ٿئي: پر زندگيءَ جي ناٽڪ ۾ بلڪل نہ! هن ناٽڪ جي شروعات آهي جنم ۽ انت آهي موت. جيون ۾ انيڪ حادثا ٿين ٿا. ڪي مايا ۽ موه ڪارڻ تہ ڪي پرم ۽ اڻ ڄاڻائيءَ سببان. توکي هيءُ سڀ حادثو سمجهي وساري اڳتي وڌڻ گهرجي. دنيا سڀ د ناه. ڪه ڪه تا... تنهن... ه! اسانکه تہ حسه... ڪڏحہ ماڻنه آهه.

متوءَ ٻار جي سر تي هٿ رکيو. ٻار کان هن جو نالو پڇيو. ڇوڪري چاڪ پاسيرو رکي متوءَ جي ڀاڪر ۾ سمائجي ويئي. ٻنهي جي اکين ۾ لڙڪ هئا. روئندي هن پنهنجو نالو ٻڌايو 'سناجيوني'. ٻار کي اهو نالو ڪنهن ڏنو هو. خبر نه آهي؛ پر متوءَ جي جيون لاءِ هوءَ برابر سناجيوني ٿي هئي.

متوءَ ۾ هاڻ نئون امنگ ۽ اتساهه هو. مون هن کي اهڙو خوش ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. سچ لهي چڙهي' سناجيوني' يعني 'سناجوءَ' تان. سناجوءَ لاءِ ڪهڙي ڊريس خريد ڪرڻي آهي! سناجوءَ کي ڪيڏانهن گهمڻ وٺي هلڻو آهي! سناجو ڇا کائيندي وغيره!. متوءَ سڀ کان وڌيڪ حڪم جاري ڪيا پنهنجي پٽ اپيه لاءِ. توکي ڀيڻ سان پيار سان پيش اچڻو آهي. جيڪا شيءَ هوءَ گهري کيس ڏيڻي آهي. هن کي ڪڏهن به روئارڻو نه آهي؛ ٻيءَ حالت ۾ تنهنجي خرچي بند. سناجو ته ساڄي گهر جي اکين جو تارو هئي ۽ هر ڪنهن جي دلاري هئي.

اسان جي شاديءَ جي سلوَر جبلي اُتسو ۾ آيل سيني مهمانن جو ڌيان ڇڪايو ته سناجيونيءَ. متوءَ سيني مٽن مائٽن، يارن دوستن ۽ پاڙيوارن سان سناجيونيءَ جي واقفيت وڏي ڇوڄ سان ٿئي ڪرائي. سيني کي چيائين ته اسان جي گهر جي راڄ راڻي آهي سناجو. هينئر اسان جو پريوار مڪمل آهي. گهر ۾ ڌيءَ به آهي ته پٽ به آهي. بنا سورن ڪاٽي ئي مونکي ڌيءَ ملي آهي. مالڪ جي وڏي مهر آهي. متوءَ جي مُنهن تي ته سيني کيس واڌايون پئي ڏنيون؛ پر هن جي پٺيان سيني سس پس پئي ڪئي. متوءَ جي هڪ ساهيڙيءَ نقط ڇيني ڪندي چيو،

> ''ٻُڌڻ ويو اٿس وسري لُڏڻ آيو اٿس ياد. هڪ ٻار سان ڇتي پٽي ويٺي هئي؛ هاڻ ساڄي عمر پوڳيندي ڌيءَ ڏڻ ساسان؛ به ڪاري ڪلوتي.''

متوءَ جي ڀيڻ تيڪا ٽپڻي ڪندي چيو، ''متوءَ کي جي ايتري ڌيءَ جي چاهه هئي ته مونکي چوي ها. مان هن کي پنهنجي ٽيون نمبر ڌيءَ راڻي ڏيئي ڇڏيان ها!''

منهنجي ڀيڻ راڌا به پنهنجي تيڪا ڪئي. چيائين، ''ڇوڪريءَ جا ڀاڳ کليا. هوءَ به هاڻ دادا جي ملڪيت تي پنهنجو حق ڄمائيندي. اسان کي ته پڇندو به نه.''

متو سڀ ٻڌندي هئي؛ پر ڪن لاٿار ڪري ڇڏيندي هئي. هن لاءِ مِٽي

''مونکي ڏيءَ گهرجي. پڳوان پٽ تہ ڏنو آهي؛ ايپہ ڏهن ٻارهن سالن ۾ پنهنجي پڙهائي پوري ڪري وديش هليو ويندو. پٽ مال سان، ڌيءَ حال سان. گهر ۾ ڌيءَ هوندي تہ گهر پيو ٻهڪندو.'' مدوءَ چيو.

''مدو! پر هاڻ ايتري ۾ ڌيءَ ڪٿان ايندي.'' مون کلندي چيو.

''مان بہ وري سور کائڻ لاءِ تيار نہ آهيان. ڌيءَ گود وٺنداسين.'' مدوءَ هڪ انوکي ادا سان چيو.

مدوءَ جي ضد اڳيان ڪو بيٺو آهي! اسين اچي اناٿ آشرم ۾ پهتاسين. اُتي لاوارث ٻارن کي مهاراشٽر جي جدا جدا هنڌن تان آندو ويندو آهي. ڪورٽ جي آديش سان کين گود ڏنو ويندو آهي. اُتي نہ ٻار جو ڌرم آهي نہ ٻار جي ذات آهي. آهي تہ فقط اُهو انساني ٻار آهي جنهن کي حالتن ڪري آشرم تائين پهچايو ويو آهي؛ نہ تہ اهو بہ ڪنهن گهر ۾ پنهنجي ماءُ جي گود ۾ محفوظ هجي ها.

آفيس ۾ فارم ڀري ڏنوسين. جاچ جوچ ڪري اسان کي هڪ مهيني ڪانپوءِ سڏايو ويو ۽ ٻار جي چونڊ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مان حيران ۽ پريشان هوس. جڏهن مالڪ سينسي کي اُپائيو آهي، هرڪنهن تي انسان هئڻ جو ٺپو لڳايو آهي ۽ کيس جيئڻ جو حق بخشيو آهي؛ تڏهن مان ڪير آهيان جو ڪنهن ٻار جي چونڊ ڪريان! ايشور جڏهن جننيءَ جي گود ڀري ٿو؛ تڏهن تہ هن کي چونڊ ڪرڻ جو موقعو نٿو ڏي.

خير! مدوءَ جي سوچ نرالي هئي. مدوءَ جي نظر وڃي وٽ بيٺل هڪ ننڍي ڇوڪريءَ تي هئي؛ جا چاڪ سان پٽ تي ڪنهن ننڍي گهر جو چٽر ڪڍي رهي هئي. عمر اٽڪل چار پنج سال؛ قد جي ڊگهي، سهڻا روش، اکين ۾ ڍنڍ جي گهرائي پر رنگ جي جهڪي. بدن تي آسماني رنگ جو لنبو فراڪ، پير اگهاڙا.

مدوءَ مون ڏانهن نهاريو. منهنجي من ۾ ڇا هلي رهيو هو؛ سو مدو سمجهي ويئي. آهستہ چيائين.

''جي هرڪنهن کي گورو چٽو ٻار گهرجي تہ هن ويچاريءَ جو ڇا ٿيندو. مان هت ٻار وٺڻ آئي آهيان شوڪيس لاءِ گڏي وٺڻ ڪو نہ آئي آهيان.''

ڪي نڪتو تہ وري ڪي گهرجمائي ٿي رهڻ جي اميد سان اڳيان آيا آهن. نياڻيءَ جو ڀاڳ پلو ٿئي؛ مان هن ڪي اندي ڪوه ۾ ڌڪو ڏيڻ نٿو چاهيان. ڌيءَ سکي تہ جڳ سکي. سيني دوستن ڏانهن خط لکيا اٿم. اميد اٿم تہ ضرور ڪا راه نڪري ايندي. نياڻي وچي پنهنجي ور گهر ۾ سکي ٿيندي.

تنهن ڏينهن گهڻن سالن بعد مون سان ملڻ آيو منهنجو اسڪول جي ڏينهن جو هم ڪلاسي ميجر راڪيش رامچنداڻي. ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين تہ هو هڪ چوڪري ڪي سڃاڻي، ڪيپٽن ڪشور. ڪشمير ۾ پاڪستان پارت سرحد تي هن جي پوسٽنگ هئي. هڪ رات جو چوڪيءَ تي حملو ٿيو. ڪيپٽن ڪشور جي ٽنگ ۾ گولي لڳي. هن جو آپريشن ٿيو. هاڻ هو جئپور فوٽ سان هلندو آهي. سرڪار هن کي ڪانديوليءَ ۾ هڪ پيٽرول پمپ ڏنو آهي. اڪيلو رهندو آهي. هڪ نيڪ نوجوان آهي. مان هن کي توهان سان ملڻ لاءِ موڪليندس. اجا ڪاڇه ميجر راڪيش وڌيڪ چوي، مٽوءَ ناراضپي سان ميجر کي ٽوڪيندي چيو، ”سر! مونکي ڪنهن لولي لنگڙي سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪونہ ڪرڻي آهي. سنڄو ڪا وڌي تہ ڪونہ ٿي ويئي آهي. هن گهر ۾ ڪو سنڄوءَ کي ڪارائڻ لاءِ اٽو مهانگو! ايشور سڀ سٺائي ڪندو.“ ميجر اٿندي چيو، ”مان ڪيپٽن ڪشور کي توهان سان ملڻ لاءِ موڪليندس. توهانکي ڇوڪرو ضرور پسند ايندو.“

ٻئي ڏينهن شام جو مان پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ ۾ ويهي چانهہ پي رهيو هوس تہ در تي هڪ ڪار اچي بيٺي. مون ڪار مان هڪ نوجوان کي لهندو ڏٺو. هلڻ وقت هن جي کٻيءَ ٽنگ ۾ معمولي عيب هو. مون مٽوءَ سنڄو کي سڏ ڏنو. هنن بہ هن کي گهر ڏانهن ايندو ڏٺو. در تي گهنٽي وڳي. در مون ئي کوليو. هن اندر اچي پنهنجي واقفيت ڏيندي چيو،

”سائين! مان ڪيپٽن ڪشور آهيان. توهان سان ملڻ آيو آهيان.“

هو سيني سان مليو. چانهہ پيئندي مون مٽوءَ کي ٻئي ڪمري ۾ هلڻ جو اشارو ڏنو. هنن ٻنهي کي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. ٿوري دير بعد مان وچي ڪيپٽن ڪشور جي سامهون ويٺس. سنڄيوني تہ اٿي هلي ويئي. ڪيپٽن ڪشور مرڪندي چيو،

”سائين! اسان جي سماج ۾ ڪنوار پيءُ جي حالت قياس جوڳي آهي. پر منهنجو وشواس آهي تہ ڌيءَ ۽ پٽ ۾ فرق نہ آهي. مان هاڻ سنڄيونيءَ جي ويچارن کان واقف آهيان. توهان هن کي پارتيہ سنسڪار ڏنا آهن. مون جنگ جي ميدان تي موت جي دهشت سان مقابلو ڪيو آهي. مون لاءِ زندگي

ٻه ماڻ ته مَٿي ٻه ماڻ. سنانجوءَ کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. ايئن ڪي حڪم ڪيو ويو ته روز هڪ ڪلاڪ پيڻ کي پڙهائي. ماٺهو گهوڙي کي پاڻي پيئارڻ لاءِ نديءَ ڪناري وٺي وڃي سگهي ٿو پر گهوڙي کي هٿ سان پاڻي پيئاري نٿو سگهي. اهڙو حال ويچاري ايئه جو هو. هن سنانجوءَ کي پڙهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪيئي؛ پر سنانجو پڙهڻ لاءِ تيار ڪونه هئي. هڪ ڏينهن ايئه ماءُ کي چيو،

”تنهنجي ڌيءَ ڪڏهن به پڙهي نه سگهندي. ايشور جڏهن دماغ ورهايو ٿئي ته تنهنجي ڌيءَ ننڊون ڪري رهي هئي!“

سنانجوءَ جي پڙهڻ ۾ ڪا به رُچي ڪونه هئي. هن لاءِ اسڪول ڇڻ قيد هو. نيٺ ڇئن سالن کانپوءِ هوءَ اسڪول ڇڏي اچي گهر ويٺي؛ پر متو ڪٿي ٿي آڻ ماڃي. متوءَ هن کي گهر ۾ سنڌي هندي لکڻ پڙهڻ سيکاري. هن کي ساهتيه، سنسڪرتي ۽ سائنس جو رواجي گيان ڏنو. هن کي رڌڻ، پچائڻ ۽ گهر جو حساب ڪتاب رکڻ ۾ ماهر ڪيو. اڄ سڄي گهر جي واڳ سنانجوءَ جي هٿ ۾ آهي. سڀ پيا هن جي ساراهه ڪن.

وقت ته پنهنجي رفتار سان پيو هلي. مون رٽاير ڪيو آهي. ايئه پنهنجي پڙهائي پوري ڪري وڃي اَمريڪا جاوڻ وسايا آهن. هو شايد ئي وري واپس وطن وري. متوءَ جي صحت به اڄڪلهه ناساز ٿي رهي. سيني کي وقت سر کاڌو ڏيڻ، دوا ستيءَ جو خيال رکڻ، گهر جي ڪٿي وڌي، ٻن نوڪرن تي نظر رکڻ؛ پوري جوابداري سنانجوءَ جي ڪاڇڙن ڪلهن تي آهي. پر هوءَ سڀ ۾ پوري آهي. ڪڏهن به هن جي زبان مان اُف نه نڪري. هاڻ منهنجو به هن سنسار ۾ پيو ڪير آهي. ساسن تي ڪهڙو ڀروسو. مون به پنهنجي سموري ملڪيت، گهر وغيره سڀ جو سڀ سنانجوءَ جي نالي ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ مونکي پريشاني آهي ته سنانجوءَ جي شاديءَ جي. ڏينهن پرائو ڌن. ڌيءَ جي ماني راجا جنڪ به نه لڌي. چوٽي آهي ’زال ويا مڻ، اک اُٺڻ. ڪير ايامڻ ۽ ڌيءَ جي وڏڻ ۾ ويرم ئي ڪانه لڳي.‘ سنانجوءَ جي عمر هاڻ 25 سال ٿي ويئي آهي ۽ منهنجي ننڊ ڦٽي پيئي آهي.

انيڪ رشتا آيا. جت پير جو سائو وڻ هوندو؛ اتي پٿر ته ضرور لڳندا. پر هي رشتا مونکي وڌيڪ دکي ڪري رهيا آهن. ڪن کي منهنجي ڌيءَ سنانجوءَ جو روپ رنگ راس نٿو اچي؛ ڪن کي منهنجي ڌيءَ جي اصلي ٻڻ تي اعتراض آهي. ڪن کي منهنجي ملڪيت جي لالچ آهي؛

ڪجهہ سوچيو!

مان ہہ سال ڏيساور تي دبئيءَ ويل هوس. ڪالهہ ئي وطن واپس وريو آهيان. سويل صباح جو ڪالونيءَ جي باغ ۾ ٽهلي رهيو هوس تہ منهنجي نظر، سامهون بينچ تي ويٺل هڪ شخص تي پيئي. اَچو چوغو، سٽڻ، اکين تي ٿلهو چشمو، ڪلها جهڪيل، بدن نبل، سڀ ڪان ٻي خبر. ڪنهن ٻوڙهي ويچار ۾ ويٺل هو. مان تہ ڪالونيءَ جي هر ڪنهن ماڻهوءَ سان واقف آهيان. هر هڪ سان راست جو رشتو اٿم؛ پر هيءُ شخص ڪير آهي! ٿورو اڳيان وجي هن تي نظر وڌم. مان تہ دنگ رهجي ويس. هيءُ تہ سيٺ روشن لال آهي. 'سي' بلڊنگ ۾ چوٿين ماڙي تي رهندو آهي. شيئر مارڪيٽ ۾ دلالي ڪندو آهي. ٻن سالن ۾ هن جي اهڙي حالت ڪيئن ٿي آهي! هن تي ڪهڙو قهر ڪڙڪيو آهي، جو هو سڃاڻڻ ۾ ئي نہ پئي آيو! مون هن جي ويچارن ۾ وگهن وجهڻ نٿي چاهيو. جلد ئي هوا خوري پوري ڪري گهر پهتس. چانهہ پيئندي پنهنجي ڌرم پتني روما کان، روشن لال جي حالت بابت پڇيم. هن جي چهري تي بہ مايوسي ڇانئجي ويئي. ڪجهہ پل شانت ويٺي رهي. پوءِ سڏڪا ڀري چيائين،

''روشن لال ۽ ڀاڀي پاروتي سان ايشور قهر ڪيو آهي. اهڙي شل ڪنهن سان نہ ٿئي. هن جو سڪيلڌو جوان پٽ چندر هڪ سال اڳ راه رباني وٺي ويو. سڄو گهر ٻڌي پيو آهي. گهر ۾ ڀاتي ٻہ، اُهي بہ زنده لاش ٿي رهجي ويا آهن. توهان اڄ ئي روشن لال جي گهر وڃي، هن سان پرچاٽي ڪري اَچجو س. پاڙو اَبو امڙ آهي. هن سان پرچاٽي ڪري

جيئڻ هڪ نعمت آهي. مونکي پنهنجي لاءِ جيون ساٿي يعني هڪ ميت جي تلاش آهي. نوراني رستي ۾ نه ڪو رنگ روپ ڏسڻ جي ضرورت آهي ۽ نه ئي ڪنهن جي بڻ ڇائڻ جي اهميت آهي. بدن، اپاهج آهي پر روح ته هميشه ستيم شوم سندرم آهي.

جڏهن سناجوءَ جي ڪمري ۾ سندس ويڇاڙ ڇائڻ لاءِ ويس ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هوءَ منهنجي پاڪر ۾ سمائجي ويئي. هن ڌيرج سان چيو، ''پپا! ممي! مونکي افسوس آهي ته مان توهان ٻنهي جي پريشانيءَ جو ڪارڻ بڻجي پيئي آهيان. توهان مون سان وڏا وڙ ڪيا آهن. مان توهان جا احسان هن جنم ۾ ته لاهي ڪونه سگهنديس. توهان چاهيو ٿا ته منهنجي شادي ڪنهن وڏي گهر ۾ شان مان سان ٿئي. توهان سماج جو نظريو ڏسي رهيا آهيو. منهنجي جنم داتا ماءُ پيءُ جو پتو نه آهي. مونکي ڪاچري جي ڍير تي پاتو ويو. پهريان پنج سال منهنجي پرورش اناٿ آشرم ۾ ٿي آهي. منهنجو رنگ روپ سانورو آهي ۽ سپ ڪان وڏيڪ ته مان هڪ چوڪري آهيان. اهو سڀ هنن کي پسند نه آهي. سچ پڇو ته هنن کي منهنجو وجود ئي پسند نه آهي. ان ڪان وڌيڪ انسانيت جي ذلت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. هنن لاءِ اهو بي معني آهي ته منهنجو پالڻ پوشڻ توهان جهڙي نيڪ انسانن جي گهر ۾ ٿيو آهي؛ جن مونکي پنهنجي خاندان جو نالو ڏنو آهي. ممي متوءَ سنسڪار ڏنا آهن. مون ۾ ڪابه گهٽتائي ڪونه آهي. مان هڪ مڪمل ناري آهيان. مان چاهيان ٿي ته مان سموري زندگي توهانجي خدمت ۾ رهان. جيون جي انت گهڙيءَ تائين توهانجو پيار پايان. پر توهانکي سماج جو ٻپ ستائي رهيو آهي ته متان ڪير توهان کي طعنو هڻي ته توهان پنهنجي فرض جي سرانجامي پوريءَ ريت نه ڪئي آهي. تنهن لاءِ توهان منهنجي شادي جلد به جلد ڪرائڻ ٿا چاهيو. پپا! منهنجو پنهنجي زندگيءَ تي ڪوبه اڌڪار نه آهي. مان ڪوبه فيصلو ڪونه وٺنديس. توهان ڀل منهنجا جنم داتا نه آهيو پر منهنجا جيون داتا ته توهان ئي آهيو. پتا جي ناتي منهنجي زندگيءَ جي هر فيصلي وٺڻ جو اڌڪار توهان کي آهي. هاڻ فيصلو توهان کي ڪرڻو آهي.''

بس منهنجي لاڏليءَ مونکي سچ جي راه ڏيکاري. مون پنهنجي ڌيءَ پرائي ڪئي.

روز لهندا رهيا چنڊ دل جا
زندگي پوءِ به زندگي آهي.

رکي کيس وشو اس ڏياريم تہ هن کي پڪ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ملي ويندي. چندر منهنجي چرن وندنا ڪئي ۽ خوش ٿيندو گهر ويو. بس، تنهن ڏينهن ئي مون پنهنجي دوست، سرڪار جي منتري شري وشو اس راءِ کي فون ڪيو. چندر کي ممبئيءَ جي هڪ مشهور انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ملي ويئي. مون روشن لال ۽ هن جي زال پاروتيءَ کي پاڙي ۾ لڏون ورهائيندو ۽ جهمر هڻندي ڏٺو. اَڄ ہڏان ٿو تہ چندر هن جهان ۾ آهي ئي ڪونہ. وچي ايشور کي پيارو ٿيو!

آءُ روشن لال ۽ پاروتي پاپيءَ سان اعزا پرسي ڪرڻ لاءِ هنن جي گهر ويس ضرور؛ پر هنن ٻنهي جي حالت ڏسي مان پاڻ جهلي نہ سگهيس. اکين ۾ ٻڪوڙها ڪٽي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. ڪيئن نہ وقت، ماڻهوءَ کي حالتن جي ٻوجهہ سان جهول ٻڌايو ڇڏي!

مون کي ساڄي رات ننڊ ڪونہ آئي. پئي پاسا ورايم. مون ڄاڻڻ ٿئي چاهيو تہ چندر جو موت ڪيئن ٿيو. ڇا اهو سپاويڪ موت هو يا ڪا سازش هئي. ڪنهن کان پڇان! ڪير ٻڌائيندو! مون کي ياد آيو تہ چندر جو هڪ دوست ۽ ڪاليج ۾ هن جو هم ڪلاسي وڪرم ، پاسي واري آرام نگر ۾ رهندو آهي. مون ٻئين ڏينهن وڪرم جي گهر وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

وڪرم جي در تي دستڪ ڏنم. در وڪرم ئي کوليو. چيائين: "اچو مسٽر لعلچنداڻي اندر اچو. چندر جي موت بابت سڀ ڄاڻڻ لاءِ آيا آهيو!"

منهنجو تہ وات ئي ڦاٽي ويو. هيءُ ڇوڪرو مونکي ڪيئن سڃاڻي! هن منهنجي اندر جهاتي ڪيئن پاتي! اَڇا مان ڪرسيءَ تي ويهان هن مونکي وري حيران ڪري ڇڏيو. چيائين

"سائين چندر جي موت لاءِ توهان بہ تہ جوابدار آهيو."

مون کان ڇرڪ نڪري ويو. وڪرم ڏانهن نهاريندي مون ڪانئس پڇيو

"وڪرم پٽ! چندر جي موت لاءِ مان جوابدار ڪيئن آهيان! تون ڇا

اچڻ، توهان جو فرض آهي.''

چا ٿيو هن جي جوان پٽ چندر کي؟ مون روما کان پڇيو. هن ٻڌايو:

''بس قسمت ٿٺي ته ٿاڪو ئي نه لڳي. يار! پونه پنهنجن دوستن سان ڪرڪيٽ ميچ کرڻ ويو. ڪري پيو ۽ سانسي سکالو ٿي ويو. هن جو لاش هٿ کڻائي آيا.''

مان پاسي ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. منهنجن اکين اڳيان اَڍائي سال اڳ وارو هڪ درشيه تري آيو. صباح جو پهر هو. مان نيرن ڪري رهيو هوس. روشن لال پنهنجي پٽ چندر کي ساڻ ڪري منهنجي گهر آيو هو. ڪجهه پريشان هو. ڪرسيءَ تي ويهندي چيائين

''لالچنداڻي صاحب! هڪ ضروري ڪم ڪٿي توهان وٽ آيو آهيان. ممبئي شهر ۾ توهان جي وڏي پهچ آهي. توهان ئي منهنجي ٻيڙي ڪناري لڳائي سگهو ٿا. منهنجي پٽ چندر هن سال بورڊ جو امتحان پاس ڪيو آهي. هن کي 60 سيڪڙو مارڪون مليون آهن. ڇوڪرو تمام هوشيار ۽ محنتي آهي. ڪرڪيٽ راند لاءِ اسڪول ٽيم جو ڪئپٽن هو. هن گهڻن ئي ڪاليجن ۾ انجنيئرنگ جي سيٽ لاءِ فارم ڀريا آهن. پر ڪٿان به ڪيس جواب ڪونه آيو آهي. ڇوڪرو نااُميد ٿي ويو آهي.هيءُ ته هاڻ B.Sc. ڪرڻ چاهي ٿو؛ پر منهنجي تمنا آهي ته انجنيئر ٿئي. سائين! چندر منهنجي اڪيلي سنتان آهي. پٽ وڏيو سون وڏيو. گهر جو نالو روشن ٿيندو. مان ته ڪونه پڙهيس. ان لاءِ شيئر بازار ۾ دلالي پيو ڪريان. مالڪ سڀ ڪجهه ڏنو آهي. ڪيترو به خرچ اچي؛ پر چندر کي ڪنهن انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏيوس. مان هميشه توهان جو اَحسانمند رهندس. سائين! مون ۽ منهنجي ڌرميتنيءَ چندر لاءِ وڏا سپنا لڌا آهن. هن کي ڪنهن اوچ تي ڏسڻ ٿا چاهيون ۽ ساڻ ساڻ پنهنجو آئنده به سنوارڻ ٿا چاهيون. پر اَڄ جون حالتون ڏسي من پريشان ٿي ويو آهي.''

روشن لال جي ڳالهائڻ ۾ تاثير هو. ڀاونائن ۾ سچائي هئي. هن کي چندر جي ڀوشيه جي چنتا هئي. هن جي اکين ۾ انيڪ سپنا هئا. انسان ته اميد تي ئي جيئي ٿو. مون هن کان فائيل ورتو. چندر جي ڪلهي تي هٿ

مون وڪرم کي وچ ۾ روڪيندي چيو

"منا! مونکي تون اِهو ٻڌاءِ تہ چندر جو موت ڪيئن ٿيو؟"

گهر ۾ نوڪر چانهہ ۽ بسڪيٽ ٽيبل تي رکي ويو. وڪرم چانهہ جو ڪوپ مونکي هٿ ۾ ڏيندي چيو.

"سائين! ساليانہ امتحان اَچي سر تي بيٺا هئا. امتحان کي منهن ڏيڻ چندر جي وس کان ٻاهر هو. چنتا، بيوسي ۽ ڊپ هن جي چهري تي صاف ظاهر هو. منهنجا لکيل نوٽس ۽ ڪتاب کڻي هو ڪاليج جي لائبريري ۾ وڃي ويهندو هو. شايد اُن عرصي ۾ هن جي ملاقات وجيہ سان ٿي هئي. وجيہ بہ اسان جو هم ڪلاسي هو. شاهوڪاري ٻار هو. اهو پڙهڻ لاءِ ڪاليج ڪونہ ايندو هو. فقط چوڪرين جي صحبت ماڻڻ، کل خوشيءَ سان وقت گذارڻ ۽ ڪاليج ڪينٽين ۾ پيسا اُڏائڻ لاءِ ئي هو ڪاليج ايندو هو. ڪن جو چوڻ هو تہ هو پاڻ بہ نشي دار شيون وڪڻندو هو ۽ ٻين وديارٿين کي بہ LSD پائوڊر جون پڙيون وڪڻندو هو. چندر بہ پنهنجي چنتائن ۽ بي وسي کي وسارڻ ۽ من کي شانت رکڻ لاءِ وجيہ کان پڙيون وٺندو هو. مون هن کي ڪيترا دفعا سمجهايو هو ۽ هن بہ ڪيترا دفعا ڊرگس نہ وٺڻ لاءِ انجام اقرار بہ ڪيا هئا: پر جيئن جيئن امتحان ويجها ٿي آيا، هو پڙهڻ جي ڏپاءَ کان مڪتي پائڻ لاءِ پڙين جو سهارو وٺندو رهيو. وجيہ سان هن جي دوستي وڌندي رهي. امتحان بہ پورا ٿيا. ڪاليج بند هو. هاڻ چندر کي اِمتحان جي نتيجي جي چنتا ستائي رهي هئي. هن کي پڪ هئي تہ هو ناپاس ٿيندو. ڪاڪا روشن لال جو غصو، پنهنجي ماءُ جا ڳوڙها، دوستن اڳيان شرمندگيءَ جو ويچار ڪري هو پريشان ٿي ويندو هو. هن جو هڪ ئي سهارو هو نشي جي پڙي. هن کي نشي جي لت لڳي چڪي هئي!

هڪ ڏينهن صبح جو چندر جو فون آيو. چيائين "پوني ٿا هلون فرگوسن ڪاليج جي وديارٿين سان ڪرڪيٽ ميچ آهي. رات تائين گهر واپس پهچي ويندا سين." مان هن کي 'نہ' نہ ڪري سگهيس. اسين ڪاليج جي بس ۾ پوني پهچي وياسين. مون چندر کي تمام تناوَ ۾ ڏٺو. پهريون وارو فرگوسن ڪاليج کي وٺڻو هو. بولنگ اسان جي ڪاليج کي ڪرڻي هئي. ميدان ۾ لهڻ کان اڳ مون چندر کي باٿ روم ۾ ويندو ڏٺو. منهنجي

تو ڳالهائين!''

وڪرم منهنجي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺو. چيائين

''لعلچندائي صاحب! توهان چندر جا پاڙيسري آهيو. چندر کي توهان ني انجنيئرنگ لاءِ منتريءَ جي سفارش سان اسانجي ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏني هئي. چندر مونکي سڀ ٻڌايو هو. مان هن جو دوست به هوس ۽ اسڪول جي ڏينهن کان هم ڪلاسي به هوس. مان توهان کان پڇڻ ٿو چاهيان ته انجنيئرنگ ۾ داخلا وٺي ڏيڻ کان اڳ ڇا ڪڏهن توهان چندر جي راءِ ورتي! جنهن کي ڪاليج ۾ پڙهڻو آهي تنهن کي ته توهان نظر انداز ڪري ڇڏيو. توهان کي ته هئي واه واه ڪٽڻي. ڪاڪا روشن لال کي هئا پنهنجا ارمان پورا ڪرڻا. توهان نه ڪڏهن چندر کان وشيه جي رُچيءَ بابت ٻڇيو ۽ نه ڪڏهن هن جي دماغي قوت بابت ويچار ڪيو. بس هن کي باه جي ٻنيٺ ۾ ڌڪو ڏيئي ڇڏيو. جنهن ڇوڪري لاءِ بورڊ جو ٻارهون درجو پاس ڪرڻ مشڪل ٿي پيو هو ۽ ماسترن کان ٽيوشن وٺي، ڪلاسن کي وڏي رقم چڪائي مس مس سٺ سيڪڙو مارڪز سان اهو پاس ٿيو هو: سو ڀلا انجنيئرنگ جي ڪلاس ۾ اوچ تعليم جي جدا جدا اهم وشين سان ڪهڙو مقابلو ڪري سگهندو. هو پهرئين ڏينهن کانئي همٿ هاري ويٺو هو. هو هرڪا ڳالهه مون سان اوريندو هو: پر پڙهڻ ڪا سٽي ته نه آهي جو مان هن کي پياريان ۽ هو پاس ٿي وڃي. هن ڪاڪا روشن لال کي به ٻڌايو هو ته انجنيئرنگ ۾ پاس ٿيڻ هن جي وَس کان ٻاهر هو. پر ڪاڪا روشن لال پنهنجي پٽ جي مجبورين کي سمجهي ڪو نه سگهيو. هن جو پٽ کي هڪ ئي آديش هو ته ڪرڪيٽ راند ڪرڻ بند ڪر: پڙهڻ ۾ ڌيان ڏي! ايشور سڀ سولي ڪندو!

اسڪول جي ڏينهن کان چندر جو ڪرڪيٽ راند ۾ ڏاڍو چاه هو. هو اسڪول جي ٽيم جو ڪئپٽن به هو. فاسٽ بولنگ ۾ ماهر هو. هن ڪيترا انعام، ٻلا ۽ شيلڊ کٽيون هيون. هن پنهنجو شوق قائم رکڻ لاءِ ڪاليج جي ڪرڪيٽ ڪلب ۾ داخلا ورتي. هاڻ هن جو ڳچ وقت پريڪٽس يا ٻين ڪاليجن سان مئچ ڪرڻ ۾ ويندو هو. سچ پڇو ته هو ڪاليج ۾ ڏاڍو مشهور هو. ڪاليج جون ڇوڪريون ته هن تان قربان قربان پيون ويندڀون هيون. هو هڪ نيڪ انسان به هو.

ساجني

چيو ويندو آهي تہ هر مرد جي ڪاميابيءَ پٺيان عورت جو هٿ هوندو آهي. پوءِ اها عورت هن جي پتني هجي يا پريتما: يا هڪ ئي عورت ۾ ٻيئي سمايل آهن. بابا بابت پئي سوچيم. اَما جيئري هئي تہ بابا جي شخصيت ئي نرالي هئي. آفيس ۾ هن جي حڪومت، هن جو پهراءُ، هن جو پنهنجي صحت ڏانهن پورو ڌيان، دوستن سان کل مسخري، ديش وديش جا سير: مطلب تہ بابا هڪ مڪمل زندگي جي رهيو هو. پنج سال اڳ اَما جو ديهانت ٿيو: بابا جي ڄڻ زندگي ئي کسجي ويئي آهي. هميشہ موڳو ۽ ملول پيو لڳي. آفيس جي واڳ منهنجي حوالي ڪئي اٿس ۽ پاڻ گهر ويهي نرجس زندگي جي رهيو آهي.

تنهن ڏينهن شام جو مان آفيس کان گهر آيس. ٻيئي ٽي.وي. جي سامهون ويهي چانهہ پي رهيا هئاسين. بابا ملول موڊ ۾ هو. چيائين،

”پٽ اَمر! هاڻ تنهنجي شادي ٿيڻ گهرجي. ڪيترو وقت هي گهر نوڪرن جي حوالي رکبو! گهرڌياڻي آهي تہ گهر آهي، نہ تہ چار ديواريون! گهر ۾ نونهن ايندي تہ ڪا رونق ايندي. تنهنجي ماءُ ڪانپوءِ هيءُ گهر ڄڻ مساڻ ٿي پيو آهي. هن گهر جي آتما ئي گُم ٿي ويئي آهي. ڪيئن جي سگهبو هن خاموشيءَ ۾!“

من ۾ گمان جاڳيو تہ چندر تناوَ کي شانت ڪرڻ لاءِ ڀُڙيءَ جو سهارو وٺي رهيو آهي. چندر ڀهرئين اوور جو چوٿون بال ڦٽي ڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ شروع ڪيو. پاڻ سنڀالي نہ سگهيو. منهن ڀر اَچي پاچ تي ڪريو. بيهوش ٿي ويو. ميدان تي هاهاڪار ٿي ويو. ايمبولنس اَچي اِسپتال پهتي. ڊاڪٽرن هن جي تپاس ڪئي چندر کي مئل ظاهر ڪيو ويو. پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ۾ موت جو ڪارڻ LSD نشي دار پدارٿ جو وڏيڪ ماترا ۾ ورتائڻ ڄاڻايو ويو هو. لاش کي ممبئيءَ آندو ويو. شمشان ڀوميءَ ۾ چڙڻ تہ ساڄو ڪاليج اَچي پهتو هو. سڀني جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. منهنجي دوست چندر جو موت منهنجي سامهون ٿيو آهي. مان زندگي ڀر اِهو سڀ وساري ڪونہ سگهندس. مون کي ارمان اِهو ئي آهي تہ مان ڪاليج ۾ نشيدار شين جي وڪري خلاف آواز ڇو ڪونہ اُٿاريو. ڪاش مان ڪاڪا روشن لال کي وقت سر حقيقت کان واقف ڪريان ها! ڪاش چندر کي ڪنهن ريهيبليٽيشن ڪيندر ۾ وٺي وڃان ها! هن کي نشي جي عادت کان مڪتي ڏياري سگهان ها!

گهر پهچي جڏهن چندر جي موت جو ورتانت روما کي بيان ڪيم تڏهن هوءَ تہ اچي روئڻ ۾ چٽڪي. سڏڪا ڀريندي چيائين:

''چندر تہ ويو. هاڻ ڪاڪا روشن لال ۽ پاپي پاروتي بابت ڪجهہ سوچيو. ڇا هنن کي بہ اسين مرڻ ڏينداسين.'' هاڻ ڪالونيءَ جي ميمبرن گڏجي ڪاڪا روشن لال ۽ پاپي پاروتيءَ کي 'سک ساگر' آشرم ۾ داخل ڪيو آهي: جتي سندن ڪائونسلنگ ڪئي ويندي آهي. هنن جي صحت ۽ کاڌي پيتي جو خيال رکيو ويندو آهي. هو جلد ئي مايوسيءَ جي گهيري کان مڪتي پائي پنهنجي آشياني ۾ واپس ورندا.

”بابا! نئين يگ ۾ رهون ٿا. توهان ٻنهي کي اڪيلائپ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻو هجي ته مونکي ڪو اعتراض نه آهي. پل ٻاهر باغ ۾ وڃي ڳالهايو.“

سڄنيءَ جون اکيون مون ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري رهيون هيون. هڪ ئي وقت اسان ٻيئي اٿي کڙا ٿياسين. باغ جي ڪنڊ ۾ وڇايل هڪ بينچ تي اچي ويٺاسين. بنا ڪنهن ڀومڪا جي سڄنيءَ چيو،

”امر! اسين توهان جي گهر جي لائق نه آهيون. اسين غريب ۽ توهين امير. مونکي خبر آهي ته تنهنجو پتا شري، بابا جو دوست آهي. هو بابا جي مدد ڪرڻ ٿو چاهي. پر مان حالتن سان پنهنجي ڍنگ سان لڙڻ ٿي چاهيان. منهنجي بابا کي ارمان آهي ته هن کي پٽ جي سنتان نه آهي هن کي هن جي ٻڍاپي جو ڪو سهارو نه آهي، مان شادي ڪري هلي ويس ته بابا جو ڇا ٿيندو. هو ته بنا ڪنهن آمدني، بنا ڪنهن سهاري اڪيلو گهر ۾ جيئرو ئي مري ويندو. مان اهو ٿيندي نه ڏسنديس. وڏا گهر جو ڍڪڻ آهن.“

مون ٺهر سان چيو، ”سڄني! تنهنجي بابا جي جوابداري منهنجو فرض ٿي رهندو. تون سڀ اجايو ٿي سوچين.“

سڄنيءَ ٺورو مسڪرائيندي چيو، ”منهنجو بابا ڏاڍو خودار آهي. هو نياڻيءَ جي گهر جو پاڻي به نه پيئندو. مان پنهنجو فرض پالڻ ٿي چاهيان. شادي نه ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو اٿم. آفيس مان پنج لک قرض ڪنيو اٿم. بابا هاڻ هن مڪان جو مسواڙي نه پر مالڪ آهي. ٻن سالن لاءِ نوڪريءَ جو بانڊ صحي ڪيو اٿم. قرض جي رقم هر مهيني منهنجي پگهار مان ڪٽبي رهندي. ڪوشش آهي ڪاميابيءَ جي ڪنجي. اميد ته تون منهنجي حالتن کي سمجهندين ۽ شادي نه ڪرڻ لاءِ بابا کي ڪو نه

اهو چئي هو ڪجهه وقت شانت رهيو. سلسلو جاري رکندي چيائين. ”منهنجو دوست آهي نهال. ولي پارلي جي هڪ چال ۾ رهندو آهي. مفلسيءَ ۾ زندگي گذاري رهيو آهي. انسان ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾. ڏه سال اڳ هن جي ڌرمپتنيءَ جو ديهانت ٿيو. بس هڪ ڌيءَ ئي اٿس، جنهن هن سال بي.ڪام. پاس ڪئي آهي. گهر خانداني آهي. اسان کي ته ڏيتي ليتي ڪونه گهرجي. ايشور سڀ ڪجهه ڏنو آهي. انسان ڪيڏو به وڏي، پر من نه وڏائي. سيائي شام جو اسان پيئي نهال جي گهر هلنداسين. تون ڇوڪري ڏس. فيصلو تنهنجو آهي. اهي املهه مائڪن جا سودا آهن. مان نهال کي مدد ڪرڻ ٿو چاهيان: پنهنجي گهر کي روشن ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ بس.“

ٻئي ڏينهن شام جو اسان پيئي نهالچند جي گهر اچي پهتاسين. ٻن ڪمرن جو هيءُ گهر برابر هڪ چال ۾ هو پر گهر جي سجاوٽ تمام سندر ڍنگ سان ٿيل هئي. گهرڌياڻيءَ طرفان ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي ڇاپ، هن جي ڪشلتا ۽ سمجهه هر شيءِ مان جهلڪي رهي هئي. ڪجهه ئي پلن ۾ نهالچند جي ڌيءَ هڪ ٽري ۾ چانهه بسڪيٽ ۽ ڪجهه ميوو کڻي اچي اسان جي سامهون ويٺي. نهالچند چيو

> ”سائين! هيءَ آهي منهنجي ڌيءَ سجني. ڪامرس گريجوئيٽ آهي. هڪ فرم ۾ اڪائونٽنٽ آهي. هن گهر جو املهه رتن آهي.“

سجني بدن جي پوري پني، قد جي ڊگهي. ڪڻڪ رنگي. ڪاجل جهڙيون ڪاريون اکيون. گلابي چپن تي مٺڙ مرڪ. اڇي سلوار ڪڙتي ۾ تمام پياري ٿئي لڳي. ماڻس جيئري هجي ها ته ڪيس هن موقعي لاءِ خاص نموني تيار ڪري ها.

بابا چانهه پيئندي مون ڏانهن نهاريو. مون اکين جي اشاري سان پنهنجي رضامنديءَ جي حامي ڀري. بابا جي چهري تي خوشي ڇانئجي ويئي. نهالچند تمام ڀاوَ سان چيو.

اسان جي فيڪٽري جو مال ديش جي جدا جدا پرانتن ۾ ويندو آهي. وقت بوقت واپارين سان ملڻ لاءِ جدا جدا شهرن ۾ مونکي وڃڻو پوندو آهي. هي مهينا اڳ جي ڳالهه آهي. جئپور پهچڻو هوم. ڪوٽا اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ ويٺو هوس. ٽرين ٻه ڪلاڪ ليٽ هئي. وقت گذارڻ لاءِ رام پنجواڻيءَ جو لکيل 'شاهه جون ست ڪهاڻيون' ڪتاب پڙهي رهيو هوس. هڪ عورت ويٽنگ روم ۾ لنگهي آئي منهنجي سامهون واري آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي. پنهنجو سوٽ ڪيس ڪرسيءَ جي پاسي ۾ رکي ڇڏيائين. بس اکيون بند ڪري آرام ڪرسيءَ تي ليٽي رهي. منهنجو ڌيان ان عورت جي چهري تي هو. اوچتو ئي مون دهيل رڙ ڪئي 'ساجني'.

هن ڪي ساڃاڻان نه ڪيئن ساڃاڻان! چهرو زرد، اکين هيٺان ڪارا نشان، وار الجهيل، بدن تي هئنبر لوم جو وڳو. منهنجي دهيل رڙ تي هن اکيون کوليون. بس هڪ ٻئي کي پياسي نظرن سان ڏسندا ئي رهياسين. مان اٿي کڙو ٿيس. هوءَ اٿي منهنجي آغوش ۾ ائين سمائجي ويئي جيئن نانگ چندن جي وڻ سان.

مان شايد اهو ئي پڙڪي رهيو هوس ''ساجني! منهنجي ساجني! تو ڪيترو ستايو آهي.''

خبر نه آهي هوءَ ڪيترو وقت منهنجي آغوش ۾ سمايل هئي. جڏهن ٻنهي هوش سنڀاليو تڏهن ٻئي پاسي ۾ پيل صوفا تي ويهي رهياسين. ساجنيءَ جو هٿ اڃا به منهنجي هٿن ۾ هو.

مان ٻاهران چانهه جي اسٽال تان هڪ پليٽ پڪوڙا ۽ ٻه ڪوپ چانهه جا وٺي اچي ساجنيءَ جي سامهون ويٺس. مون چيو

''مٺي! تون هاڻ پنهنجي دل جو داستان ٻڌاءِ. تون ڪٿي
هوا ٿي وئينءَ. تنهنجي صحت مونکي ٺيڪ نٿي لڳي.
سدا بهار گل ڪيئن مرجهائجي ويو.''

ڪو بھانو ڏيئي ڇڏيندين: جيئن اسان ٻنھي جو رھاڃي اچي. اڄ ڪانپوءِ اسان ٻنھي جي دوستيءَ جو ناتو ھميشه اٽوٽ رھندو.''

ساڄني اھو سڀ چئي اٿي کڙي ٿي. گھر پھچي ساڄني ته رنڌڻي ۾ ھلي ويئي. مون بابا کي فقط ايترو ئي چيو، ''ويچار ڪري سائين نھالچند کي فون ڪنداسين.''

بابا سموري ڳالھه ٻانپي ويو، ته ساڄني شاديءَ لاءِ تيار نه آھي. ٺڪر اسان جي مٿان پڳو ٿو وڃي. مان ته ساڄنيءَ تي ھرک ھاري ويٺو ھوس. ھن جي شخصيت، ھن جو پراون پنھنجو ورتاءُ، پيءُ ڏانھن سمرپڻ، پاڻ قربان ڪرڻ جي شڪتي ۽ پنھنجي سر ڪاڄھه ڪرڻ جو جذبو: منھنجي لاءِ سڀ ڪاڄھه ھو. مان ھن جو ساٿ پائڻ لاءِ ست جنم ترسڻ لاءِ به تيار ھوس. پر بابا مونکي پريشان ڪري ڇڏيو. ھن جي ضد اڳيان مون سلجدو ڪري ئي ڇڏيو. بس ٻن مھينن اندر منھنجي شادي شھر جي مشھور اديوڪيٽي، سيٺ سياڳچند جي ڌيءَ ريتا سان ٿي ويئي. پنج سال گذري ويا آھن: پر مان ساڄنيءَ کي وساري ڪونه سگھيو آھيان. ھميشه ريتا ۾ ساڄني ڳولھڻ جي ڪوشش ڪندو آھيان. من ئي من ۾ ريتا جي ڀيٽ ساڄنيءَ سان ڪندو آھيان. پر دل مان اھو ئي آواز ايندو آھي، ته

''ساڄني تنھنجي ڪنھن سان به ڀيٽ ئي ناھي. تون مھان آھين. تون ناري جاتيءَ جو ڳھٽو آھين.''

دل گھٽو چوندي آھي ته ھڪ دفعو وري ساڄنيءَ سان ملاقات ڪريان، وري ھڪ دفعو ان باغ جي ڪنڊ واري بينچ تي ويھي ساڄنيءَ سان مٺيون مٺيون ڳالھيون ڪريان ۽ پنھنجي محبت جو اظھار ڪريان. شايد پٿر پگھرجي پوي. پر ھمت ساٿ نه ڏنو آھي. شادي ڪئي اٿم. ھڪ ٻار جو پيءُ آھيان. ھاڻ ساڄنيءَ سان محبت سپنن ۾ ماڻڻ ئي واجب آھي.

جي: سيٺ جو اصلي روپ هو!

امر! اسين هن سنسار ۾ شيطان جهڙن واڳهن جي ٽلاءَ ۾ رهون ٿا. سڀ جو سڀ واڳهو وات ڦاڙي ويٺا آهن. ته ڪڏهن ٿو ڪو نيڪ ۽ ايماندار انسان هنن جو لقمو ٿئي. بس، مان به شيطان سيٺ جو لقمو بڻجي ويس. ڏه ڏينهن ئي مس گذريا هئا مان اُن شام هوٽل تاج جي لابيءَ ۾ هيس ته هڪ عورت پوليس آفيسر اَچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون کان بيگ ورتائين. ٻن شاهدن سامهون بيگ کوليائين. بيگ ۾ ته نشيدار شين جا پاڪيٽ هئا. مان ته اُتي ئي بيهوش ٿي ويس. جنهن ماڻهوءَ کي مونکي بيگ ڏيڻي هئي سو به گم ٿي ويو. سيٺ چئنراءِ به پنهنجا هٿ ڇنڊي ڇڏيا. چيائين ته ساجني ته صبح 10:00 بجي کان شام 5:00 بجي تائين هن جي ملازم آهي. هن جو ڌنڌو هيرن جو آهي ۽ نه نشيدار شين جو. مان واٽ ويندي اَڙجي ويس. ڪيس هليو. پنج سال جيل جي سزا ملي. گذريل هفتي آزاد ٿي آهيان.

تنهنجي بابا جو ڇا ٿيو؟ مون انتظاريءَ مان پڇيو.

”پوليس بابا کي منهنجي گرفتاريءَ جو اطلاع ڏنو. بابا جو ته اُن رات ئي هارٽ فيل ٿيو ۽ هو راهِ رباني وٺي هليو ويو. هن جو اڳني سنسڪار چال جي ماڻهن ئي ڪيو هو.“ ساجنيءَ جواب ڏنو.

مون کان هڪ شوڪارو نڪتو. مون ساجنيءَ جي اکين ۾ ڏٺو. مونکي هن جا ڳوڙها نظر ڪو نه آيا. شايد مصيبت جي طوفان هن جو جيون ٽوٽ ڪري ڇڏيو آهي. هن جي اکين جو نير سڪي چڪو آهي.

”تنهنجي گهر جو ڇا ٿيو؟“ مون سوال ڪيو.

ساجني ڪجهه پل شانت ئي ويٺي رهي: ڄڻ ڪجهه ياد ڪري رهي هئي. پوءِ آهستي چيائين، ”جيل مان نڪري سڌو پنهنجي گهر ويئي هيس. چال جي ماڻهن مان خبر پيئي ته چئنراءِ اسانجو گهر ڏهن لکن روپين

سلجنيءَ چانهه جو هڪ ڏُڪ پي مسڪرائيندي چيو ''پهريائين تہ توکي ڏوراپو ڏيان. تو مونکي پنهنجي شاديءَ ۾ ڪونہ گهرايو. تنهنجي شاديءَ جو سماچار مون اخبار ۾ پڙهيو هو.''

''ساري! اها پنج سال پراڻي ڳالهہ آهي تون پنهنجا ڏوراپا ڏيڻ بند ڪر. تون پنهنجو داستان ٻڌاءِ.'' مون چيو.

چانهہ جو ڪوپ پاسيرو رکندي سلجنيءَ چيو، ''امر! زندگيءَ ڏاڍا ڏک ڏنا آهن. اٿندي ويهندي بس چُپ چُپ ڪندا. پنج سال بنا ڪنهن ڏ ناهہ جي جيل ۾ بند هيس. گذريل هفتي ئي آزاد ٿي آهيان.''

منهنجي هٿ مان چانهہ جو ڪوپ ڪري پيو. دل کي ڌڪو آيو. مان صوفا تي سڌو ٿي ويٺس. منهنجي نظر سلجنيءَ جي چهري تي هئي: جتي انيڪ ڀاؤ هڪ ئي وقت لهي ۽ چڙهي رهيا هئا. پڪوڙي جو ٽڪر سلجنيءَ جي هٿ ۾ هو: جنهن کي هوءَ پنهنجي آڱوٺي جي زور سان ڀوري رهي هئي. هڪ ٿڌو ساهہ کڻي چيائين،

''مون توکي ٻڌايو هو تہ مان هيرن جي واپاري، سيٺ چئنراءِ جي آفيس ۾ اڪائونٽنٽ هيس. سيٺ مونکي مڪان خريد ڪرڻ لاءِ پنج لک قرض ڏنو هو. مون نوڪريءَ لاءِ ٻن سالن جو باند صحي ڪيو هو. پڪي داٿو ڏسي ٿو، پر ڦاهو نٿو ڏسي. هڪ ڏينهن سيٺ مونکي پنهنجي ڪئبن ۾ سڏايو ۽ چيائين تہ مان تنهنجي ڪم ۽ ايمانداريءَ جو قدر ڪريان ٿو: منهنجو هيرن جو واپار آهي: جدا جدا ملڪن جا واپاري ممبئي اچن ٿا: مان هيرا خريد ڪريان ٿو. مان چاهيان ٿو تہ انهن کي اها رقم پهچائڻ جو ڪم تون پاڻ تي هموار ڪر. مان هر شام 5.00 بجي توکي هڪ ننڍي بيگ ۾ رقم وجهي ڏيندس ۽ تون هوٽل جي روم ۾ اها ننڍي بيگ واپاريءَ کي پهچائي پنهنجي گهر هلي وڃ. مان توکي ٻہ هزار روپيہ پگهار هر مهيني وڌائي ڏيندس. توکي بہ فائدو ٿيندو ۽ مان بہ چنتا مڪت ٿيندس. مونکي ڪهڙي خبر تہ 'اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج

منجهيل ڏاڪا

جنه شريءَ جي زندگي هونئن ته سک سان گذري رهي آهي. هن جو گهوٽ رميش سرڪاري کاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ آهي. ڌيءَ آنندي اسڪول ۾ پڙهندي آهي. هن سال ايس. ايس. سي. بورڊ لاءِ ڏهين درجي جو امتحان ڏيندي. ڪم لاءِ روز ڏهين بجي صبح جو شانتا ايندي آهي. ليپو پهاري ڪري ويندي آهي. اڄ صبح کان جنه شري پريشان آهي. ساڄي رات پيٽ جي سور ڪيس حيران ڪيو آهي. هن کي ننڊ به ڪونه آئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو رميش ۽ آنديءَ کي اڄ صبح نيرن به نصيب ڪونه ٿي آهي. جڏهن شانتا ڪم تي آئي، تڏهن جنه شري کيس چيو،

”شانتا! منهنجي صحت اڄ ڪالهه ٺيڪ نٿي رهي. مونکي ڪم لاءِ ڪا فل ٽائيم مائي وٺي ڏي؛ ڇو جو ڪم پڄجي ئي ڪونه ٿو.“

شانتا، جنه شريءَ جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ چيو، ”توهان کي ته بخار آهي. اڄ مان ئي ٿي توهان لاءِ ماني ٺاهي وٺان. ٻن ڏينهن ۾ ڳوٺ مان هميشه لاءِ منهنجي هڪ مائٽياڻي اچڻي آهي. هوءَ تمام هڏ ڏڪي آهي. توهانجي گهر جو سمورو ڪم ڪندي. توهان وٽ رهندي.“

سومر ڏينهن صبح جو ڪم لاءِ جنه شريءَ جي سامهون بيٺل هئي انيتا. جنه شري ته دنگ رهجي ويئي. انيتا ته ڄڻ هن جي جاڙي ڀيڻ ٿئي لڳي. ساڳي عمر، ساڳيو قد بت. ساڳي ڍنگ سان ساڙهي پائڻ ۽ ڇو ٿو ڪرڻ. فرق فقط ايترو هو، جو انيتا رنگ روپ جي سانوري هئي ۽ ڳالهائڻ ٻولهٽي ڍنگ جو هوس. انيتا پنهنجي واقفيت ڏيندي پنهنجي جيون جو داستان بيان ڪري ويئي.

”ديدي! ڳوٺ جي اسڪول ۾ اٺون درجو پڙهي رهي هيس جو هڪ ڏينهن موٽر حادثي ۾ منهنجي ماءُ پيءُ جو موت ٿيو. وڌيڪ پڙهي ڪونه سگهيس. شولاپور ۾ پنهنجي چاچي وٽ اچي رهيس. هن به ڄڻ گهر جي نوڪرياڻي ڪري رکيو. پورهيو ڪندي مُيس. ٻه روٽيون کائيندي هيس. وياجهڙائيءَ ۾ منهنجي چاچي ڳوٺ ۾ بابا جو گهر ۽ زمين وڪڻي ڇڏي ۽

۾ ڪنهن پناجابي پريوار کي وڪٽي ڇڏيو آهي. مان پنهنجي گهر جي چائنٽ کي نمسڪار ڪري هلي آيس.''

''زندگيءَ ته توتي قهر ڪيو آهي. جو ڪندو سو پريندو. تون سڀ وساري ڇڏ. نئين سر پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪر. زندگي جيئڻ ۾ ماڻڻ لاءِ آهي.'' مون ساجنيءَ کي ڏڍ ڏيندي چيو.

هن جهنجهلائيندي چيو، ''منهنجي لاءِ هاڻ زندگي فقط سنگهرش آهي. جيستائين شيطان چِنراءِ زنده آهي؛ مان سک سان ڪونه ويهنديس. چنراءِ هاڻ دهليءَ ۾ آهي. مان دهليءَ وڃي رهي آهيان. هن کي سبق سيکارڻو ئي پوندو. ڪرمن جو ڪيتو هر ڪنهن کي لوڙڻو آهي.''

دهليءَ ڏانهن وڃڻ واري گاڏي پليٽفارم نمبر - ٢ تي اَچي رهي هئي. ساجنيءَ اُٿي پنهنجي بئگ ڪنئي. مون سان هٿ ملائيندي چيائين، ''اول خير، وري ملنداسين. اخبار ضرور پڙهندو رهج.'' هوءَ تڪڙو تڪڙو پليٽفارم نمبر ٢ ڏانهن هلندي ويئي. مان هن ڏانهن ڏسندو ئي رهيس. هوءَ منهنجي نظر کان غائب ٿي ويئي.

ڪالهه اخبار ۾ پڙهيم ته دهليءَ جي مشهور هيرن جي واپاري سيٺ چِنراءِ کي پوليس نشيدار شين جي ڏنڌي ۾ سڳ سوڌو گرفتار ڪيو آهي. هن جي ڪروڙن جي سمپتي ضبط ڪئي ويئي آهي. مون من ئي من ۾ پنهنجي ساجنيءَ کي سؤ سلام ڪيا.

سگھندي ۽ نہ ئي مان آننديءَ کي ماٽيلي ماءُ جا سور سهڻ ڏيندس. منهنجو گهر گرهستي سٺي نموني هلي رهيو آهي. ڪنهن کي بہ هن گهر جي چنتا ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.“ ماسي تہ هٽ چنبڙيندي هلي ويئي.

جئہ شريءَ جي موت کي ٻہ سال گذري ويا. آنندي هاڻ جونير ڪاليج ۾ ٻارهون درجو پڙهي رهي آهي. گهر بہ انيتا سٺي نموني سنڀالي ويٺي آهي. انيتا ۽ آننديءَ جو رشتو بہ سڪ ۽ وشواس جو آهي. ٻيئي هڪ ٻئي سان پيون اندر جو حال اورينديون آهن. ڏک سک ونڊينديون آهن. ٻنهي کان هڪ ٻئي جي ڪابہ ڳالهہ لڪل ڪونہ آهي. جئہ شريءَ جو ڪٻٽ ٻن سالن کان بند آهي. رميش کي اهو ڪٻٽ کولڻ جي همت ڪونہ ٿي ٿئي. ڪٻٽ کلندو تہ انيڪ يادگيريون ذهن ۾ ايرنديون. من پريشان ٿيندو. پر ڏياريءَ ۾ گهر جي صفائي تہ ڪرڻي هئي. ڪٻٽ کليو. رميش جي دل ۾ هاهاڪار ٿيو. هر چيز رميش کي جئہ شريءَ جي ياد ڏياري رهي هئي. من ۾ انيڪ طوفان اٿيا ۽ شانت ٿي ويا. رميش جئہ شريءَ جون انيڪ نيون ۽ پاٽل ٻريسون ۽ ساڙهيون رميش ڪڍي انيتا کي ڏنيون. انهن ڪپڙن ۾ جڏهن بہ انيتا کي ڏسندو هو تہ هن کي گهر ۾ جئہ شريءَ جي موجودگيءَ جو احساس ٿيندو هو. هن کي لڳندو هو تہ اجهو رنڌڻي مان کلندي کلندي جئہ شري ايندي. هن جي سامهون اچي ويهندي. هو هن کي پنهنجي آغوش ۾ سمائي ڇڏيندو. يادگيريون تہ سمنڊ جي ڇولين جيان آهن. ڇوليون ايندي ڪناري سان ٽڪرائيندي ۽ وري واپس سمنڊ ۾ سمائجي ويندي.

رميش هڪ شام گهر ۾ چانهہ پي رهيو هو. آنندي هوا جي جهونڪي جيان تيز ڪمري ۾ آئي. رميش جي سامهون ڪرسيءَ تي ويٺي. اکيون ڇنڀينديو، هٿ هوا ۾ ڦهلائيندي، ڊيڪن ڪُئين جي رفتار سان ڳالهائيندي ويئي. رميش کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. هن کي پنهنجي ڌيءَ جي هيءَ ادا ڏاڍي پسند هئي. هن کلندي آننديءَ کي پيار سان چيو،

”پٽ! توکي ڇا گهرجي مونکي آهستہ آهستہ ٻڌاءِ.“

آننديءَ بہ هاڻ اکر اکر ڪري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”پپا! مون ڪاليج ۾ فوٽوگرافي سکڻ لاءِ هابي ڪلاس ۾ داخلا ورتي آهي. مونکي ڊجٽل ڪئميرا گهرجي: سا بہ ٻن ڏينهن اندر.“

”گهڻو خرچ ايندو صاحبہ.“ رميش سوال ڪيو.

”بس اهو ئي ويهہ پنجويهہ هزار جهان پناهہ!“ آننديءَ کلندي جواب ڏنو.

رميش تہ ڪجهہ وقت لاءِ چپ ٿي ويو، ڪجهہ سوچي چيائين،

ساڃي رقم هڙپ ڪري ويٺو. مون ڪان سٺو نہ ويو. مون ڪني اگر چنڻ تني چاهي. پنچائت ۾ ڪيس داخل ڪيم. پنچائت تي لک روپيا چاچي ڪان منهنجي حق جا مونکي وٺي ڏنا. رقم بئنڪ ۾ رکي مان هت هلي آيس. ڪالهہ ڳڏري ڪالهہ سان، اڄ پڻ ڏينهن نئون. محنت ڪرڻي آهي پيٽ پالڻو آهي ۽ بس.''

پڻ ڏينهن ۾ ئي انيتا ساڃي گهر جو ڪم سنڀالي ورتو. جڻ گهر جي هڪ ڀاتي بڻجي پيئي. جنہ شريءَ کي هوءَ 'ديدي' ۽ رميش کي هوءَ 'صاحب' ڪري مخاطب ڪندي هئي.

جنہ شري پيٽ سور لاءِ انيڪ ڊاڪٽرن جي پڙ پيئي؛ پر ڦڪين فرق نہ ڪيو. نيٺ اچي ٽاٽا ڪينسر اسپتال پهتي. پيٽ ۾ ٽيومر هو. آپريشن ضروري هو. ساڃو گهر پريشان هو. آپريشن کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن انيتا جنہ شريءَ سان ملڻ اسپتال پهتي، تڏهن جنہ شري ڏاڍي ڀاوڪ هئي. انيتا جا هٿ جهلي چيائين، ''انيتا! منهنجو انت ويجهو آهي، اپ اکين پيو ڏسجي. منهنجي هڪ التجا آهي. منهنجي گهر جو خيال رکجانءِ. آنندي اڃا ٻار آهي. رميش ننڍيءَ دل جو آهي. هو هيئي ڊهي پوندا. هنن ٻنهي کي سهاري جي ضرورت آهي.''

انيتا، مالڪڻ جي گود ۾ ليٽي پيئي ۽ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي.

جنہ شري آپريشن جي سٽ سهي نہ سگهي. مان ڪيئن چوان تہ جنہ شريءَ جو موت ٿي ويو. سنڌ جو مهان شاعر شيخ اياز چوي ٿو.

''موت تہ هڪ موڙ آهي. جتان راهي فقط نظر مان گم ٿي ويندو آهي.''

خير! گهر جي هال ۾ هڪ ٽيبل تي جنہ شريءَ جو فوٽو فريم ۾ سجائي رکيو ويو آهي.

رميش هن جي اکيان هر صبح جو ڏيئو ٻاريندو آهي. هڪ آرتوار منجهند جو رميش جي هڪ ڏوراهين رشتيدار اچي گهر پهتي. رميش جي پاسي ۾ ٿي ويٺي. هن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيرائيندي چيائين.

''جنہ شريءَ جي موت کي ڇهہ مهينا ٿي ويا آهن. اڃا ڪيترو وقت ٿو هر نوڪريائيءَ جي حوالي هلندو! مون تون لاءِ سٺو رشتو آندو آهي. ڇوڪري سٺي. سهڻي ۽ هڏ ڀڳي آهي. آننديءَ کي پيار ڏيندي ۽ ساڃو گهر سنڀالي وٺندي. ٿو هر ڏينائي آهي تہ گهر آهي، نہ تہ مسان. تنهنجي عمر بہ تہ ننڍي آهي. 40-35 سال. تنهنجي عمر جيترا تہ اڃا ڪيترا ڪچا ڪنوارا ويٺا آهن. تون بس ها ڪر تہ مان ڪنواريتن سان شاديءَ جو ڏينهن مقرر ٿي ڪريان.''

رميش ڪيس رڪائيءَ سان جواب ڏنو. ''ماسي! مون ٻيهر شادي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪابہ جنہ شريءَ جي جاءِ نہ ڀري

ويٺل ڳاڄري جي وڪٽندڙ ڇوڪريءَ کي ڏسندو آهي تہ هن جي اکين اڳيان ماضيءَ جو درشيہ اڀري ايندو آهي. جنہ شريءَ جو سدا بهار چهرو هن جي اکين اڳيان هوندو آهي. هن جي ڪنن ۾ جنہ شريءَ جو مٺر آواز ترنم ٿي ڳونجندو آهي.

”جان! ڳاڄرو وٺي آيا آهيو تہ منهنجي چوٽيءَ ۾ بہ توهان ئي پنهنجن هٿن سان سجايو.“

هو چوٽيءَ ۾ ڳاڄرو سجائيندو. ڳاڄري جي مهڪ هن جي من کي آنند ڏيندي. هو جنہ شري کي ڀاڪر ۾ ڀريندو ۽ وري وري ڳاڄري کي چمندو ۽ جنہ شري کلندي پاڻ ڇڏائي رنڌڻي ۾ هلي ويندي. هاڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن ان ڇوڪريءَ کان ڳاڄرو خريد ڪري گهر اچي جنہ شريءَ جي مورت اڳيان رکي ڇڏيندو آهي. ٿيندو ائين آهي جو انيتا اهو ڳاڄرو ڪڍي پنهنجي چوٽيءَ ۾ سجائي ڇڏيندي آهي. سڄو گهر ڳاڄري جي مهڪ سان واسجي ويندو آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڳاڄرو ڏسي انيتا جي ڪنواري دل ڌڙڪي هجي. ڪي امنگ هن جي من ۾ جاڳيا هجن. هن سوچيو هجي تہ صاحب جي من ۾ بہ ستل امنگ ڪر موڙي رهيا آهن. هو اهو ڳاڄرو هن جي چوٽيءَ ۾ لهرائيندو ڏسڻ ٿو چاهي ۽ انيتا ٽيبل تان ڳاڄرو ڪڍي پنهنجي چوٽيءَ ۾ سجايو هجي. ڪو مٺر گيت گنگنايو هجي.

وقت تہ پنهنجي رفتار سان ٿو هلي. ڪنهن کي طاقت آهي جو وقت جي رفتار کي روڪي! جنہ شريءَ جي موت کي اٺ سال گذري ويا آهن. آنندي گريجوئيٽ بہ ٿي وئي آهي. هن لاءِ انيڪ رشتا بہ اچڻ شروع ٿي ويا آهن. آننديءَ کي چنتا آهي پنهنجي پيءُ جي. پيئي سوچي تہ پپا، شاديءَ کانپوءِ ڇا اڪيلو رهي سگهندو! نہ! بلڪل نہ! ڇا هن کي ٻي شادي ڪرڻ لاءِ چئجي! نہ! بلڪل نہ! هو تہ مميءَ کي پل پر لاءِ بہ وساري ڪونہ سگهيو آهي. ڪجهي تہ ڇا ڪجي! خير!

هڪ ڏينهن رميش کي سيٺ پيگوانداس جو فون آيو تہ اهي سڀ ايندڙ آرتوار ڏينهن شام جو آننديءَ کي ڏسڻ لاءِ اچي رهيا آهن. رميش کي تہ خوش ٿيڻ گهربو هو؛ پر هن جي چهري جو رنگ ئي پيلو پئجي ويو. هن من ئي من ۾ جڏهن شاديءَ تي ايندڙ خرچ جو حساب ڪيو تہ هن جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا.

پراويڊنٽ فنڊ ۽ بچت ملائي بہ اٽڪل ٽي لک روپين جي وڌيڪ ضرورت ٿيندي. ڪٿان ايندي ايڏي وڏي رقم! ڪنهن سان اندر جو حال اوريان! آنندي ڳالهہ کي سمجهي وئي. پيءُ کي چيائين:

”پپا! سيٺ پيگوانداس کي فون ڪريو ۽ کيس آرتوار ڏينهن هت

”پٽ ڏسان ٿو.“

آنندي جنهن رفتار سان ڪمري ۾ آئي هئي ان رفتار سان لڏندي لمندي پنهنجي چوٽيءَ کي هوا ۾ لهرائيندي پنهنجي ڪمري ۾ واپس هلي ويئي. انيتا ڏيءُ پيءُ جي هيءَ گفتگو ٻڌي رهي هئي ۽ مشڪي رهي هئي. ٻئين ڏينهن صبح جو جڏهن رميش ٽيبل تي نيرن ڪري رهيو. هو انيتا اچي هڪ لفافو رميش اڳيان رکيو. آهستہ چيائين.

”صاحب! لفافي ۾ پنجويهہ هزار روپيا آهن. آنندي لاءِ اڄ ئي سٺي ڪئميرا وٺي اچجو. مونکي خبر آهي تہ مهانگائي جو زمانو آهي. گهر بہ هلائڻ مشڪل آهي. توهان وٽ هن وقت پنجويهہ هزار روپيا ڪونہ هوندا. آننديءَ کي جي ڪئميرا نہ ملندي تہ ناراض ٿي ويندي. منهنجو آننديءَ ۾ موہ آهي. مان هن جو ڪومايل چهرو ڏسڻ نٿي چاهيان! پنهنجي پگهار جي پائي پائي ميڙي رکي اٿم. مان چيا ڪنديس. آنندي خوش تہ مان خوش. پئسن وٺڻ کان ’نہ‘ نہ ڪجو.“

هوءَ اهو سڀ هڪ ئي جملي ۾ چئي ويئي. رميش تہ هن جي چهري تي ايرنڊڙ ۽ لهندڙ ڀاون کي ڏسندو رهيو. لفافو کڻي پنهنجي بيگ ۾ وڌائين.

ڪاليج جي وديارٿين جي ٻن ڏينهن لاءِ لوناولا ۾ پڪنڪ رکيل هئي. آننديءَ جڏهن لوناولا وڃڻ لاءِ پيءُ کان پروانگي گهري تڏهن رميش تہ ملحڪم آواز ۾ نہ ڪندي چيائين،

”مونکي اهو سڀ پسند نہ آهي. جوان جماڻ ڇوڪري گهر کان ٻہ ڏينهن ٻاهر ڪيئن رهندي؟“

آنندي تہ روئندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي: پر انيتا کي وڏو ڌڪو آيو. هٿ ٻڌي وڃي رميش جي سامهون بيٺي. نيزاريءَ سان چيائين،

”صاحب. آننديءَ کي ناراض ڇو ٿا ڪريو! توهان بہ ٻار کي گهمائڻ نہ وٺي ويندا: ڪاليج سان بہ نہ وڃي تہ ويچاري ڦاٽي پيا! جوان ٻار ۾ توهان کي وشواس رکڻ گهرجي. مونکي پڪ آهي تہ هوءَ ڪڏهن بہ غلط راهہ تي ڪونہ ويندي. تنهن کانسواءِ هوءَ هن گهر ۾ باقي ڪيترا سال آهي! وڃي پنهنجو گهر وسائيندي. ڪيس گهمڻ ڦرڻ ڏيوس.“ رميش انيتا جي سامهون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. آنندي ڊوڙندي اچي انيتا جي ڀاڪر ۾ سمائجي ويئي.

جيڪي دور هلي وڃن ٿا ۽ اڪين کان اوجهل ٿي وڃن ٿا: تن کي وساري سگهجي ٿو ڇا! شايد نہ! رميش اڄ بہ جڏهن پوليشور جي ڪنڌ وٽ

سِلو سفر

مان اڃا ننڍو هوس تہ الهاس نگر جي ريلوي پليٽفارم تي اچي ويهندو هوس. اسان جو گھر اسٽيشن جي پاسي ۾ هو. ويران پليٽفارم پور وچو تيءَ تي چار ريل جا پٽا. اُهي پٽا ڪٿان شروع ٿيا ڪٿي ھنن جو انت ٿيندو: خبر نہ آهي. ٻنهي طرفن دور سگنل ڪڏهن ڳاڙهي روشني پيا ڏين تہ ڪڏهن پيلي يا سائي روشني. جڏهن ڪا لوڪل گاڏي پليٽفارم تي اچي بيهي تہ ڄڻ زندگي ڇرڪ ماري ڪمبل ڦٽي ڪري اٿي ڪڙي ٿئي. ڊڪ ڊوڙ، شور و اڪا، گاڏيءَ مان مسافرن جو لهڻ ۽ چڙهڻ، گارڊ جي تيز سيٽي؛ گاڏي جو پهرين آهستي ۽ پوءِ رفتار سان پليٽفارم ڇڏڻ ۽ وري هڪ ٻن منٽن ۾ زندگيءَ جو ڪمبل پائي سمهي پوڻ. وري ويران پليٽفارم.

اڄ جڏهن ٽيهن سالن جي عمر اچي ٿي اٿم تڏهن بہ اهي درشيہ ذهن ۾ سالم آهن. ڪاش انساني جيون بہ انهن ريلوي پٽن جيان سڌو ۽ نرنتر هلجي ها. هت تہ پل پل جا سور، پل پل جون مايوسيون زندگيءَ کي حيران ۽ پريشان ڪيو انيڪ موڙ ڏيو ڇڏين. اسان جو گھر ڪو عاليشان محل ڪونہ هو. بس بابي جو هيٺ سيڌي جو دڪان ۽ مٿي اسان جو گھر. ننڍا ننڍا ٻہ ڪمرا رنڌڻو ۽ شنان جاءِ. اسان گھر ۾ ڄڻا ٽي. مان، پپا ۽ ممي. منهنجي عمر ان وقت ڏهہ سال هئي. مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس. ممي ور گريو تي هئي. هڪ رات جڏهن مميءَ کي سورن ستايو تڏهن پپا ٽيڪسيءَ ۾ ڪيس سرڪاري اسپتال وٺي ويو. صبح جو جڏهن پپا گھر موٽيو تڏهن چيائين، "ونيہ! تنهنجو ننڍو ڀاءُ آيو آهي. شام جو توکي تنهنجو ننڍو ڀاءُ ڏيکارڻ لاءِ اسپتال وٺي هلندس. اسڪول جو هوم ورڪ پورو ڪري ڇڏج." مان تہ ڏاڍو خوش هوس. ڪلاس جي سڀني دوستن کي خوشخبري ڏنم.

اچڻ کان منع ڪريو. هن کي اهو به چئو ته آننديءَ کي هن وقت شادي ڪونه ڪرڻي آهي. ضروري نه آهي ته توهان قرض ڪڍي منهنجي شادي ڪرايو. بنا شاديءَ به زندگي جي سگهجي ٿي. مان توهان کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ نٿي چاهيان.''

آنندي اجا ڪجهه وڌيڪ چوي: انيتا وچ ۾ رڙ ڪري چيو. ''بس آنندي! گهر ۾ به وڏا هجن ته ننين کي پنهنجي شاديءَ بابت ڳالهائڻ جو حق نه آهي. پڳو انداس کي روڪڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. مان به هن گهر جي ياتي آهيان. توهان مونکي ڏاريو چو ٿا ڪريو. ڌيءَ پرائو ڌن! تون وڃي پنهنجي ور گهر سگهي ٿي.

آرتوار ڏينهن پڳو انداس جي گهر جو سمورو پريوار آننديءَ کي ڏسڻ آيو. چانهه پاڻيءَ جو دور به پورو ٿيو. آسائتي اکين سان رميش، سيٺ پڳو انداس ڏانهن نهاري رهيو هو. سيٺ صاحب خوش ٿيندي چيو، ''سائين! اسان کي آنندي پسند آهي. هوءَ اسان جي خاندان جي نونهن ٿيڻ لائق آهي. پر ...''

''پر ڇا سيٺ صاحب!'' رميش تڪڙ ۾ چيو.

''سائين! توهانکي خبر آهي، ته بصر پڇندو ته بانس به ٿيندي! لوڪ چوي ٿو عشق لڪائيندي به نٿو لڪي. ماڻهو چون ٿا ته زال جي موت ڪانپوءِ رميش گهر ۾ هڪ عورت رکي ويٺو آهي. سچ ڇا آهي ڪوڙ ڇا آهي. مان توهان جي واتان ٻڌڻ ٿو چاهيان ۽ پوءِ آننديءَ جي رشتي بابت فيصلو ڪندس.'' پڳو انداس وراڻيو.

آنندي اٿي ڪڙي ٿي. رڙ ڪري چيائين، ''خبردار! جي هڪ اکر به وڌيڪ ڳالهايو اٿوَ.''

رميش ڊوڙيندو رنڌڻي ۾ ويو ۽ انيتا کي هٿ کان وٺي سيني جي سامهون اچي بيٺو وڏي واڪي چيائين، ''انيتا سنڌوءَ جيان نرمل ۽ گنگا جيان پوتر آهي. ڪنهن کي به حق نه آهي ان جي دامن تي داغ لڳائڻ جو. توهانکي انسانيت جي ڪمڙي ڇاڻ. توهان لاءِ ته پيسو ئي پڳو ان آهي. انيتا جي چاهي ته مان هن سان اڄ ئي شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ توهان جهڙن نياچ ٻڌي وارن ماڻهن جو مُنهن بند ڪرڻ ٿو چاهيان.''

آننديءَ جي چپن تي مُرڪ پکڙجي وئي. اهڙي مرڪ جيڪا صبح سويري باغ ۾ مکڙين جي شرميلي مُنهن تي هوندي آهي. هوءَ تيڏي اک سان پنهنجي پيءُ ۽ انيتا کي ڏسي رهي هئي. هن کي انيتا ۾ پنهنجي ماءُ جنم شريءَ جو روپ نظر اچي رهيو هو. سيٺ پڳو انداس جي گهر جو هڪ هڪ ياتي اکيون هيٺ ڪري گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

کان دور ٿي رهيو آهيان.

تنهن ڏينهن ممي ۽ پپا جو وري جهڳڙو ٿيو. جهڳڙي جي وشيہ وري بہ اجيہ هو. مان هئي ڪمري ۾ سڀ ٻڌي رهيو هوس. پپا جو آواز هو، ''مان ماڻهن جي ٽيڪاٽپڻي ٻڌي ٻڌي تنگ ٿي پيو آهيان. اپاهج مند ٻڌيءَ وارو ٻار اسانجي گهر تي ڪلنڪ آهي. مونکي اهو ٻار گهر ۾ نہ گهرجي. اڄ ننيو، سياڻي وڏو. گهر ۾ هڪ الپ ٻڌيءَ واري ٻاتيءَ جي هئڻ جو ويچار ڪري ئي مان دهلجي ٿو وڃان. سيڌي جو ننيو دڪان آهي. آمدني محدود آهي. مهانگائي ٻاتي پڳي آهي. ڪير هن جي دوادرمل جو خرچ سهسائي سگهندو ۽ سڀ کان وڏيڪ تہ ماڻهو ڇا چوندا! هنن جو مُنهن ڪير بند ڪندو! تون اڄ ئي دير رات جو مُنهن سر ويڙهي ٻار کي ڪنهن مندر يا مسجد جي ڏاڪڻ تي ڇڏي اچ. تون بہ سک جو ساه کڻ ۽ ٻين کي بہ گهر ۾ سک سان رهڻ ڏي. تون چوين ٿي تہ ٻار مالڪ جي ڏين آهي تہ پوءِ کيس مالڪ کي واپس ڪري اچ. اسان کي مالڪ جي ههڙي بخشش نہ گهرجي. مان هن دوزخ ۾ رهڻ لاءِ تيار نہ آهيان. مان جهنگ مُنهن ڪري هيءُ شهر ئي ڇڏي هلي ويندس. تون ويهي دوڪان بہ ڏسجانءِ ۽ پنهنجن ٻن راجڪمارن کي بہ پالجانءِ.

ممي، جا هن وقت تائين چپ ساڌي ويٺي هئي تنهن بہ هاڻ رڙ ڪري چيو،

''مان زندگيءِ ۾ هيءُ پهريون انسان ڏٺو آهي جو پنهنجي سنتان کي مندر يا مسجد جي ڏاڪڻ تي لاوارث ڦٽو ڪرڻ لاءِ ٿو چوي. اهو سڀ مون کان نہ ٿيندو. ٻار هن جهان ۾ اپاهج پيدا ٿيو آهي تنهن ۾ هن ٻار جو ڪهڙو ڏوه آهي. هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا ڪرم آهن. مان پنهنجي ٻار کي لاوارث نہ ڦٽي ڪنديس. مان اڪيلي ئي اجيہ کي پالڻ لاءِ سمرٿ آهيان. اڄ ڪانپوءِ اجيہ کي لوڏڻ جي ڳالهہ وري نہ ڪجو: نہ تہ منهنجو مئل مُنهن ڏسندا!''

پپا تہ بس پڙ پڙ ڪندو ڏاڪڻ لهي هيٺ پنهنجي دوڪان تي هليو ويو. ممي بہ رنڌڻي ۾ اجيہ لاءِ کير گرم ڪرڻ لڳي. مون سمجهيو تہ طوفان ٿمجي ويو. پکي پنهنجن آکيرن ۾ محفوظ آهن پر اهو منهنجو وهم

شام جو پپا ۽ مان اچي سرڪاري اسپتال پهتاسين. مميءَ اچي ٽوال ۾ ويڙهيل ٻار ڪٽي منهنجي سامهون رکيو. چيائين،

”هي آهي تنهنجو ننڍو ڀاءُ اجيہ.“

ٻار شڪل جو سهڻو، گول چهرو، متر مشڪ پر اکيون ٽوريون وڏيون ۽ قاتل. منهنجي زبان مان نڪري ويو

”ممي! هيءُ Abnormal تہ نہ آهي! ٻين ٻارن جيان تہ نہ آهي.“

منهنجي سوال جو جواب تہ نہ مميءَ ڏنو ۽ نہ ئي پپا. ٻنهي ڪري مُنهن پاسيرو ڪيو. مون بہ ڪا اپتار ڪونہ ڪئي. پوءِ چاڻ پيئي تہ ٻار جي جنم کانپوءِ جڏهن ڊاڪٽر صاحب ٻار جي ڊاڪٽري تپاس ڪئي هئي؛ تڏهن هن منهنجي ممي ۽ پپا کي ٻڌايو هو تہ ٻار Abnormal آهي. ضعيف الدماغ ٻار جو پورو خيال رکڻو پوندو.

اڳتي هلي ٻار جو بدني وڪاس بہ هيٺو رهندو ۽ هو الپ ٻڌي وارو هوندو. مميءَ تہ حالتن سان سمجهوتو ڪري ورتو. هوءَ جنني آهي. ٻار ڪهڙو بہ هجي، هن لاءِ جگر جو ٽڪرو آهي، روح جي راحت آهي ۽ ايشوري سوغات آهي. هن تہ ڪٽي اجيہ کي پنهنجي سيني سان لڳايو. پر منهنجو پپا ڏاڍو پريشان هو. هن جو سمورو غصو ايشور تي ۽ منهنجي ماءُ تي هو. چيائين تہ هن جي پوري خاندان ۾ ڪڏهن ڪنهن کي الپ ٻڌيءَ وارو ٻار نہ ڄائو آهي. ڪڏهن ڪنهن اهڙيءَ ريت هن جي خاندان کي ٽڪو نہ لڳايو آهي. پڪ ئي پڪ هيءُ يا تہ ايشوري ڪوپ آهي يا مميءَ جي پيڪي خاندان جي رت ۾ ڪا وڏ آهي. ڪڏهن وقلي چوندو هو تہ مميءَ ۾ ضرور ڪنهن ڀوت پريت جو سايعو هوندو جنهن سببان ههڙو گهٽ دماغ ٻار هن ڄڻيو آهي. گهر ۾ ممي ۽ پپا جي وچ ۾ اجيہ جي پالڻ پوشڻ کي وٺي نت نيم ڪٽ پٽ هلندي پئي آئي. مان نہ سمجهان تہ پپا ڪڏهن ابهم اجيہ کي پنهنجي گود ۾ کنيو ۽ هن کي ڪا ٻاجڪار ڏني. اجيہ پل پيو روئندو ۽ رڙندو پر پپا ڪڏهن بہ هن کي هنج ۾ ڪونہ کڻندو. مميءَ کي رڙ ڪري حڪم هلائيندو تہ پنهنجي ڦر جو هيءُ روئڻ بند ڪراءِ. گهر ۾ رهڻ ئي مشڪل ٿي پيو آهي. مون جڏهن بہ اجيہ کي پنهنجي گود ۾ کنيو آهي هن پنهنجي متر مرڪ سان منهنجو من موهيو هو. پر سچ چوان تہ هن جو ضعيف الدماغ هئڻ منهنجي من ۾ ڪنبو ٿي چيپي رهيو هو. مان پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي اها سڪ ۽ پيار ڏئي ڪونہ سگهيو آهيان. ڪوشش ڪري اجيہ

ڪان پوءِ باقي وقت دوڪان ۽ گهر کي ڏيندو آهيان.

تنهن ڏينهن ممي شام جو دوڪان تي ويٺي هئي. مان اجيه جو هٿ پڪڙي اچي سرڪاري شاهد باغ پهتس. هڪ ٻاري ۾ چار پنج ٻار لڪ چپ راند ڪري رهيا هئا. اجيه به ٻارن کي ڏسي عجيب ڍنگ سان کلي رهيو هو. تاڙيون وڄائي رهيو هو. اوچتو ئي اوچتو هڪ ٻار ڏانهن ڊڪندو ويو. اهو ٻار واڪا ڪندي ڀڄي ويو. ٻيا ٻار به اجيه کي چريو چريو چوندا ٻارو ڇڏي هليا ويا. اسين اچي هڪ بينچ تي ويٺاسين. ٻه ماڻهو اڳ ئي بينچ تي ويٺل هئا. هو ٻئي اجيه کي ڏسي موڙو ڏيئي اٿي هليا ويا. اجيه ته پنهنجي ئي مستيءَ ۾ مست هو. ڪڏهن کليو ٿئي ڪڏهن واڪا ٿئي ڪيائين؛ ڪڏهن شانت ڪنهن خيال ۾ گم تي ٿئي ويو. منهنجي صبر جو بند تڏهن ٽٽو جڏهن هن پنهنجا ڪپڙا ۽ بينچ پيشاب ۾ آلا ڪري ڇڏيا. چوڪيدار رڙ ڪري چيو،

”ڦر ڪيي اس پاگل ڪو اِڌر مت لانا.“

مان پنهنجو آپو وڃائي ويٺس. دماغ ۾ چوڪيدار جو آواز، ”اِس پاگل ڪو اِڌر مت لانا“ پپا جو آواز، ”اجيه کي مندر يا مسجد جي ڏاڪڻ تي ڇڏي اچ.“ گونجي اُٿيا. مان اجيه کي هٿ سان گهليندي اچي آنو ۾ ويٺس ۽ کيس امبرناٿ شو مندر هلڻ لاءِ چيم. مندر ۾ سوَن ۾ شردالو هئا، اندر ’اوم شو اونڪارا‘ آرتي هلي رهي هئي. گهنٽن ۽ نغارن جي ڌني هئي ڏوپ اگر ٻتين جو واس هو ۽ شردالن جي تاڙين جو تال هو. مون اجيه کي هٿ ۾ پرساد جو دونو ڏنو، مندر کان ٻاهر کيس هڪ بينچ تي ويهاري پاڻ آنو ڪري اچي ڪاليج جي لئبريري ۾ پهتس. لئبريريءَ مان هڪ ڪتاب کڻي اچي گهر پهتس.

ممي در وٽ بيٺي هئي. هن جو پهريون سوال هو ته اجيه ڪٿي آهي. مون ڪوڙ جو سهارو وٺندي تمام ٺهر سان کيس جواب ڏنو ”اجيه جي مونکي ڪهڙي خبر! مان هن کي دوڪان جي اڳيان ڪرسيءَ تي ويهاري، ڪتاب وٺڻ لاءِ لئبريريءَ هليو ويو هوس. مان ته هاڻ لئبريريءَ مان سڌو اچي رهيو آهيان. اجيه جو خيال رکڻ تنهنجي جوابداري آهي مون کان ڇو ٿو پڇيو وڃي ته اجيه ڪٿي آهي!“

هو. ٻونهون تہ ڏکي رهيو هو؛ بس ٻاھ جي ٻرڻ جي دير هئي.

ٻئي ڏينهن سويل صبح جو پپا پنهنجي بستري تي ڪونہ هو. شايد آڌرات جو ئي پنهنجو آشيانو ڇڏي، اسان کي رڻ ۾ رولي، ڪٿي دور هليو ويو هو. ممي پپا جي وڃ ۾ تتندڙ سنهيتن کي ڏسي پنهنجي گهر جي ڪرندڙ ديوارين جو ويچاري منهنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا. مان بہ هن طوفان جي جڙ؛ اڄنہ کي ڪنهن گند جي ڍير تي ڦٽو ڪري اڄڻ لاءِ سوچي رهيو هوس. مون مميءَ جي طرف ڏٺو. هن جي اکين ۾ بہ ڳوڙها هئا. اشاري ۾ مونکي چپ رهڻ جي هدايت ڪيائين. پاڻ ڌيل آواز ۾ چيائين،

"جيڪي پنهنجي سنتان کي پيار نٿا ڏين ۽ پنهنجي ٻار جي نڙيءَ کي ننهن ڏيڻ ٿا چاهين سي پنهنجي گهر تي پنهنجو اڌڪار وڃائي ٿا ويهن. مونکي انهن لاءِ ڪا عزت ڪونہ آهي. تنهنجو پپا ڪيڏانهن ويندو! غصو ٿڌو ٿيندس مُنهن پٽڪائي واپس ايندو. گهر جا سک ڪٿي رکيا آهن چا! مان نہ هن کي ڪٿي ڳولهن لاءِ ويندس ۽ نہ ئي پوليس ۾ ڪا رپورٽ ڪنديس. تون بہ ڪنهن سان ھڙڪ ٻاهر نہ ڪيج. گهر جي عزت جو سوال آهي. مان وڃي ٿي دوڪان کوليان. تون اڄيہ جو خيال رکاج. ڪيس فيدر ۾ کير پيئارج."

ممي تہ دوڪان تي هلي وئي. مان فيصلو ڪونہ ڪري سگهيس تہ اها مميءَ جي سوچ جي ڪوتاهي هئي يا پپا ڏانهن هن جي لاپرواهي هئي يا فقط اپاهج اڄيہ ڏانهن سهنيو تي ۽ ماتر پريم جو اظهار هو.

مميءَ جي ناراضپي جو خيال نہ ڪندي بہ مون پپا کي هتي هُتي ضرور ڳولهيو پر ڪٿي بہ هن جو پتو ڪونہ پيو. اٺ سال گذري ويا؛ خبر ناهي پپا ڪهڙي غيب ۾ گم ٿي ويو. اڄا بہ جڏهن در جي گهنٽي وڃندي آهي مان ٽپ ڏيئي وڃي در کوليندو آهيان. اميد اهائي هوندي اهي تہ منهنجو پپا منهنجي سامهون هوندو. هو هڪ ٺهڪ ڏيندو ۽ مونکي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيندو. پيار سان منهنجي مٿي تي هٿ گهمائيندو. شايد اميد تي ئي هيءَ جهان ٽڪي رهيو آهي. ممي گهر ۽ دوڪان هلائيندي آهي پر هن جو چڱو وقت تہ اڄيہ جي پاڻ پوشڻ ۾ ويندو آهي يا اسپتالن ۽ گهر وچ ۾ سفر ڪندي ويندو آهي. اڄيہ جي دوادرمل تي ڳاٽي ڀڳو خرچ آهي. مان پڙهائي

صلاح ڏيئي رهيو آهي. مون لاءِ تہ هي سڀ ڄڻ هيروشما جي اٽو بم جيان هو. وري ٻيو دفعو منهنجي گهر جي تباهي. اجيہ جي دشت آتما هيءَ مونکان کهڙي جنم جي دشمني وٺي رهي آهي!

راج ڪمل روئندي ڊاڪٽر کي چيو، ”ڊاڪٽر مان هڪ جنني آهيان منهنجو ڪم آهي سرجڻ ڪرڻ. مان پنهنجي سنتان جو خون ڪونہ ڪرائيندس. مان پنهنجي ٻار کي پوءِ هو ڪهڙو بہ هوندو سڪسان نپائيندس.

ساڄي رات اوجاڳن ۾ گذري. ٻئي ڏينهن سويل صبح حالتن تي ٺنڍي سيني ويچار ڪرڻ لاءِ اچي ڪانديولي اسٽيشن جي پليٽفارم جي هڪ بئنچ تي ويٺس. ويران پليٽفارم، ريلوي سگنل، ٻاڙهي پيلي ۽ سائي روشني، تيز ۽ سلو گاڏيون، مان بہ انهن گاڏين جيان زندگيءَ جي راه تي ڊوڙندو رهيو آهيان. پنهنجي ماضيءَ جي ڪتن ڪارنامن کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان پر وقت جا اهي ڪارا سايعا منهنجي پاڇر ئي نٽا ڇڏين. هاڻ وري هڪ ٻيو ڀيانڪ سايعو سِر تي تانڊوَ ناچ ڪري رهيو آهي. جي ڪيجان ٿو تہ ڦاسان ٿو. جي نٿو ڪيجان تہ وري پوڳٽو ٿو پوي. ڪريان تہ ڪريان ڇا!

هاڻ منهنجو ڌيان پليٽفارم جي سامهون ضعيف الدماغ ٻارن لاءِ اسڪول Roshini-School for Special Children تي لڳل آهي. اسڪول جي ٻاهران سندر باغ ۾، انيڪ قطارن ۾، اسڪول يونيفارم ۾ ضعيف الدماغ ٻار بيٺل آهن. هڪ هڪ قطار جي اڳيان هڪ ٽيچر بيٺل آهي. سڀ جو سڀ پرارٿنا ڪري رهيا آهن. اڄ سائنس جي آڌار سان هنن اسڪولن ۾ ضعيف الدماغ ٻارن جو اوجل ڀوشيہ رِٽيو وڃي ٿو. پڪ ئي پڪ هيءُ ٻار پنهنجي منزل تي پهچندا پوءِ ڪي دير ڪي سويل. هيءُ سڀ پل سلو گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيا آهن. سوال سفر جو نہ آهي؛ منزل تي پهچڻ جو آهي. هيءُ ٻار هاڻ سائنس جي مدد سان انتيءَ جي شاهراه تي آهن.

ڪاش مان اجئہ لاءِ بہ ان وقت اهڙو ئي سوچيان ها! من ۾ يقيني خيال کڻي اچي گهر پهتس. هاڻ من تمام شانت هو.

مون سمجھو تير نشاني تي لڳو آھي. ھوءَ ھاڻ مون سان ڪو وڌيڪ سوال جواب نہ ڪندي. پر نہ! ھن جون اکيون تہ منھنجي چھري تي ٽڪيل ھيون ۽ ٻاھہ وساڻي رھيون ھيون. ھن ڪڙڪو ڪري چيو،

”نالائق مون سان ڪوڙ ٿو ڳالھائين. مون دوڪان ۾ ويٺي توکي اجيہ کي باغ ۾ ويندي ڏٺو ھو. سچ ٻڌاءِ منھنجو اجيہ ڪٿي آھي؟ ڇا توکي بہ پنھنجي پيءُ جو ڀوت سر تي چڙھيو ڇا! منھنجي اجيہ کي تون ڪٿي ڇڏي آئين؟ سچ ٻڌاءِ. مان تنھنجي ھٿن تي اجيہ جو خون ڏسي رھي آھيان. تو اجيہ جو خون ڪيو آھي. تون خوني آھين. تون خوني آھين.“

اھو سڀ چوندي ھن مونکي زور سان ٻہ چماٽون منھنجن ڳلن تي ھنيون. جڏھن وار ڪرڻ لاءِ ٽيون دفعو ھٿ مٿي ڪيائين تڏھن ھوءَ منھن پر ڪري پيئي. مميءَ جو روح پرواز ڪري ويو. مان ھيءُ سڀ بدحواس ٿي ڏسندو رھيس. ڊاڪٽرن مميءَ جي موت جي سرٽيفڪيٽ تي موت جو ڪارڻ ھارٽ فيل لکيو ھو. نہ ئي ڪا ڪڏھن اجيہ جي خبر آئي ۽ نہ ئي مون ڪڏھن ڪٿي اجيہ جي تلاش ڪئي. مميءَ جي ٻارھن ڏينھن جي ڪريا ڪرم کان پوءِ مان الھاس نگر سان پنھنجا سڀ لاڳاپا ميساري، جڳھہ ۽ دوڪان وڪڻي اچي ڪانديوليءَ ۾ رھيو آھيان. پنھنجي پرنٽنگ پريس آھي. ڇئن ڪمرن جو گھر ۽ ٻہ ڪاريون آھن.

وقت تہ وھندڙ نديءَ جيان تہ آھي، جو نرنتر اڳتي ئي اڳتي ھلندو ٿو ھلي: نہ ڪنھن لاءِ رُڪي ۽ نہ وري پٺتي موٽ کائي. ھڪ خوشخبري آھي تہ منھنجي ڌرمپتني راجڪمل گربوتي آھي. ھن جي ڊاڪٽري تپاس لاءِ سياڻي جي اپائنٽمينٽ آھي.

ٻئي ڏينھن راجڪمل جي ڊاڪٽري جاچ ڪري شڀ سماچار ٻڌائڻ لاءِ ڊاڪٽر اچي اسان جي سامھون ويٺو. تڏھن مون ھن جي چھري تي تناوَ جا چنھہ صاف ڏٺا. ھن ڌيرج سان چيو،

”مسٽر ونيہ! ڪيس ڇگو ڪامپليڪيٽيڊ آھي. توھان جي ڌرم پتنيءَ جي خون ۾ ڪروموسو پدارٿ جي ڪمي آھي. ممڪن آھي تہ ٻار اپاھج پيدا ٿئي. منھنجي صلاح تہ توھان کي رسڪ نہ کڻڻ گھرجي. ھن وقت ئي ائبارشن ڪرائي ڇڏڻ گھرجي. فيصلو توھان کي وٺڻو آھي.“

ڪمري ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. ڪير فيصلو ڪري! راڄ تہ آئي ھئي گود ڀرائي جي خوش خبر ٻڌڻ. ڊاڪٽر تہ ھن کي گود ويران ڪرڻ جي

ماءُ پيءُ جي ڪن تي اها ڳالهہ وجھان ۽ سندن آسيس وٺان.

هڪ شام امي -بابا سان ملڻ لاءِ مان گهر ويس. بابا تہ گهر ۾ ڪونہ هو. اميءَ سان سمورو حال اوريم. سوچيو هيم تہ امي شاديءَ جي خبر ٻڌي خوش ٿيندي. مونکي پنهنجي ڀاڪر ۾ سمائي ڇڏيندي. سوين آسيسون ڏيندي. وات مٺو ڪرائيندي. پر ائين نہ ٿيو! هوءَ تہ سپ ڪاجهہ ٻڌي خاموش ٿي ويئي. پوءِ ڀڻ ڀڻ ڪندي چيائين :

''مُنّي ڪو سمو آيو آهي. تنهنجي شاديءَ جي خبر تنهنجي واتان ٿي ٻڌان! ڏيئر تہ گهر جو نڪ ٿينديون آهن. اَسان جي خاندان ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ پاڻ تہ وڃي پنهنجو ور گهر ڪونہ ڳولهيو آهي. اسان توکي پالي وڏو ڪيو، تعليمِ ڏني، لائقيءَ لڳايو، توکي خودمختياري ڏني؛ پر تو تہ اَسان کي سماج ۾ شرمسار ڪري ڇڏيو. تو ڪڏهن اِهو سوچيو تہ ماڻهو ڇا چوندا! تنهنجي بابي تنهنجي شاديءَ لاءِ ڇا ڇا نہ سوچيو آهي! ڪيترو ڏاجو ٺاهي رکيو آهي! تون هلي آهين ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ! اسان جو تہ ڪنڌ جهڪي ويو! اسان نہ ڇوڪري کي ڏٺو آهي ۽ نہ ڇوڪري جي گهر تڙ کي! شاديون مراديون تہ گهر جي وڏن جي جوابداري ٿيندي آهي! سڳ تہ شان مان وارن سان ٻڌيا ويندا آهن. اَڄ شاديون نہ پر ڪُنّي ڪَنّيءَ جي راند ٿي پيئي آهي.''

هاڻ امي جا هيءُ ڏوراپا مان ڪيترو وقت ويهي ٻڌان! مان اُٿي هلي آيس. پر من ڏاڍو پريشان ٿي پيو. منهنجي اَمڙ ئي جڏهن منهنجي اُمنگن کي نٿي سمجهي تڏهن جڳ مونکي ڇا سمجهي سگهندو! منهنجي ماءُ کي فڪر آهي ماڻهن جو ۽ نہ پنهنجي ڄائيءَ جو! پيئي ٿي چوي تہ 'ماڻهو ڇا چوندا !'. 'جڳُ ڇا چوندو !'. خير! وشواس هيم تہ جڏهن منهنجي ماءُ، بابا کي سپ ٻڌائيندي، تڏهن بابو سائين منهنجن احساسن کي ضرور سمجهندو. منهنجي فيصلي کي مانُ ڏيندو. خوش ٿي مونکي فون ڪندو. مونکي واڌايون ڏيندو. پروفيسر شرما سان ملڻ چاهيندو. پر ائين نہ ٿيو. دير شام تائين بابا جو ڪوبہ فون ڪونہ آيو. بابا ڏانهن هڪ خط لکي رهي آهيان. سپ جو سپ مان کيس فون تي سمجهائي

هڪ خط

مان ڪومل، ممبئيءَ جي هڪ مشهور ڪاليج ۾ علم معاشيات جي ليڪچرر آهيان. گذريل ٻن سالن کان پنهنجي ماءُ پيءُ کان پري ڪاليج هاسٽل ۾ آزاد رهندي آهيان. بابا منهنجي شاديءَ لاءِ چڱو پاڻ پتوڙيو آهي. مئريج ڪيندر هلجن، ٻانيڻ هلجن يا مٽي مائٽي ڪرائڻ واريون هلجن: سيني هنڌ جُتيون گسايون اَٽائون. مُهاڙو ماڇي ڦاسائڻ لاءِ اَڌ رات جو پنهنجي ننڊ ڦٽائي، نديءَ ۾ يا سمنڊ ۾ ڄار وڇائيندو آهي: جيئن صبوح تائين ڪا وڏي ماڇي ڄار ۾ ڦاسي. هو ٻين مهاڻن جون اکيون چوڄ ڪري، انهن کان اڳ مارڪيٽ پهچي ۽ کيپ کٽي. بابا جي ڄار ۾ ٻه انيڪ ڇوڪرا ڦاٿا آهن. پر ڪن کي ڏيتي ليتيءَ جي لالچ آهي ته ڪن کي ڪمائيندڙ زال جي چاهت آهي. بابو ڇا ڪري!

مونکي ته جيون ساٿي يعني من جي ميت جي ضرورت آهي. پر مونکي ڪير تو سمجهي! امي ۽ بابا جو ته بس اِهو ئي چوڻ آهي ته اسان جي سماج ۾ شاديون ائين ئي ٿينديون آهن ۽ ائين ئي ٿينديون رهنديون. هرڪنهن جو ليک مالڪ پاڻ لکيو آهي.

سچ چوان ته هڪ سال کان پنهنجي رفيق پروفيسر شرما سان منهنجو پريت جو پيچ پئجي ويو آهي. مون پروفيسر صاحب ۾ پنهنجي روحاني ميت کي پاتو آهي. اسان ٻنهي ايندڙ هفتي ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. شادي خوشيءَ جو ڪارج آهي. اسان شادي لڪي ڇپي ڪرڻ نٿا چاهيون. ڀل ته اسان جا مٽ مائٽ، يار دوست اسان سان اسان جي خوشين ۾ شامل ٿين. اسان پنهنجي شاديءَ جي خبر ظاهر ڪريون: تنهن کان اڳ اِهو ضروري هو ته مان پنهنجي

موڪليو مون کي نہ! سبب تہ ڌيءُ کي اڪيلو هاسٽل ڪيئن موڪليو! هن جو پيءُ جي نظر هيٺ رهڻ ئي ٺيڪ آهي. متان آزادي پائي ريل ڇيل ٿي وڃي! مان توهان سان ساڻ دهليءَ هليس. اسڪول بدلائڻ جي پريشاني تہ مونکي سهڻ ڪرڻي پيئي پر توهان پنهنجن ويچارن سان جڙيا رهيا.

مان ذهين درجي ۾ هيس. اسڪول وارن لوناولا ۾ ٻن راتين ۽ ٽن ڏينهن جي پڪنڪ رکي هئي. مان پڪنڪ تي ڪونہ ويس. امي مونکي گهر کان ٻاهر رات گذارڻ جي موڪل ڪونہ ڏني. چوي

”تون هاڻ وڏي ٿي ويئي آهين. گهر کان ٻاهر هيئن اڪيلو رهڻ مونکي منظور نہ آهي.“

امي جي نظرن ۾ ڪنهن اَوشواس ۽ ڊپ جو احساس صاف ظاهر هو. مونکي اسڪرٽ نہ پائڻو آهي. رات جو اٺين ٻجي کان پوءِ ٻاهر نہ وڃڻو آهي. مونکي ڇوڪرن سان نہ ڳالهائڻو آهي. اِهي سڀ توهانجا قانون منهنجي لاءِ هئا. ڪمزور پرندي کي بند پڃري ۾ ئي رکڻ پلو آهي.

دليپ انجنيئرنگ پاس ڪري امريڪا هلي ويو. اُتي وڃي شادي بہ ڪيائين. اميءَ ۽ توهان کي ڪو بہ اعتراض ڪونہ ٿيو. مون M.Com. پاس ڪري هاسٽل ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو، توهانکي راس نہ آيو :

”جوان ڌيءُ گهر کان ٻاهر جدا ڪيئن ٿي رهي سگهي. ماڻهو ڇا چوندا!“

بابا سائين! ڪڏهن توهانکي پنهنجي من جو خوف پريشان ڪري رهيو آهي تہ ڪڏهن توهانکي ماڻهن جو ڊپ ستائي رهيو آهي. پر اِن سڀ لاءِ ڀوڳڻو تہ فقط مونکي ئي پيو آهي.

ٽنهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي. دهلي شهر ۾ هڪ شرمسار واقعو ٿيو. نرڀيا تي ڪن بدمعاشن قهر ڪيو. هن جو ست توڙيو ويو ۽ هن کي زخمي ڪري مرڻ لاءِ رستي تي ڦٽو ڪيو ويو. ان شرمسار واقعي خلاف سموري ديش ۾ جلوس ڪڍيا ويا. ميڻ بتيون ٻاريون ويون. ممبئي ۾ توهان بہ جلوس ۾ شامل ٿيا هئا. نرڀيا لاءِ توهان بہ ٻہ ڳوڙها ڳاڙيا هئا. ٽنهن ڏينهن صباح جو 10:00 ٻجي ۽ 2:00 ٻجي جي وچ ۾ توهان مونکي ڏہ دفعا فون ڪيو هو.

ڪونہ سگھنديس.

”بابا سائين!

زندگيءَ جي ٽيهن سالن ۾ هيءُ پهريون خط توهان ڏانهن لکي رهي آهيان. ايندڙ هفتي مان ڪورٽ ۾ پروفيسر شرما سان شادي ڪري رهي آهيان. اميءَ توهان کي سڀ ٻڌايو هوندو. پڪ هيم تہ توهان جو فون ايندو. دير شام تائين توهان جي فون جو انتظار ڪيم. توهان ڇا لاءِ مون سان ناراض آهيو! توهان جي ٻي رخيءَ جو مونکي ڪوبہ سبب سمجهہ ۾ نٿو اچي.

ها! هڪ سبب ٿي سگهي ٿو تہ مان يعني هڪ ناري پنهنجي جيون جو فيصلو پنهنجو پاڻ ڪيئن ٿي وٺي سگهان! جڏهن هن پرش پرڌان سماج ۾ ناريءَ جي زندگيءَ بابت هر فيصلي وٺڻ جو حق فقط ان جي پيءُ، ڀاءُ يا هن جي ڀتار کي آهي. مون پنهنجي شاديءَ جو فيصلو پنهنجو پاڻ ڪيو آهي تنهن لاءِ توهان جي آتم سنمان کي ضرور ٺيس تہ پهتي هوندي. اهو سڀ توهانجي سهڻ کان ٻاهر آهي.

جڏهن کان پاڻ سنڀاليو اٿم توهان جي واتان هڪ ئي ڳالهہ ٻڌندي پيئي آهيان تہ توهان لاءِ ڌيءَ ۽ پٽ ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. مان ۽ منهنجو ڀاءُ دليپ ٻيئي توهانجي اکين جا تارا آهيون. اَڄ جڏهن مان ڇيد ڪرڻ ويٺي آهيان تڏهن توهان جي ڪٿني ۽ ڪرٽيءَ ۾ وڏو فرق نظر اچي رهيو آهي. مان توهان جي ايمانداريءَ ۾ گمان ڪونہ ٿي ڪريان. ڀل ديش جو وڏان عورت ۽ مرد کي برابري جا حق ڏئي پر مونکي سچائي تہ ڪٿي بہ نظر ڪونہ ٿي اچي.

مان پنجن سالن جي هيس. منهنجو ضد هو تہ مان انهيءَ اسڪول ۾ پڙهائي ڪريان جنهن اسڪول ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ دليپ پڙهي رهيو هو: توهان منهنجي داخلا ڇوڪرين جي اِسڪول ۾ ڪرائي. توهان کي Co-Education کان ڊپ هو. ڪپهہ ۽ باهہ گڏ نہ رکڻ گهرجن. ڌيءَ ڏڻ آهي متان اُگِتي هلي پڇتائڻو نہ پوي. ياد آيو سڀ توهان کي !

مان ڇهين درجي ۾ هيس. منهنجو ڀاءُ اٺين درجي ۾ هو. توهان جي بدلي دهلي شهر ۾ ٿي هئي. اسان ٻنهي کي هاسٽل ۾ داخل ڪرڻ جو سوال اُٿيو. سوچيو ويو تہ هاسٽل ۾ ٻارُ پاڻ ٿي ڀاڙيندو. انتظام ۾ رهندو. هن جي شاخصيت جو وڪاس ٿيندو. توهان دليپ کي هاسٽل

حور پَري

منهنجي عمر هاڻ پنجاهه سال اچي ٿي آهي. دل چوي ٿي ته پنهنجي فيڪٽريءَ جو ڪاروبار پوريءَ ريت پنهنجي پٽ رويءَ کي سونپي ڇڏيان. سچ پڇو ته جو ابداريون سر تي کڻڻ هاڻ پڄن به ڪونه ٿيون. چاليه سال پنهنجو رت ست فيڪٽريءَ کي ڏنو اٿم ۽ فيڪٽري کي اوج تي آندو اٿم. اڄ منهنجي فيڪٽريءَ جو مارڪيٽ ۾ وڏو نالو آهي. زندگيءَ جا باقي ڏينهن ديش وديش جو سير ڪري، ڪجهه سماج شيوا ڪرڻ ٿو چاهيان. روي گريجيويٽ آهي. هن سال اِگ ايم.بي.اي. جي ڊگري حاصل ڪئي اٿائين ۽ منهنجي نظرداريءَ هيٺ فيڪٽري سنڀالي اٿائين. مونکي پڪ آهي ته روي نئين يگ جي تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان فيڪٽريءَ کي ڪو نئون روپ ڏيندو ۽ منهنجو نالو روشن ڪندو.

پنهنجي ڌرم پتني، لڇميءَ سان صلاح ڪيم. لڇمي ته ڏاڍو خوش ٿي ويئي. چيائين، ”منهنجي هڪ ئي به تمنا آهي ته رويءَ جي شادي به جلد ٿيڻ گهرجي. اسان جا ٻار به. هڪ ڌيءَ ڪملا. هوءَ ته دهلي ۾ پنهنجي ور گهر سکي آهي. باقي پٽ روي هن جي شادي به ڏسڻ ٿي چاهيان. سرير تي ڪهڙو ڀروسو. گهر ۾ نونهن ايندي ته مان آزاد ٿي ويندس. پوءِ اسين ٻئي پيا ديش وديش گهمنداسين. مون ته پنهنجي نونهن به ٻولهي آهي منهنجي ڀاڄائي سنيتا جي ڀيڻ جي ڌيءَ پايل. ڇا ته ڇوڪري آهي! سهڻي جهڙي چنڊ. مئٽرڪ پاس آهي. ماڻس بيمار رهندي آهي. ڇوڪري سڄو گهر سنڀالي ويٺي آهي. ڏاڍي هڏ ڀڳي آهي. ڳالهائڻ جي مٺي. پراون پنهنجي. سڀ ڪان وڏيڪ ته ٻڌائيٽي آهي. اسان کي هيو ڇا گهرجي. تنهن ڏينهن رويءَ سان ڳالهه به ڪيم. خبر اٿو سو قوف جا جو اب ڏنو،

توهانکي چاڻ آهي تہ مان ڪاليج ۾ پنهنجو فون بند رکندي آهيان. حقيقت ۾ توهان کي نرپيا جي دک کان وڌيڪ منهنجو اونو ستائي رهيو هو. توهان مونکي اهڙن دئيتن خلاف ساوڌان ڪرڻ ٿئي چاهيو. توهان کي دپ ويڙهي ويو هو تہ جيڪي ڪاجهہ دهليءَ ۾ نرپيا سان ٿي گذريو هو سو ممبئيءَ ۾ ڪڏهن توهان جي لاڏليءَ سان بہ ٿي سگهي ٿو. بس تنهن ڏينهن کان توهان جي ننڊ ڦٽي پيئي آهي. سچ تہ انهن سينې جي ننڊ ڦٽي پيئي آهي جن کي پنهنجون ڇايون آهن.

هيءُ ڏيئن جو ڪهڙو پالڻ پوشڻ آهي. ڏيئن لاءِ ڪهڙو پيار دلار آهي: جتي پل پل جي چنتا، ڊپ، خوف ۽ اوشواس سمايل آهي. وقت بدليو آهي. اڄ ناري جاڳرت آهي. هوءَ مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌي رهي آهي. هن وٽ تعليم آهي، همت آهي، آتم سنمان آهي. پنهنجي رکشا ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي. قاعدو قانون پاس ڪيا ويا آهن جي ناريءَ جي حفاظت ڪن ٿا. هوءَ راشٽريہ ۽ انترراشٽريہ حالتن کي سمجهي ٿي. فيصلا ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي. اسان کي هن جي فيصلن جو سنمان ڪرڻ گهرجي. هر سميہ ريتون رسمون، آچار ويچار، قاعدا قانون، جيون جا ملہ بدلجندا رهن ٿا. اسان کي وقت سان ساڻ هلڻو آهي. وقت اسان سان ساڻ هلڻ لاءِ تيار نہ آهي.

بابا سائين! مون پنهنجي جيون جو فيصلو پاڻ ڪيو آهي. پنهنجو جيون ساٿي پاڻ چونڊيو آهي. مون ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي! توهان کي منهنجي فيصلي جو سنمان ڪرڻ گهرجي. پروفيسر شرما کي پنهنجي گهر جو ناٺي تسليم ڪرڻ ۾ توهانکي ڪوبہ اعتراض نہ هئڻ گهرجي. منهنجو ڪنيادان پنهنجن هٿن سان ڪرڻ گهرجي. 'ماٺهو ڇا چوندا !' اُهو زمانو هاڻ پلجي وڃڻ گهرجي. اِها منهنجي اِلتجا ۽ پيار ڀري حاجت بہ آهي. مونکي توهان جي جواب جو انتظار آهي.

سڪ مان
ڪومل

مون کيس من ۾ من ۾ روپءَ جي مڱڻي جو شڀ سماچار ڏنو. هن پنهنجيون اکيون ڇنڀيون ۽ مشڪندي چيائين،

”سائين! روپءَ جي حورپري اڇڻ جو وقت ٿي ويو آهي. هن کي منهنجي طرفان گهڻو گهڻو پيار ڏجوس ۽ آسيس ڏجوس.“

دهليءَ ۾ روپي جي مڱڻيءَ جي رسم لاءِ مان پنهنجي ڌيءَ پٽ کي ساڻ ڪري ديوان رامچند جي گهر پهتس. ديوان رامچند جو بنگلو عاليشان هو. نوڪر چاڪرن جي ڪا ڪمي ڪونه هئي. ديوان صاحب جي مهمان نوازي به لاجواب هئي. ڪاٺي جي ٽيبل تي انيڪ طعام ۽ وسڪيءَ جي بوتل موجود هئي. مون جڏهن کيس چيو ته اسانجي گهر ۾ ڪو به شراب نه پيئندو آهي؛ تڏهن هن کلندي چيو ته هن جي گهر ۾ ته سڀ شراب پيئندا آهن. هن پنهنجي نوڪر کي اک جو اشارو ڏنو. اسان سڀني لاءِ شربت جا گلاس اچي ويا. رامچند، هن جي زال ۽ هن جي ڌيءَ ڪنچن لاءِ وسڪي جا پيگ رکيا ويا. ڳالهين جو دور هلي رهيو هو. جڏهن رامچند جي پيٽ ۾ ٻه پيگ وسڪي جا ويا تڏهن هن کي روپي ۽ ڪنچن جي مڱڻي جي ڳالهه ياد پيئي. چيائين،

”ڪنچن منهنجي اڪيلي سنتان آهي. مون هن کي لاڏ سان پاليو آهي. اوچ تعليم ڏني آهي. هن پنهنجو جيون ساٿي پاڻ ڳولهيو آهي. هن کي پنهنجي ور چونڊڻ جو پورو اڌڪار آهي. ڇوڪر ڇوڪري راضي ته ڇا ڪندو قاضي. مان شاديءَ جي اڊمبر، سڳن ساٺ ۾ وشواس نه رکندو آهيان. ڀل هو ٻيئي ڪورٽ ۾ شادي ڪن. مان اشوڪا هوٽل ۾ نئين جوڙي جو سنمان ڪندس ۽ بس. منهنجي طرفان روپي ۽ ڪنچن جو رشتو پڪو سمجهو.

ڇا اڄ جي زماني ۾ مڱڻيون ائين ٿينديون آهن! سڳ ائين ڳنڍبا آهن. مان ته دنگ رهجي ويس. جڏهن ڪملا جي گهر پهتس؛ تڏهن ڪملا مونکي ملول ڏسي ورجايو،

”پپا! ڪهڙي ڳالهه تي ناراض آهيو! پٽ مڱايو اٿوَ خوش ٿيو. سيٺ رامچند شاهوڪار ماڻهو آهي. ڪنچن هن جي

”ممي! پايل بہ چوڪري آهي! توکي گهر ۾ ڪم واري مائي گهرجي تہ مونکي ڪو اعتراض نہ آهي. تون منهنجي چنتا نہ ڪر. هڪ ڏينهن اندرپرست جي حورپري آئي تنهنجي سامهون بيهاريندس.“

لڇميءَ جي اکين ۾ پاڻي هو. مون کلندي کيس چيو، ”لڇمي اسان پنهي کي حورپريءَ جو انتظار رهندو. تون ڇو ٿي پريشان ٿئين. ليڪ کي ڪهڙي ميک. جڏهن اها حورپري هن جي قسمت ۾ لکيل هوندي تڏهن هن کي ضرور ملندي.

لڇمي تہ پنهنجي دل جي دهليءَ ۾ انيڪ خواهشون سانديي رکيون هيون. پر ماڃر جي هڪ ڇڪ هن جي خواهشن کي دفنائي ڇڏيو. هڪ ڏينهن باخار ٿيس ڊاڪٽرن چيو ڊينگو جو ڦهر آهي. ڦڪين فرق نہ ڪيو. آتما وڃي پرماتما سان ملي. هوءَ تہ هلي ويئي پر هن بنا منهنجو تہ جيون ئي اپاهج بڻجي پيو آهي. گهر نوڪرن جي حوالي، من يادگيرين جي ڀنور ۾ ڦاسي پيو آهي. دل چاهي ٿي تہ رويءَ جي شادي جلد ٿئي. ڪاراج لڪشمي اساڃي گهر اچي ۽ هيءُ گهر سنڀالي. نہ تہ هيءُ گهر جلد ئي کنڊهر بڻجي ويندو. ليڪ لوها ڪوٽ ڀڄي. ممبئي ۾ سيني دوستن کي روي لاءِ رشتي ڳولهڻ لاءِ خط لکيم. فون ڪيم. مٽين مائٽين وارين جا در کڙڪايم. مئريج بيورو وارن وٽ فارم ڀريم. ليڪ جو ممبئي ۾ ٽيٽو ڪپندو هو سو وڃي دهليءَ ۾ ٿيو.

روي اڻن ڏينهن لاءِ دهلي ويل هو. دهليءَ ۾ منهنجي ڌيءَ ڪملا جي نڻان جي شادي هئي. ڪملا جي نڻان جي شادي ڇڻ هن دلين جي ميل جو هڪ بهانو بڻجي پيئي. ڪنڇن پنهنجي ساهيڙيءَ جي مهندي رسم تي لاڏا ڳائي رهي هئي ۽ جهمر هڻي رهي هئي. رويءَ جون پياسي نظرون ڪنڇن جي لوڏ تي هيون. اکيون مليون چار ٿيون تہ دل ۾ پيار جا سلا ايري پيا. جوان دليون ڌڙڪيون. هوٽل جي ڪئنڊل لائيٽ ۾ ملاقاتون ٿيون. پڇاڇمي سنگيت تي بريڪ ڊانس ٿي. محبت جا مچ ٻري پيا. انجام اقرار ٿيا. پنهي شاديءَ جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي هڪ ٿي وڃڻ جو اقرار ڪيو.

ڪملا مونکي شڀ سماچار فون تي ڏنو. دهلي اچي ڪنڇن جي ماءُ پيءُ سان ملي. روي ۽ ڪنڇن جي مڱڻي جي رسم ادا ڪرڻ جو ساڃهاءُ پڻ ڏنو. منهنجيون اکيون تہ امالڪ لڇميءَ جي فوٽي ڏانهن ڪاڃي ويون.

ڪنڇن جو ممبئي پهچڻ جي خبر جو ڇڙ تہ چوڏس ڦهلجي ويو. هن جي انيڪ ساهيڙين ۽ دوستن جا فون مهل ڪمهل اچڻ يا اچي گهر پهچڻ؛ پارٽيون ۽ شراب جا دور شروع ڪرڻ منهنجي نظر کان ڇپي نہ سگهيا. گهر ڇڻ فائيو اِسٽار هوٽل ٿي پيو. گهر ڪنهن سَمي بزرگن لاءِ هوندو هو، گروءَ جو در؛ پر هاڻ گهر ٿي پيو آهي دڪن جو در. نہ آهي وندر نہ آهي ورونهن؛ نہ آهي آدر نہ ڀاءُ. ڪلان تہ خوار ٿيان. ڳالهايان تہ پاڻ کي وڏ واتو چوارايان. نہ ڪم جو نہ ڪار جو، سومڻ اناج جو. خير! اڄ ڪالهہ رويءَ ڪنڇن هر شام ڪنهن ڪلب ۾ ويندا آهن. تاس راند ۽ شراب جا دور ٿيندا آهن. ناچ گانن جو شور ٿيندو آهي. دير رات نشي ۾ ٻڏا ندا پيئي گهر ايندا آهن. سڀ کان وڌيڪ جيڪا ڳالهہ مونکي پريشان ڪري رهي هئي، سو هئو رويءَ جو ورتاءُ. زال جي هر تقاضا کي ’جي حضور‘ چئي سرانجام ڪرڻ. هر فيصلي ڪرڻ جي واڳ ڪنڇن کي ڏيڻ، ڪنڇن کي خوش رکڻ لاءِ پنهنجي ڌنڌي ڏانهن لاپرواه رهڻ، گهر جي ٻاتي پيڄي خرچڻ ڏانهن اک ٻوٽ ڪرڻ. مان تہ ڇڻ گهر ۾ هوس ئي ڪونہ. نوڪر لڇمڻ وقت سر ڪمري ۾ کاڌو ڏيئي ويندو هو. باقي هر وقت ڪنڇن جي حڪم سان منهنجي ڪمري جو دروازو بند رهندو هو.

مون هڪ شام رويءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏ ڏنو. هن کي پنهنجين پريشانين کان واقف ڪيم. هن کي ڪو قدم کڻڻ لاءِ هدايت ڪيم. هن جي سڌي جواب منهنجا تہ حواس ئي خطا ڪري ڇڏيا. چيائين،

”پپا! دنيا چند تائين وچي پهتي آهي. توهان اتي جو اتي بيٺا آهيو. ان لاءِ جو ابدار پيو ڪير بہ ڪونہ آهي، پر توهان پاڻ جو ابدار آهيو. اڄ جي تناءُ وارين حالتن ۾ ماڻهو پاڻ کي پارٽين، پيئڻ کائڻ سان نہ وندرائيندو تہ ڇا مندر ۾ ڪيرتن سان وندرائيندو! توهان ڪنڇن کي ڏوہ نہ ڏيو. هوءَ وڏي گهر مان آئي آهي. هن جي جيئڻ جو ڍنگ نرالو آهي. هوءَ پاڻ کي خوش رکڻ ۽ پين سان ملڻ جلڻ جو نسخو ڄاڻي ٿي. توهان کي بہ هن کان ڪجهہ سکڻ گهرجي. زندگي جيئڻ لاءِ ۽ ماڻڻ لاءِ آهي؛ نہ هڪ ڪُنڊ ۾ ويهي پين تي نڪتہ چيني ڪرڻ لاءِ آهي.“

اڪيلي سنتان آهي. هو توهان کي وڏي ڏيتي ليتي ڏيندو. توهان خيال نہ ڪريو."

"پٽ! مونکي ڏيتي ليتي بلڪل نہ گهرجي. مالڪ مونکي سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. مان فقط چاهيان ٿو تہ ڇوڪري اچي منهنجو گهر سنڀالي. گهر جي مريادا ۾ رهي؛ پر تو ڏٺو تہ ڇوڪري ڪيئن سيٺني جي سامهون ويهي شراب پي رهي هئي. نہ لڄ نہ شرم. اهڙي ڇوڪري ڪيئن اچي منهنجو گهر سنڀاليندي. مونکي تہ هيءُ رشتو پسند نہ آهي."

مون پنهنجو ناراضپو ظاهر ڪندي چيو.

ڪملا کلندي چيو، "بس ڳالهہ بہ ايتري! توهان ڪهڙي يگ ۾ ٿا رهو. ڪنچن کي توهان جي پٽ رويءَ پسند ڪيو آهي. رويءَ کي ماڊرن ۽ نئين زماني جي نار پسند آهي. اڄ ڪالهہ سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شراب پيئن ٿا. اسانجو روي بہ پيئندو آهي. توهان کي ڄاڻ نہ آهي. منهنجي خيال ۾ توهان رويءَ کي ناراض نہ ڪيو. روي خوش تہ اسان سڀ خوش."

رويءَ جي شادي ٿي ويئي. روي پنهنجي ونيءَ سان اچي گهر پهتو. نہ هئا ساٿ سڳن نہ هئا دهل دماما. بس هيون تہ پارٽيون ۽ دارونءَ جا دنگ. مون ڏٺو تہ لڇمي فوٽي مان مسڪرائي رهي هئي. پنهنجي حورپري نونهن کي ڏسي تڙي پيئي هئي. مون پهرين ڏينهن ئي ڪنچن کي پاسي ۾ ويهاري چيو،

"پٽ ڪنچن! اڄ کان وٺي هيءُ گهر تنهنجو آهي. گهر کي گهر تڏهن سمجهي سگهجي ٿو؛ جڏهن گهر ۾ سک، پيار ۽ مريادا جو پالڻ ٿئي ٿو: نہ تہ حالت ۾ گهر تہ فقط چار ديواريون آهن. هي گهر تنهنجي سس، لڇميءَ جو مندر آهي. اميد تہ تون هن جي روايتن جو پورو پالن ڪندينءَ. هن گهر جي شان مان جي پوري جوابداري هاڻ تنهنجي آهي. منهنجو ڇا! مان تہ پر تي پوتو آهيان." شايد منهنجي ڳالهہ ان جي سمجهہ ۾ ڪونہ آئي. هوءَ فقط پنهنجو ڪنڌ لوڏيندي رهي.

خون

آرتوار ڏينهن شام تائين گهر ۾ ويهي ويهي بِرُ ٿي پيو هوس. وچي باغ جي ڪنڊ واري بينچ تي آرام لاءِ ويٺس؛ پر من تہ الُجهن جي ڳَ هيرن ۾ قيد ٿي رهيو. چنتائن اُتي بہ منهنجو پيڇو ڪونہ ڇڏيو. پئي سوچيم تہ منهنجي باقي زندگيءَ جو ڇا ٿيندو! رٽاير ڪرڻ ۾ فقط پنج سال اَچي بچيا آهن. پوءِ اَچي گهر ويهڻو پوندو ۽ پينشن تي ئي گذران ڪرڻو پوندو. هڪ ئي سڪيلڊو پٽ اَٿم ڪيلاش. هن سال گريجوئيشن ڪئي اَٿائين. ماءُ جو لاڏلو آهي. هن جو ڪنهن نوڪري يا ڌنڌي ڌاڙيءَ ڏانهن ڌيان نہ آهي. پيو ٿو سڄو ڏينهن هِتي هُتي ڌڪا کائي يا ڪتون پڃي. مهانگائيءَ جو زمانو آهي. گهر جو گاڏو هلائڻ ئي محال ٿي پيو آهي. پٽ کي ڪنهن ڪرت ڪار لاءِ چوان ٿو تہ ڪن لاٽار ڪري ٿو ڇڏي. هر ڳالهہ تي هن جو غصو آهي؛ چڙ وڙهڻ ٿو اَچي. نہ وڏن لاءِ لڄ نہ شرم. اَفسوس تہ اهو اٿم، تہ هن جي ماءُ بہ سندس ساٿ ڏيئي بيٺي آهي. منهنجي تہ گهر ۾ ڪير ٻڌي ڪونہ ٿو. من جي شانتي ئي گم ٿي ويئي آهي. ڇا اسين اِهو سڀ سهڻ لاءِ سنتان گهرندا آهيون! ڇا منهنجو ٻڍاپو رڻ ۾ رُلي ويندو! ڇا ڪريان! ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اَچي. ڪجهہ وقت کان پوءِ باغ ۾ اونده ڇانئجڻ لڳي. من ۾ اونده تہ ٻاهر بہ اونده؛ وڃان تہ وڃان ڪيڏانهن! مٿي مالڪ ڏانهن هٿ ڪنيم ۽ رحم لاءِ ٻاڏايم.

اهو سڀ چئي هو تہ اٿي هليو ويو . مان حيران ۽ پريشان هوس. پاڻ کي سوين لعنتون هڻي رهيو هوس تہ مون ھڙڪ ٻاهر ڇو ڪيي! ڇو روي ۽ ڪيي دک رسايم! ننڍن کي بہ پنهنجي ڍنگ سان جيئڻ جو حق آهي. مان هنن جي خوشين جي راه ۾ رنڊڪ ڇو ٿيو آهيان! هو خوش تہ مان خوش! شايد اڄ جي زماني ۾ ڊنڊي ڪرڻ ۽ گهر هلائڻ جو نئين پيڙهين کي نئون منتر هٿ لڳو آهي. 'کاءُ پيءُ، عيش ڪر! سيا جي چنتا ڪڏهن نہ ڪر! پر جڏهن منهنجي گهر جون پتيون جهري رهيون آهن، منهنجو ڪارخانو چوپٽ ٿي رهيو آهي ۽ منهنجن اصولن جا چٿڙ لاٿا ٿا وڃن: تڏهن مان ڇا ڪيان! خير!

مان پنهنجي من کي شانت ڪرڻ لاءِ هڪ هفتي لاءِ اچي آشرم پهتس. يوگ ساڌنا ۽ شانت واتاورڻ ۾ خوش هوس. چوندا آهن انَ جو مُنهن جنب ڏانهن. آخر اٺن ڏينهن کانپوءِ دير شام جو جڏهن پنهنجي گهر جي چانئٺ تي اچي بيٺس تہ گهر جو نوڪر لڇو در تي دربان ٿي بيٺو هو. اچيائين، "سائين! اندر پارٽي هلي رهي آهي. ڪنهن کي بہ اندر وڃڻ جي اجازت نہ آهي. متان رنگ ۾ ڀنگ نہ پئجي وڃي. اهو مالڪڻ جو حڪم آهي. مان ڇا ڪريان! مان بہ حڪم جو بندو آهيان. توهان مهرباني ڪري ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اچو تيستائين پارٽي بہ پوري ٿي ويندي." ڪتي چُلهہ تي چڙهيل پتيلي ۾ کير ايامي رهيو هو. پتيلي جا ڪنا ساڙي رهيو هو. مان واپس آشرم ۾ هليو آيس. بس تنهن ڏينهن کان آشرم ۾ ئي رهيو آهيان.

سوچڻو ته پوي نه! مان سڀ پاڻ لاءِ ڪونه ڪري رهيو آهيان؛ پر توهان پنهنجي لاءِ ڪري رهيو آهيان. مان اڪيلو هردوار ۾ به گنگا جي ڪناري باقي زندگي گهاري سگهان ٿو.''

پارتيءَ کي منهنجي ڳالهه راس نه آئي. چيائين،

''هاڻ رهڻ ڏيو. توهان کي به گهر ۾ سڀ سک کپن. هڪ ڏينهن A.C. خراب ٿي ٿئي ته ڪيترو پريشان ٿا ٿيو! باقي گهر نه هجي ته ماڻهو ڪمائي ڪنهنجي لاءِ. ٻار سکي ته اسان سکي. مالڪ سڀ ڪجهه ڏنو آهي. پاڻ سان ساڻ ته ڪونه ڪٽي هلبو! جيڪي ڪيلاش کي ڳ هرجي ڪيس ڏيوس. اُڌم ڪانسواءِ پاڪ به منبو. هن کي اُڌم ته ڪرڻ ڏيو. گهر ۾ پاڻ به سک ۽ شانتيءَ سان رهو ۽ ٻين کي به شانتيءَ سان جيئڻ ڏيو.''

پارتيءَ سان بحث ڪير ڪري! مونکي هن گهر ۾ رهڻو آهي؛ 'آڻ ماڇي جهڳڙا ٿٿا.' ''پر به بابلا توکي گهڻن روپين جي ضرورت آهي. مونکي پيسا پنهنجي پراويډنٽ فنڊ مان ڪيائڻا پوندا. گهر ۾ ته مان وڏي رقم رکندو ئي ڪونه آهيان.'' مون چيو.

ڪيلاش خوشيءَ مان ٽپ ڏيئي ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ پارتيءَ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيائين. مون ڏانهن مخاطب ٿي چيائين، ''بابا! بس ٽن لکن مان ڪم هلي ويندو. ڪورس جي في ڀرڻي آهي. ڪپڙا سبائڻا آهن. موٽر سائيڪل خريد ڪرڻي آهي. باقي ڪٿي وڏيءَ لاءِ توهان ويٺا آهيو.''

هڪ سال گذري ويو؛ ڪيلاش کي هاڻ صابڻ ۽ ٽوٿ پيسٽ جي ٽي.وي. اشتهارن ۾ ننڍا وڏا رول ملندا آهن. ماڻس ٽي.وي. سيريل گهٽ پر پنهنجي پٽ تي فلمايل ائڊورٽائيزمينٽس وڌيڪ ڏسندي آهي ۽ ڏاڍو خوش ٿيندي آهي. مٽن مائٽن کي اهي اشتهار ڏسڻ لاءِ فون ڪندي آهي. پنهنجي پٽ کي اداڪاري ڪندو ڏسي مونکي به خوشي ٿيندي آهي. منهنجا يار دوست ۽ آفيس ۾ رفيق به واڌايون ڏيندا رهندا آهن. مون سمجهيو ته منهنجا

تنهن رات جو ئي ڪيلاش اچي منهنجي سامهون ويٺو. چيائين

"بابا مونکي پيسن جي سخت ضرورت آهي. مون ماڊلنگ جو ڪورس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڇهن مهينن جو ڪورس آهي. ماڊلنگ ۾ وڏي آمدني آهي. بس هڪ دفعو ڪو ماڊل ڇمي وڃي، پوءِ تہ چاندي ئي چاندي آهي. ائڊورٽائيزنگ سان گڏوگڏ فلم ۾ بہ ماڊل ڪي پورا وجهہ آهن."

"پٽ ماڊلنگ ڏاڍو اٺ ڪائيو ڪم آهي. ڏينهن رات جي محنت آهي. ماڊلنگ ۾ گهرجي بي مثال سهڻي شڪل شبيهہ. سندر روش، قداور قد ڪاٺي، ڪسرتي جسم ۽ سڀ ڪان وڌيڪ قسمت. تون بہ وري سوچ. باقي ڳالهہ آهي تہ توکي پيسن جي سخت ضرورت آهي. پيسا وٺن تي ڦلن جيان تہ ڪونہ ٿا لڳن: جو مان باغ ۾ وڃان ۽ نوٽن جو ٽوڪرو ڀري ڪٽي اچان." مون چيو.

مدعي سست ـ شاهد چست: ڪيلاش اڃا ڪو جواب ڏي تنهن کان اڳ منهنجي ڌرمپتني پارتي رنڌڻي مان نڪري ڪپڙي سان هٿ اگهندي اچي منهنجي سامهون ويٺي. چيائين،

"پار ڪري تہ ڇا ڪري! گهر ۾ ويٺو آهي تہ چئو ٿا ڪو ڪم ڇو نٿو ڳولهي. ڪم ڳولهي ٿو تہ توهان وڏيون سڏيون ٿا ڦلايو. ماڊلنگ جو ڪورس ڪرڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي! ماءُ جي پيٽ مان ڪوئي سکي تہ ڪونہ ايندو آهي. اولاد جا انگل تيندا آهن مائٽن تائين. پيسا توهان کان نہ گهرندو تہ ڪنهن کان گهرندو. مونکي ٻڌايو تہ توهان جي من ۾ آهي ڇا! ڏيوس پيسا."

مون ٿڌو ساهہ کڻي چيو، "پارتي! پيسو آهي شينهن جي ڪن ۾. رت ڪتورو ڏجي ٿو. تڏهن پٽ ڪتورو ملي ٿو. مان نوڪري پيشي وارو ماڻهو. جنهن جي نوڪري باقي پنج سال آهي: تنهن کي تہ سڀ ڪاڄهہ

ڪونہ اٿوَ. ڪيڏو نقصان ڪيو اٿوَ. مان تہ اتي ئي پٿر جي مورتيءَ جيان ڇمي ويس. ٻڪريءَ کي سانس جي ۽ ڪاسائيءَ کي ماس جي. هن کي منهنجي پير ۾ ڏک لڳڻ جي ڪا بہ چنتا ڪونہ هئي. هن کي پريشاني لڳل هئي دوستن لاءِ آندل سوکڙين جي. دل ۾ آيو تہ چئي ڏيانس تہ نالائق جي مان توکي تنهنجون ڪيل غلطيون ڳڻايان تہ تنهنجي پيرن هيٺان زمين بہ نڪري ويندي. خير، منهنجي تہ مِٽي بہ مات مُٽي بہ مات هئي. 'ڪُتن ڪن وڍايا'؛ وري نہ مان ڪڏهن ڪيلاش سان ڪنهن سير تي ويو آهيان.

ڪلاڪار جي جوابداري فقط پنهنجي ڪلا ڏانهن آهي. جڏهن بہ هو لوڀ لالچ جي ڄار ۾ ڦاسي پنهنجي جوابداري نڀائڻ ۾ پٺتي پوي ٿو ۽ ڪلا جو نرادر ڪري ٿو تڏهن هو خطا ڪائي ٿو. پوءِ هو ڪلاڪار نہ پر هڪ ڏنتوڙي بڻجي رهجي وڃي ٿو. ماڊلنگ بہ هڪ ڪلا آهي. هڪ عطر تيار ڪندڙ ڪمپنيءَ عطر جي وڪري لاءِ هڪ اشتهار تيار ڪرايو. جنهن ۾ هڪ اڌ ننگي عورت کي ڪيلاش جي آغوش ۾ ڏيکاريل هو. ڪيترين ئي سنستائن اشتهار کي فاحش ۽ عورتن جي اڌيڪارن خلاف ظاهر ڪيو. عورتن اسان جي گهر جي ٻاهران مظاهرا ڪيا. ڪيلاش جو مُنهن ڪارو ڪيو ويو. ساڄي پاڙي ۾ چوٻول مچي ويو. ڪالهہ تائين جن ڪيلاش جي ڪاميابيءَ جون واڌايون ٿي ڏنيون؛ تن اڄ لعنتون ٿي وڌيون. پر ڪيلاش تي ڪوبہ اثر ڪونہ هو. لنگهي لاٿي لوئي، تنهنکي ڪير ڪندو ڪوئي. ڪيلاش هاڻ ڪلاڪار نہ، پر پيسي جو مريد بڻجي پيو هو.

منهنجي رٽائرمينٽ بہ ٿي ويئي. مان هاڻ پينشن بردار هوس. ساڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺو هوندو هوس. تنهن ڏينهن شام جو ڪيلاش بہ گهر ۾ هو. اسان ٽنهي ويٺي گڏجي چانهہ پيتي. پارتيءَ بنا ڪنهن ڀومڪا ٻڌڻ جي چيو تہ ڪيلاش پنهنجي ائڊورٽائيزنگ ڪمپني کولڻ ٿو چاهي. هن کي آفيس لاءِ جڳهہ گهرجي ۽ جيئن تہ اسان جو هيءُ گهر وچ دنگ تي آهي؛ هو چاهي ٿو تہ اسين چيمبور ۾ ڪٿي مسواڙي جڳهہ ۾ رهون ۽ هو هت پنهنجي آفيس کولي. هو جلد ئي اسان کي نئون گهر خريد ڪري ڏيندو. مون تہ کيس ها ڪئي آهي. توهان جي منظوري گهرجي. اهو سڀ چئي هوءَ تہ چپ ڪري ويهي رهي؛ ڪيلاش جون نظرون منهنجي چهري تي

لايا سجايا ٿيا آهن. مونکي هيڏاپي جا سهارا ملي ويا آهن.

مائهو ۽ مند ڦرندي دير ئي نہ لڳي. هڪ ڏينهن ڪيلاش چيو، ”بابا! ايندڙ آرتوار مهابليشور ۾ پهاڙن، جهرڻن ۽ وادين جي وچ ۾ منهنجي شوٽنگ رکيل آهي. توهان بہ ساڻ هلو. توهان کي بہ آرام ملندو.“ مان تہ ڏاڍو خوش ٿي ويس. آرتوار ڏينهن ڪمپنيءَ جي ڪار آئي ۽ اسين اچي مهابليشور پهتاسين. ڪمپنيءَ جي مئنيجر مون بابت ڪيلاش کان ضرور پڇيو. ڪيلاش جواب ڏنو، ”هي منهنجو ملازم آهي.“ ڪيلاش جي جواب مونکي تہ پريشان ڪري ڇڏيو. نالائق پنهنجي پيءُ کي هڪ خدمتگار ڪري ساڻ وٺي آيو آهي. بي شرم منهنجي پوري واقفيت مئنيجر کي ڇو ڪين ٿو ڏئي. مان چپ رهيس. جڏهن ماني کائڻ جي ويل ٿي تڏهن مئنيجر اعلان ڪيو تہ ملازمن جي کاڌي جو بندوبست جدا هال ۾ رکيو ويو آهي. مان پنهنجي خودداريءَ جو خون ڪيئن ٿو ڪري سگهان! مون سڄو ڏينهن ماني ڪونہ کاڌي. پئي سوچيم تہ سنتان پنهنجي مائٽن جو قدر ڇو نٿي ڪري! نئين پيڙهي جڙوادي ڇو بڻجي ويئي آهي! اسان جي جيون جا ملهہ ڪٿي گم ٿي ويا آهن! خيال آيو تہ ڪيلاش سان سوال ڪريان تہ مونکي پنهنجو نوڪر ڪري ڇو وٺي آيو آهي! من نہ مڃيو. سوچيم هن جي ڪا تہ مجبوري ضرور هوندي. منهنجو ڪيلاش اهڙو ڪونہ آهي.

ڪيلاش مهابليشور مان پنهنجي يارن دوستن لاءِ انيڪ سوکڙيون خريد ڪيون هيون. سڀ ئي پارسلن ۾ پرائي ڪار ۾ رکيون هئائين. ڪار جڏهن گهر وٽ پهتي تڏهن ڪيلاش تہ منتريءَ جيان ڪار مان لهي گهر اندر هليو ويو: ساڻ ساڻ حڪم جاري ڪندو ويو تہ پارسل سنڀالي کڻائي اچجو. هاڻ ڪير پارسل اندر کڻي ايندو! گهر ۾ ڪو نوڪر چاڪر تہ آهي ڪونہ. جنهن تي مان حڪم هلائي پارسل اندر کڻائي اچان! ڪار جو ڊرائيور تہ پارسل ڪار مان لاهي هليو ويو. جڏهن هيو پارسل کڻي در اندر داخل ٿيس: تڏهن ٿاهو آيو ۽ پارسل منهنجي هٿن مان ڪري پيو. ساڻ ساڻ ڪيلاش جي رڙ بہ ٻڌڻ ۾ آئي تہ هڪ پارسل کڻڻ جو عقل بہ

جيڪو ڪندي، سونل ڪندي

منهنجو پٽ سشيل انجنيئرنگ جي پڇاڙيءَ واري سال ۾ آهي. اڄ جڏهن شام جو گهر پهتس تہ منهنجي ڌرمپتني آشا خبر ڏني تہ سُشيل جو امتحان ايندڙ هفتي شروع ٿي رهيو آهي. ٻہ هفتا امتحان هلندو. مون خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو،

''آشا! هاڻ جلد اَسان جا لايا سجايا ٿيندا. ٻار ڪنهن لائقيءَ لڳندو تہ ماں بہ سک جو ساهہ کڻندس. تون بہ هاڻ نونهن ڳولهڻ جا سايعا ڪر.''

آشا کلندي چيو، ''سچ ٿا چئو. توهان سُشيل کي پڙهائڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي آهي. هن جون سڀ ضرورتون پوريون ڪيون آهن. لکن ۾ ڪاليج جون فيون ڀريون آهن. هاڻ سُشيل نوڪريءَ لڳندو. توهان جا سڀ تڪ لهي ويندا. هو هيرو اٿوَ هيرو. اهڙي نيڪ سنتان ايشور شل سڀ کي ڏئي. اولاد تہ مالڪ جي مهر آهي.

مون سُشيل جي ڪمري ۾ ليئو پائي ڏٺو. سُشيل پنهنجي ڪمري ۾ ڪونہ هو. مون سوال ڪيو، ''اڙي! امتحان سر تي آهي؛ هي نواب صاحب ڪيڏانهن هليو ويو آهي! هو نہ سويل صبح جو اُٿي ٿو پڙهي ۽ نہ دير رات تائين پڙهي ٿو. آشا! سچ تہ مونکي ڌپ ٿي رهيو آهي ''اُڌم ڪان سواءِ ڀاڳہ بہ منبو. تون هن تي نظر رک. منهنجي تہ هو ٻڌندو ئي نہ!''

''چنتائون ڪرڻ تہ ڪو توهان ڪان سکي. جوان ٻار آهي. پڙهي پڙهي ٿڪو هوندو. ويو هوندو دوستن سان ملڻ يا لائبريريءَ مان ڪتاب مٽائڻ. ٻار ايترو تہ لهڻو.'' آشا خفي ٿيندي چيو!

ٻيو ڏينهن آرتوار جو ڏينهن هو. سڄو ڏينهن سخت گرمي هئي. شام جو آشا ڏاڍو پريشان هئي. چيائين،

تڪيل هيون.

مون رڙ ڪري چيو ''نہ بلڪل نہ! تنهنجو پٽ مون لاءِ آهي پاپورا ڪندا. بس اٿندي ويهندي پيا ٿا چپ چپ ڪن. هن گهر تي هن جو ڪو بہ اڌڪار ڪونہ آهي. مان هن جي بدنيتيءَ کي هاڻ پوريءَ ريت پروڙي ويو آهيان. هو مون کي بيوقوف نٿو بڻائي سگهي. مان هن گهر ۾ سک ۽ شانتي چاهيان ٿو. هو چاهي ٿو تہ منهنجو گهر ڇڏي وڃي سگهي ٿو. مان هن کي روڪيندس ڪونہ. تون بہ هن کي نہ روڪجانءِ. اڪ مان ڪڏهن بہ انب نہ ملندا ۽ بس.''

ڪيلاش پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو. هڪ ڪن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ساڄي گهر ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. مون سمجهيو منهنجو تير نشاني تي لڳو آهي. هاڻ ماءُ ۽ پٽ چپ رهندا ۽ مونکي پريشان ڪرڻ جي همٿ بہ ڪونہ ساهي سگهندا؛ پر من مان آواز آيو اهو ٿيڻو ڪونہ آهي. ڪيلاش جلد ئي ڪو وڏو چڪ وجهندو. سچ تہ هن کا وڏي سٽ سٽي هئي. هو پنهنجي چال ۾ ڪامياب بہ ٿي ويو. خبر نہ آهي ڪڏهن ۽ ڪيئن هن منهنجو 'مرتيو پتر' **Death Certificate** ميونسپل آفيس مان ٺاهرايو. رجسٽرار وٽ منهنجو هيءُ گهر پنهنجي نالي تي ڪرايو. هاڻ هو منهنجي گهر جو مالڪ آهي ۽ مان هن سنسار ۾ تلسيداس نہ تلسيداس جو پوت بڻجي رهجي ويو آهيان.

هڪ سرڪاري آفيس کان ٻي سرڪاري آفيس، هڪ ڪورٽ کان ٻي ڪورٽ پيو ٿو ڌڪا کاوان ۽ پيو ٿو فرياد ڪريان تہ مان تلسيداس مئو ڪونہ آهيان. جيئرو آهيان. پر سڀ چون ٿا تہ تون ثابت ڪر تہ تون جيئرو آهين ۽ تنهنجو 'مرتيو پتر' ڪوڙو آهي. مان ڪيئن ثابت ڪريان! منهنجو پٽ تہ مونکي جيئري ئي ماري، منهنجو ڪريا ڪرم ڪري، منهنجي ملڪيت قبائي ويٺو آهي. منهنجي ڌرمپتني پارتي چوي ٿي تہ ڪيلاش اڃا ٻار آهي. هن ٻاراڻي ڪئي آهي. هن کي معاف ڪري ڇڏيو. توهان پريشان نہ ٿيو. مان هن کي ڪيئن بخشيان. هن منهنجو موت نہ: هن منهنجو خون ڪيو آهي!

ٿو. توهان کي تہ هر ڳالهہ ۾ شڪ ڪرڻ جي عادت آهي. پٽ ۾ وشواس رکو.''

آشا جي اها نصيحت مونکي راس نہ آئي. ناراض ٿيندي مون ڪيس ورجايو، ''آشا! تون ڪهڙي جهان ۾ ٿي رهين! تنهنجي پٽ کي سيل فون سڃو ڏينهن ڪنن تي آهي. هو سڃو ڏينهن پيو ڪنهن نہ ڪنهن سان پُڻ پُڻ ڪري. اڌ رات جو بہ هن جي فون جي گهنٽي وڃي ٿي پر تون چوين ٿي تہ تنهنجو لاڏلو سڃو ڏينهن پڙهي ٿو. هاڻ ٿو مان سمجهان تہ اهي فون هن ٻليءَ جا هوندا. اها ڇوڪري ئي سُشيل لاءِ پڙهائي ڏانهن لاپرواهيءَ جو سبب آهي.''

آشا پريشان ٿيندي چيو، ''هاڻ فلم ڏسڻ هلون يا هت رستي تي بيهي مهاڀارت ڪندا!'' هڪ ٿڌو ساهہ کڻندي مون چيو، ''منهنجي فلم ڏسڻ جي ڪا چاهنا ڪونہ آهي. هن ٻليءَ منهنجي موڊ خراب ڪري ڇڏيو آهي. هل! واپس گهر ٿا هلون.'' اسين آٽو ڪري اَچي گهر پهتاسين.

مان تہ اَچي ٽي.وي. جي سامهون ويٺس. پر آشا سِڌو رسوئي گهر ۾ ويئي. جلد ئيٰ پليٽ پڪوان جي ۽ بہ چانهہ جا ڪوپ کڻي اَچي سامهون ويٺي. ٻاجوہ سان چيائين، ''خشڪ دل نہ ٿيو. جوان ٻار آهي. ٻئي هفتي هن جو امتحان آهي. هو گهر اَچي تہ هن سان سوال جواب نہ ڪجو. نہ تہ ٻار هٿن مان نڪري ويندو ۽ هن جو اِمتحان بہ رلي ويندو. امتحان کان پوءِ مان هن سَان پاڻ ئي ڳالهائيندس.''

منهنجي تہ مِٽي بہ ماٽ تہ مُٽي بہ ماٽ. چپ رهڻ کان سواءِ مان ڪري بہ ڇا ٿو سگهان! مان سمجهي نٿو سگهان تہ مائر پنهنجي ٻارن جي ڪرتوتن تي هميشہ پردو ڇو وجهنديون آهن! خير!

امتحان شروع بہ ٿيا: امتحان پورا بہ ٿيا. هاڻ تہ فقط امتحان جي نتيجي جو انتظار ڪرڻو هو. هڪ ڳالهہ ٻي بہ چوڻ چاهيندس. ٻلي تہ هاڻ هري پيئي آهي. هرروز اويل سويل گهر ۾ گهڙي ٿي اَچي. آشا سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندي آهي. آشا بہ هن کي جدا جدا طعام ٺاهي کارائيندي آهي. گهر ۾ تنهي جو ٺهڪڙو پيو گونجندو آهي. سُشيل بہ ڪڏهن سنيما تي تہ ڪڏهن پڪنڪ تي هن سان ٻڌو بيٺو آهي. نہ ڪنهنجي روڪ آهي نہ ڪنهنجي ٽوڪ آهي. آشا جي اکين تي پٽ جي موہ جو پردو چڙهيل آهي. مان ڪجهہ چوڻ چاهيندس تہ پيئي اکيون

''ڪيڏو بوسٽ آهي. ڪيترا دفعا چيو اَٿي مانوَ تہ گھر ۾ اي.سي. هڻايو پر نہ؛ توهان کي منهنجو خيال ئي ڪونہ آهي. توهان پاڻ تہ آفيس ۾ سڄو ڏينهن بالم ٿي ويٺا آهيو.'' هاڻ مان هن کي ڪهڙو جواب ڏيان. تڏهن بہ چيو مانس،

''بس! هاڻ تنهنجو پٽ نوڪريءَ تي لڳندو. تون هر ڪمري ۾ اي.سي. لڳائجانءِ ۽ مهاراڻي ٿي سک ماڻجانءِ.''

آشا کلندي چيو ''ايڏا سپنا نہ ڏيکاريو. هاڻ هلو تہ ڪا پڪچر ڏسي اَچون. گرميءَ کان بہ نجات ملندي ۽ توهان جو من بہ بہ پوندو.'' مون ڏٺو تہ سُشيل جي ڪمري جو در بند هو. شايد هو پڙهي رهيو هو. اسان ٻيئي آٽو ڪري اَچي سنيما گهر پهتاسين. هال جي در وٽ هڻاسين. مان تہ پنڊ پهڻ ٿي بيهي رهيس. ٽڪيٽ جي دريءَ تي پهريون نمبر بيٺل هو اسان جو سروڻ ڪمار پٽ سُشيل ڪمار. هن سان ساڻ هئي هڪ سندر ڇوڪري. مون آشا جو هٿ زور سان پڪڙيو ۽ اَسان ٻيئي هال کان ٻاهر نڪري وياسين. آشا بہ اِهو لقاءُ ڏٺو ۽ دنگ رهجي ويئي. مون ڌيل آواز ۾ چيو

''تون تہ چيو. تہ پُٽُ پڙهي رهيو آهي پر هو تہ بندرابن ۾ گوپيءَ سان راس ليلا رمي رهيو آهي. ٻئي هفتي امتحان آهي ۽ هيءُ سيٺ پُٽ سنيمائون ٿو ويٺو ڏسي. پر بہ هيءَ ڇوڪري ڪير آهي! تون هن کي سڃاڻين؟ جواب ڏي.'' آشا ويچاري تہ ڏهلجي ويئي. ٻُڻ ٻُڻ ڪندي چيائين. ''هيءَ ڇوڪري ستين ماڙي واري راڌا جي ڌيءَ سونل آهي. مون ڪڏهن هنن کي گڏ ڪونہ ڏٺو آهي. تنهن ڏينهن سامهون رهندڙ پاڙيواريءَ تي چيو تہ سونل هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ گانا ڳائيندي آهي.''

مون پنهنجي رڙ تي قابو رکندي چيو، ''آشا! تون گهر ۾ اڪيون ٻوٽي ويٺي آهين ڇا! ٻلي گهر ۾ هلي آئي آهي: رنڌڻي تائين پهچي ويئي آهي: کير چٽي رهي آهي ۽ تون مهاراڻي سوڙ پائي سکيت جي سيج تي سمهي پيئي آهين. هش هش ڪرڻ تہ دور. تون ٻليءَ کي ٻچڪاري رهي آهين.''

آشا پنهنجو هٿ منهنجي هٿ مان ڇڏايو ۽ شوخيءَ مان چيائين ''مان ڪو سشيل جي سڄي ڏينهن جي پهريدار آهيان ڇا! جوان ٻار آهي. مان هن جي نوس نوس ڇو ڪريان! سڄو ڏينهن تہ ويٺو گهر ۾ هو پڙهي

صوفا تي ويهاري چيو،

”پٽ سونل! تون ويھ. منهنجو تو ۾ ضروري ڪم آهي. مان رنڌڻو سهيڙي اِجهو تي اَچان.“

مان ٽپ ڏيئي اُٿي ڪڙو ٿيس. منهنجي من ۾ خيال آيو تہ هن ۾ليءَ سان هڪ ميڪاٽي ڪرڻ جو هيءُ سٺو موقعو آهي. سُشيل بہ سمهيو پيو آهي ۽ آشا بہ رنڌڻي ۾ آهي. مان سونل جي پاسي ۾ اَچي ويٺس ۽ هن کان هڪ سٺو سوال ڪري ئي ويٺس.

”سونل! تون هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ گانا ڳائيندي آهين! ڇا اهو سڀ شان وٽان آهي؟ تنهنجي پيءُ ماءُ کي اعتراض نہ آهي؟“

سونل ڪجھہ وقت منهنجي مُنهن ۾ نهاريندي رهي. پوءِ ٺهر سان جواب ڏنائين،

”انڪل! اِهو سچ آهي تہ مان هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ گانا ڳائيندي آهيان. اِهو منهنجو شوق بہ آهي تہ پيشو بہ آهي. ہہ ڏوڪڙ ملن ٿا ۽ گھر هلي ٿو.“

”ڇو گھر ۾ ٻيو ڪو ڪمائيندڙ ڪونہ آهي جو تون نوڪري تي هوٽلن ۾ گانا تي ڳائين“ مون چيو.

”ڳائڻ ڪو ڏوھ آهي ڇا! سنگيت تہ آتما آهي. ستيم شوم سُندرم آهي. مان سنگيت ذريعي ماڻهن جو منورنجن ڪريان ٿي. پنهنجي اَپاهج پيءُ ۽ ماءُ جو پيٽ پاليان ٿي. منهنجو وڏو ڀاءُ تہ پنهنجي پيءُ ماءُ کي ننڍڪو ڇڏي دور ديش ۾ وڃي ويٺو آهي. مان گھر جي نياڻي هاڻ پُٽ جو فرض پالي رهي آهيان. ڪنهن کي اَعتراض ڇو هئڻ گھرجي!“

هن جي ان سٺي جواب سامهون مان وڌيڪ گھڙو بحث ڪريان. پر تڏهن بہ ڪيس چيم، ”تون ڪا شانائتي نوڪري ڇو ڪونہ ٿي ڪرين؟“

هن جواب ڏنو ”مان گريجوئيٽ آهيان. سنگيت جي سکيا ورتي اٿم. نوڪري لاءِ انيڪ درخواستون ڪيون اٿم. پر ڪٿاب بہ جواب ڪونہ آيو اٿم. نوڪريءَ جي آسري ويهي ماءُ پيءُ کي بکيو تہ نہ رکنديس.“

اَڄ جي پيڙهيءَ سان بحث ڪرڻ آهي پنهنجو مٿو پِٽ سان هڻڻ.

ڏيکاريندي.

امتحان جي نتيجي جو ڏينهن بہ اَچي ويو. ٿيو اُهو ئي جنهنجو مونکي ڊپ هو. ٽي ڊائيون: يعني سُشيل امتحان ۾ ناپاس ٿيو. وري ڇهن مهنن کان پوءِ امتحان ڏيڻو آهي.

گهر ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. ڪير ڪنهن کي ڏوه ڏي! سُشيل تہ اُداسائي (Depression) جو شڪار ٿي ويو آهي. سڀ ڪتاب ويڙهي ڪٽي ڪبٽ ۾ رکيا اَٿائين. سڄو ڏينهن يا سمهيو پيو آهي يا ٽي.وي.ءَ سامهون شانت موڳو ويٺو آهي. ماني بہ بي دلي ٿو کائي. امتحان وري ڏيڻ جو خيال لاهي ڇڏيو اٿائين. پڙهڻ لاءِ ڇيومانس تہ مُنهن ڦيري پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هن جو هيءُ حال مون کان سَٺو نٿو وڃي. مون آشا کي چيو، ”اَچا ڪيترو وقت تون ڪبوتر جيان اکيون بند ڪري حالتن کان نٽائيندي رهنديءَ؟ سچ تہ اِهو آهي تہ هيءُ سڀ هُن ٻلڻيءَ جي ڪري ٿيو آهي ۽ تنهنجي لاپرواهيءَ سببان ٿيو آهي. تون جي وقت تي ڪو قدم کڻين ها ۽ هُن ٻلڻيءَ کي گهر اَچڻ کان روڪين ها تہ اَسان جي ٻار جي هيءُ حالت ڪونہ ٿئي ها. تو کي ٻوٽو ڪونہ ٻاريو هاڻ مان ئي هن ٻلڻيءَ سان ڳالهائيندس ۽ هن جي لاڪ لائيندس.“ آشا دهلجي ويئي. چيائين،

”توهان شانت رهو. توهان جو هڪ غلط قدم گهر جي ستياناس ڪندو. جوان ٻار آهي. فيل ٿيو آهي. دل شڪستو ٿي پيو آهي. اُداسائيءَ جي گهيري ۾ اَچي ويو آهي. توهان سختي ڪندا تہ خبر نہ آهي هو ڇا ڪري ويهي. هاڻ جيڪو ڪندي، سونل ڪندي.“

مان حيرانيءَ وچان آشا ڏانهن ڏسندو رهيس. ڪهڙو زمانو آيو آهي ماءُ پيءُ پنهنجي ٻارن سان ڳالهائڻ لاءِ سمرٿ نہ آهن ۽ نہ ئي ٻار مائٽن کي ٻڌڻ لاءِ تيار آهن. مڃيوسين تہ هيءُ سائنس ۽ ڪمپيوٽر جو يگ آهي. ٻار مائٽن کان وڌيڪ ذهين ۽ عقلمند آهن پر سنسڪار ۽ انساني قدرن کي بہ وڏي معنيٰ آهي. شايد مان پاڻ کي حالتن سان ٺهڪائي نہ سگهيو آهيان ۽ وقت سان سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان.

آرتوار جو ڏينهن هو. مان منجهند جي ماني کائي ليٽي اخبار پڙهي رهيو هوس. در تي گهنٽي وڳي. در آشا ئي کوليو. سونل اَندر لنگهي آئي. سشيل تہ پنهنجي ڪمري ۾ سمهيو پيو هو. آشا سونل کي

منهنجي دل ۾ ڪابه جڳهه نه آهي. تو مونکي سخت رنج رسايو آهي. هر ڪامياب انسان جي زندگيءَ ۾ چئن خوبين جو هئڻ ضروري آهي. جن مان ٻه خوبيون Intelligance (سمجهه) ۽ Imagination (ويچار شڪتي) تو ۾ ڀرپور آهن: تڏهن ته تون انجنيئرنگ جي پڇاڙيءَ واري سال تائين پهچي سگهيو آهين ۽ منهنجو پيار پائي سگهيو آهين. تو ۾ ڪمي آهي Self-Confidence (آتم وشواس) ۽ Face the Failure (ناڪاميابيءَ سان مقابلو ڪرڻ) جي. اُهو وڻ ئي ڪونهي جو واءُ نه لوڏيو هجي. اُهو گهوڙيسوار ئي ڪهڙو جو گهوڙي تان ڪِريو نه هجي ۽ وري ٽپ ڏيئي گهوڙي تي نه ويٺو هجي. تون پاڻ سنڀال. پاڻ ۾ ڀروسو رک. محنت ڪر. پنهنجي ماءُ پيءُ جو ڳاٽ اوچو ڪر. مان هڪ ڪامياب انجنيئر جي پتني ٿيڻ ٿي چاهيان. منهنجي پيار جي صدقي تون هن نراشائيءَ جي ڪاري غفا کان ٻاهر نڪر. مونکي تنهنجو انتظار آهي. منهنجو وشواس نه ٽوڙج. هاڻ تو سان وري تڏهن ملنديس جڏهن تون امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي منهنجي گهر ۾ مٺائي کڻي ايندين!

تنهنجو پيار،

سونل

اَڄ سُشيل جي فرسٽ ڪلاس ۾ اِنجنيرنگ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ گهر ۾ جشن آهي. جشن ۾ سڀ جو سڀ مٽ مائٽ، پاڙيوارا، دوست موجود آهن. انتظار آهي ته فقط سونل جو.

سونل مسڪرائيندي، لهرائيندي اندر آئي ۽ منهنجي آغوش ۾ سمائجي ويئي. منهنجي اکين ۾ پيار جا ڳوڙها هئا. مان فقط سونل کي ايترو ئي چئي سگهيس ''ڏيءَ سونل مان تنهنجو احسانمند آهيان.'' آشا جا منهنجي پاسي ۾ بيٺل هئي: تنهن کلندي چيو، ''سونو اسان جي ڏيءُ نه هاڻ نونهن آهي.'' گهر مهمانن جي تاڙين سان گونجي اُٿيو.

موٽن ڪري ڇڏي ساڻي. ايتري ۾ آشا به رنڌڻي جو ڪم پورو ڪري اَچي سونل جي پاسي ۾ ويٺي ۽ چيائين، ”مٺي! سُشيل تنهنجو دوست آهي. هن جي هيءَ موڪلائي مونکان سَٺي نٿي وڃي. هو اسانجي ته ٻڌي نٿو. هاڻ تون ئي ڪجهه پنهنجي دوست لاءِ ڪر. هو ضرور تنهنجي ٻڌندو. اسين چاهيون ٿا ته هو وري پنهنجي پڙهائي شروع ڪري امتحان ڏي ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي ۽ بس. اهو سڀ چوندي آشا ته اَچي سڏڪن ۾ ڇتڪي. سونل پنهنجي جاءِ تان اُٿي. آشا کي ڀاڪر پاتائين ۽ دلداري ڏيندي چيائين، ”آنٽي! توهان ڪا چنتا نه ڪريو. سُشيل هاڻ منهنجي جوابداري آهي. هو پڙهائي به ڪندو. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس به ٿيندو ۽ پنهنجن پيرن تي به بيهندو.“ اِهو سڀ چئي در ٻيڪڙيندي گهر کان ٻاهر هلي ويئي.

تنهن ڏينهن شام جو سونل جي گهر جو نوڪر هڪ لفافو سُشيل جي هٿن ۾ ڏيئي هليو ويو. سُشيل لفافو کوليو ۽ خط پڙهڻ ويهي رهيو. خبر نه آهي هن ڪيترا دفعا اهو خط پڙهيو. خط پڙهڻ کان پوءِ هو چڱو وقت اَکيون بند ڪري ڪجهه سوچيندو رهيو. بس پوءِ خط ٽيبل تي ڇڏي هو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. مان اُٿيس خط کڻي ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏيم.

هڪ ڪرشمو ٿي ويو! سُشيل پنهنجا ڪتاب ڪيٽ مان ڪيي ميز تي سجائي رکيا. سويل صبح جو پڙهڻ لاءِ اُٿندو هو. رات جو دير تائين پڙهندو هو. موڪلائيءَ جا سڀ آثار هن مان گم هئا. هن جي اکين ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي چمڪ هئي. ڪجهه پائڻ جي اُڪير هئي. آشا ۽ مان ان پريورتن تي حيران هئاسين. مان سوچي رهيو هوس ته سونل جي خط ۾ ڪهڙي سرجيون ٻوٽي ڇپيل هئي جو منهنجو لعل مورڇا جي حالت مان ٻاهر اَچي ويو آهي. سونل جي خط پڙهڻ لاءِ بي چين ٿي ويس. خط نه هو محبت جو اظهار هو. اُتساهه ۽ اُمنگ جو منتر هو. ڪامياب زندگيءَ جي ڪنجي هئي :

پريه سُشيل،

مان توسان بيحد پيار ڪريان ٿي. توکي شايد ڄاڻ نه آهي ته مون آئينده لاءِ ڪيترا سونهري سپنا سجايا آهن. پر تنهنجي ناڪاميابيءَ منهنجا سڀ سپنا چور چور ڪري ڇڏيا آهن. ناڪامياب انسان لاءِ

روئندو ڏٺو آهي. ڪيترا دفعا هن کي در تي بيهي دور افق ڏانهن نهاريندي ۽ پپا جو انتظار ڪندي ڏٺو آهي؛ پر پپا کي ڪي پل مميءَ سان ويهي روح رهاڻ ڪندو مون ڪڏهن به ڪونه ڏٺو آهي. هو ته چڙ پنهنجي ئي گهر ۾ پيئنگ گيسٽ تي رهندو آهي.

هڪ دفعي مون پپا سان پڪچر تي هلڻ لاءِ ضد ڪيو. هن جو 'ننو' اکر 'نه': هن پنج سؤ روپين جو نوٽ منهنجي سامهون ڦٽي ڪيو. چيائين ته ماءُ سان وڃي پڪچر ڏسي اچ. مونکي پريشاني ان ڳالهه جي آهي ته منهنجي ماءُ چپ چپ جو آهي. هن هڪ دفعو به پپا سان سينو ڪونه ساهيو آهي. اسين پڪچر ڏسي آياسين: پپا گهر ۾ اڪيلو ويٺو رهيو.

منهنجي ماءُ آهي ته سُهڻي، سبول، قد جي ڊگهي، بدن جي پوري پُني، ڳلن ۾ ڊمپلس، گهنبيدار وار؛ پر الائي ڇو هميشه سهميل سهميل رهندي آهي. مون هن کي ڪڏهن به ٽهڪ ڏيئي کلندو ڪونه ڏٺو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن جي چپن تي ايڪم جي چنڊ جيان مٺڙ مشڪ جي ليڪ ايندي. هن جي چهري تي چنڊ جي چانڊنيءَ جي جهلڪ ايندي؛ پر جلد ئي غم جا بادل هن جي چهري تي ڇانئجي ويندا. هوءَ هڪ ٿڌو ساهه کڻندي ۽ اٿي هلي ويندي. هن کي نه آهي ڪو ڪپڙي پائڻ جو شوق ۽ نه آهي ڪو گهمڻ ڦرڻ جو سواد. هوءَ هميشه پائي سادو ڪڙتو شلوار. مون هن کي ڪڏهن به ساڙهيءَ ۾ ڪونه ڏٺو آهي. ها! هن کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. جدا جدا ليکڪن جا ناول، ڪهاڻيون خريد ڪري ايندي ۽ دير رات تائين پڙهندي رهندي آهي. پپا جو ڪمرو جدا ته مميءَ جو ڪمرو جدا آهي. مون کي ياد نه آهي ته پپا ڪڏهن مميءَ کي ڪنهن پارٽي يا ڪنهن سنيما تي ساڻ وٺي ويو هجي. اسان سيني جي گڏجاڻي فقط رات جو کاڌي وقت ٽيبل تي ٿيندي آهي ۽ بس.

مان ته پنهنجي سنتان آهيان. گهر ۾ اڪيلو ٻار آهيان پر پپا ڪڏهن به منهنجو رپورٽ ڪارڊ ڪونه ڏٺو آهي. ڪڏهن به منهنجي اسڪول جي ڪنهن به جلسي ۾ شامل ڪونه ٿيو آهي. منهنجا هم ڪلاسي يا ڪلاس جو ماستر جڏهن به پپا لاءِ پڇندو آهي تڏهن منهنجو هڪ ئي جواب هوندو آهي ته پپا ممبئي کان ٻاهر ويل آهي.

مون پنهنجي ماءُ کان ڪيترا ئي دفعا پڇيو آهي ته پپا جو سڀاءُ ائين رُکو ڇو آهي! مميءَ ڪڏهن به ڪو سنئو جواب ڪونه ڏنو آهي. بس

لُڙَڪ

جڏهن کان پاڻ سنڀاليو اٿم، پاڻ کي پنهنجي نئي گهر ۾ اوپرو پاتو اٿم. گهر ۾ مون کان سواءِ آهن ته فقط ٻه ڄاڻا: منهنجو پپا ۽ منهنجي ممي. مان ٻنهي لاءِ چئن ته گهر ۾ ڪو گهر ڀيڇي آيل مهمان آهيان. نه لاڏ نه ڪوڏ. بس سڪٽي ٻچڪار ڀلا جيڪي ٻيئي پاڻ ۾ سڪ پيار ونڊي نٿا سگهن: سي مونکي ڪهڙو پيار ڏيندا ۽ انگل آرا سهندا! هڪ دفعي منهنجي ماءُ مونکي فش پانڊ، ننڍيو مڇلي گهر سوغات ۾ ڏنو. شيشي جي باڪس ۾ پاڻيءَ ۾ جدا جدا رنگن جون ننڍيون مڇيون ٿي تريون. هڪ سونهري رنگ جي سهڻي ننڍي مڇي لڳاتار مڇلي گهر جي هڪ ديوار کان ٻي ديوار تائين ٿئي اچ وڃ ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن مٿي اچي ساهه کڻي وري پنهنجي اچ وڃ جي قوائد جاري ٿئي رکي. مون ممي کان سوال پڇيو ته هيءَ مڇي ٽڪاڻي ڇو ڪونه ٿي؟ مميءَ وراڻيو ته مڇي پنهنجي گهر ۾ خوش آهي. هوءَ پيئي ٿي هنبوڇيون هڻي. مميءَ جو جواب مونکي راس نه آيو. مون چيو.

''مڇي ويچاري ڏاڍي پريشان آهي. هوءَ قيد مان آزاد ٿيڻ لاءِ پيئي ٿي رستا ڳولهي.'' مميءَ شايد منهنجي من جي استثيءَ پانپي ويئي. هن کٽي مونکي پنهنجي سيني سان لڳايو.

منهنجو پتا شري ته دوائن جي هڪ مشهور ڪمپنيءَ ۾ سيلس ايگزيڪيو ٽو آهي. دوائن جي وڪري لاءِ هميشه ديش جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ ڏانهن پيو سفر ڪندو آهي. هو ٻه ڪي راتيون پنهنجي گهر ۾ گذاري وري سفر تي روانو ٿي ويندو آهي. گهر هلائڻ جي جوابداري پوري ريت مميءَ جي آهي. ڏينهن جا ڏينهن ممي پاڻ کي اڪيلو گهر ۾ پائي پريشان ٿي ويندي آهي. مون هن کي ڪيترا دفعا رات جو سوڙ ۾ مُنهن لڪائي

چو ان! جيڪو پنهنجو ملڪ ئي نہ آهي: جتي مونکي عمرپر رهڻو ئي نہ آهي: تنهن سان ڪهڙو موهہ رکان. وديش ۾ رهندي مون تہ هڪ پل لاءِ بہ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪونہ وساريو. هنن ٻنهي جي ياد ڏاڍو ستائيندي هئي. هر وقت هنن جي فون جو انتظار رهندو هو. مميءَ جو فون تہ هر هفتي ايندو هو: پر پپا جو فون چئن سالن ۾ فقط ٻہ دفعا ئي آيو. هن جو هڪ ئي جملو، ”ڪيئن آهين! سدا خوش رهہ.“ جيئن مون امتحان پاس ڪيو ۽ ڊگري حاصل ڪئي: منهنجا پير تپي پيا. ڪالهہ دير رات پنهنجي گهر ممبئي واپس وريو آهيان.

اڄ صباح جو اک کلي تہ ڏينهن ڪافي چڙهي چڪو هو. سج جي تيز روشني اکين ۾ چڀي رهي هئي. مميءَ جي ڪمري ۾ ريڊيو وڄي رهيو هو. هندي فلم جو گانو هوا ۾ لهرائي رهيو هو. من سست هو. تن اُٿڻ جي نٿي ڪئي. اکين ۾ ننڊ جي خماري هئي. اوچتو منهنجي نظر وهاڻي هيٺان رکيل هڪ اڇي لفافي تي پيئي. لفافي تي لکيل هو ’ڪانفيڊينشل‘ يعني ’مخفي‘. لکاوٽ مميءَ جي هئي. عجب لڳم تہ مميءَ جو پنهنجي پٽ سان ڳالهائڻ جو هيءُ ڪهڙو طريقو آهي! اکين مان ننڊ تہ پر ڪر اڏامي ويئي. سوچيم تہ مميءَ کو چرچو تہ ڪونہ ڪيو آهي! پر بہ هوءَ چرچو ڇو ڪندي! لفافو کوليم. خط تہ وڏو هو. مان پلنگ تان اُٿي سامهون ڪرسيءَ تي ويٺم. ”پريہ روشن!

ڪن جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪو ياونائن جو وهڪرو اچي ٿو تہ سڀ ڪجهہ گهلي وڃي ٿو. جڏهن ٻوڏ ٿمجي ٿي، تڏهن پاڻ کي ڪناري کان دور بربادي‌ءَ جي کنڊهر ۾ پائجي ٿو. زندگيءَ کي نئين سر اڏڻ آهي ڇڻ تہ وري نئون جنم وٺڻ. چاهيندي بہ زندگيءَ جي ان باب کي وساري نٿو سگهجي. منهنجي زندگيءَ جو بہ اهڙو هڪ باب آهي. هي سڀ مان توکي ڇو لکي رهي آهيان! ڇا توسان پنهنجو ماضي ونڊڻ لاءِ! نہ! بلڪل نہ! شايد زندگيءَ جي انت گهڙي تائين توسان ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪيان ها! توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڪو بہ دک نہ پهچايان ها! پر وقت آيو آهي تہ توکي انهن سچاين کان واقف ڪريان، جن کي ڄاڻڻ جو. انهن جي ڇيد ڪرڻ جو توکي پورو اڌڪار آهي. هاڻي تون بالغ آهين. تون ذهين آهين. اميد تہ تون حالتن کي سوچي سمجهي پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳتي قدم رکندين ۽ رشتا قائم ڪندين. ڪنهن کي بہ ڏوهي قرار ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي.

مکـرائيندي مونکي پنهنجي ياکر ۾ سمائي ڇڏيندي آهي. اسڪول جي موڪلن ۾ مان ۽ ممي هميشه پوني ۾ ناناڻي گهر ويندا آهيون. بس اُهو ئي وقت هوندو آهي جڏهن مان پاڻ کي پنهنجن جي وچ ۾ پائيندو آهيان. نانا ناني، ماما مامي ۽ پنهنجي ماءُ کي ٽهڪ ڏيئي کلندو ڏسندو آهيان. زندگيءَ جي ترنم جي گونج ٻڌندو آهيان. ڳڙ ڳڙ ڪندي وهندڙ زندگيءَ جي روانيءَ جو احساس ماڻيندو آهيان.

مون سوچيو، وقت ائين ئي گذري ويندو؛ جيون جي ٻيڙي ضرور پنهنجي منزل تي پاڻيهي پهچي ويندي. شايد ان کي ئي قسمت چوندا آهن. پر نه، هڪ ڏينهن منهنجي مائي زندگيءَ ۾ هڪ طوفان آيو. مان پنهنجي امڙ جي آنچل کان وڇڙجي دور هليو ويس. بس زندگيءَ جي راهه تي ڊوڙندو رهيو آهيان. ڪڏهن به ساهي پٽڻ جي فرصت ڪونه ملي اتم ۽ نه ئي گهر جو سک پاتو اٿم.

مون ائين درجي جو امتحان پاس ڪيو. هڪ ڏينهن پپا شام جو دير سان گهر آيو. مونکي ۽ ميءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏ ڏنائين. هن جي هٿ ۾ هڪ لفافو هو. لفافو کوليائين. ڪاغذ پڙهندي مون ڏانهن نهاري اعلانيه نوع ۾ چيائين، ”تنهنجي وڌيڪ پڙهائي ممبئي ۾ نه پر دور پهاڙن جي گود پنچ گنيءَ جي بورڊنگ اسڪول ۾ ٿيندي. ٻارهين درجي يعني بورڊ جي امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ انجينئرنگ جي پڙهائي لاءِ توکي نيويارڪ، امريڪا وڃڻو پوندو. مون سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“ ٻاهر هال ۾ خبر ناهي ڪيئن شيشي جو ماڇلي گهر اچي پٽ ڪريو ۽ سڀ ماڇيون آزاد ٿي تيون پر بن پاڻيءَ فرش تي ڦٿڪي رهيون هيون. پپا ڦٿڪندڙ هڪ ننڍڙي سوني ماڇيءَ کي ڪٽي پاڻيءَ جي پاٽ ۾ وجهي ڇڏيو. گهر مان مون کي لوڏڻ لاءِ مون من ئي من ۾ پپا کي انيڪ پاراتا ڏنا. ميءَ تي به غصو آيو. هن هڪ دفعو به پپا جي فيصلي جي مخالفت ڪونه ڪئي.

ممي هر مهيني پنچ گنيءَ جي هاسٽل ۾ ملڻ ايندي هئي. ڦل ۽ مٺايون کٽي ايندي هئي. سڪ جا ياکر پائيندي هئي. اکين ۾ريل ڳوڙهن سان موڪلائيندي هئي. وري جلد اچڻ جو واعدو ڪندي هئي. پڙهڻ ۾ من لڳائڻ لاءِ صلاح ڏيندي هئي. زندگيءَ ۾ ڪنهن مقام تي پهچڻ لاءِ آتساهه ڏياريندي هئي. پپا ڪڏهن به مون سان ملڻ ڪونه آيو. ميءَ کان جڏهن به پپا لاءِ پڇيم؛ هن جو جواب هڪ ڦڪي مرڪ هئي. نيويارڪ جي زندگيءَ بابت مان ڇا

تي هلي سگهي ٿي ۽ انساني تعلقات وڃائي ڇڏيندو. مان اهو پاپ ڪونه ڪري سگهنديس. ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ کان لڪائي مون تنهنجي پپا ڏانهن شاديءَ کان ٻه ڏينهن اڳ هڪ خط لکي موڪلي ڏنو. خط ۾ مون پورو داستان بيان ڪيو هو. هن کان ڪابه ڳالهه ڪونه لڪايم. خط ۾ مون اهو به لکيو ته مان پنهنجين نظرن ۾ ايترو ته ڪري پيئي آهيان جو زندگي زهر ٿي پيئي آهي. هڪ ڀيرو ته جي صدقي اهو زهر ڍُڪ ڍُڪ ڪري پي رهي آهيان. مان هن سان ڪوبه انياءُ ڪري پاڻ کي گناهن جي دلدل ۾ ڌڪيلڻ نٿي چاهيان. مون هن کي التجا ڪئي، ته هو شاديءَ جي ڏينهن ڪورٽ ۾ نه اچي. مون کيس وشواس ڏياريو هو ته ٻار جي پوري پرورش لاءِ مان اڪيلي ئي ڪشمڪش ڪنديس.

مونکي پڪ هئي ته منهنجو خط پڙهڻ کانپوءِ هو پڪ ئي پڪ شاديءَ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪونه ايندو؛ پر ائين نه ٿيو! هو ته اسان کان اڳ ئي مقرر وقت تي ڪورٽ پهچي ويو هو. دل ۾ هڪ خيال آيو ته شايد هن کي منهنجو خط ڪونه مليو آهي. جي مليو آهي ته هن پوريءَ ريت پڙهيو ڪونه آهي. هاڻ مان ڇا ڪريان! اجا ڪجهه سوچي ئي رهي هيس ته هو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيائين ۽ ٻاجهه سان چيائين، ”وينا! سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. تون چنتا نه ڪر.“ مون ان وقت دل ئي دل ۾ تنهنجي پپا جي چرنن ۾ سجدو نه؛ پر ايشور کي سيس نوايو هو.

شاديءَ رات هن مونکي ڪرسيءَ تي ويهاري پاڻ سامهون ٻي ڪرسيءَ تي ويٺو. چيائين، ”وينا! مون تنهنجو خط پڙهيو آهي. تنهنجي سچائي ۽ ايمانداريءَ جو مان قدر ٿو ڪريان. زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن واقعن جي سونامي اسان کي نابود ڪرڻ لاءِ دور مايوسي ۽ بي وسيءَ جي جهاڳ سمنڊ ۾ گهلي وڃي ٿي. هڪ نيڪ انسان ئي همت ۽ سچائي سان لس لهرين سان مقابلو ڪري موٽي ڪناري پهچي وري زندگيءَ جو سفر شروع ڪري ٿو. اسين ٻيئي همسفر آهيون. تون ۽ مان ساڻ ساڻ هڪ ٻيڙيءَ تي زندگيءَ جي طوفاني سمنڊ تي سفر ڪري رهيا آهيون. تنهنجو ساٿ پائي مان خوش آهيان. مونکي خبر نه آهي ته منهنجا ماءُ پيءُ ڪير آهن. مون ته سنسار ۾ اکيون ئي يتيم خاني ۾ کوليون آهن. شايد مان انهن کي ڪچري جي دڙي تي لاوارث مليو هوس. پڙهائي ميونسپل جي اسڪولن خيراتي ڪاليجن ۾ ٿي آهي. نه ڪنهن پيار جو هٿ سر تي رکيو ۽ نه ڪنهن

اڃان ارڙهن سالن جي مس هيس. هڪ رات پنهنجي پريميءَ سان گڏ هر ڇڏي پاڇي ويس. اکين ۾ انيڪ سپنا هئا. پريم آشيانو اڏڻ جي اُڪير هئي. ڪنن ۾ پريت جا ترانا ٻُري رهيا هئا. چپن تي عاشقيءَ جا گيت هئا. دلبر جو آغوش هو ۽ محبت جا ماڳ هئا. ٻيا سڀ ٻنڌڻ منهنجي لاءِ بي مطلب هئا. هڪ ئي ٻنڌڻ سان نڀائي رهي هيس، سو هو پيار جو ٻنڌڻ. ٽي مهينا خبر نه آهي اک ڇنڀ ۾ ڪيئن گذري ويا. پاڻ کي گرڀو تي پاتم. تون منهنجي جيون جو انگ بڻجي چڪو هئين. ڪلندي خوش ٿيندي جڏهن اها ڳالهه پنهنجي ساجن کي ڏنم، ته هن جو مُنهن ٽامٽي هٽي ويو. چيائين،

”بيوقوف آهين ڇا؟ توکي خبرداري وٺڻ گهربي هئي.“

بس تنهن رات ئي هو مون کي رڻ ۾ رولي پاڻ پر ڪري اڏامي ويو. نفرت، اپراڌ ۽ من ۾ هيڻ پاونا کڻي نديءَ ڪناري اچي پهتس. آتم هتيا لاءِ ڪيترا پيرا ڪوشش ڪيم پر همت نه ساهي سگهيس. هڪ ئي آواز منهنجي ڪنن ۾ ٽنئي گونجيو،

”امڙ! منهنجي هتيا نه ڪر. مون ته اڃان سنسار ۾ پرويش به ڪونه ڪيو آهي. منهنجو انت ڇو!“

مان نادان پريشان موٽي اچي پنهنجي گهر جي چائنٽ تي بيٺس. ننهن ڪان ماس نه وڇڙندو آهي. اما، بابا مونکي پنهنجي سيني سان لڳايو. هنن به ٻار ڪيرائڻ جو سُر آلاپيو: پر منهنجي پاءُ سيني کي هڪل ڪئي،

”ڪير به ٻڙڪ ٻاهر نه ڪيندو. اٺن ڏينهن اندر وينا جي شادي ٿي ويندي. پوءِ هوءَ پاڻ ڄاڻي. مونکي هڪ ڇوڪرو خيال ۾ آهي.“

بس. ٻئين ڏينهن تنهنجو پيا مونکي ڏسڻ آيو هو. ستاويه سال ٿي ويا آهن: پر مونکي سڀ چٽو ياد آهي. هن نه ڪا ڏيتي ليتيءَ جي ڳهر ڪئي نه ڪو شاديءَ جي ادمبر لاءِ وات وڌو. بس! چيائين ته ايندڙ سومر ڪورٽ رجسٽرار اڳيان شادي ٿيندي. مان حيران ٿي ويس ته هي ڪهڙو انسان آهي! هيءَ ڪهڙي سچائي ۽ سادگي آهي! گهر جا ياتي ته خوش هئا پر مان پريشان هيس. هن جهڙي سچي ماڻهوءَ سان دوه ڪرڻ آهي ايشور سان دوه ڪرڻ. سچ تي پردو وجهي هن سان شادي ڪرڻ سان نه مان سک سان جي سگهنديس ۽ نه هو گهر گرهستيءَ جو سک ماڻي سگهندو. هن جو ته اڳ

جڳھ ملجي يا نہ!

سرڪاري نوڪريءَ ۾ پل سڪ هلجن پر هر ٽئين سال بدلي ڇڻ آزار ٿيو پوي. بابا جي سرڪاري نوڪريءَ گھر ۾ گھٽي ۾ گھٽو مونکي پريشان ڪيو آهي. هر بدليءَ سان مون پنهنجو اسڪول بدلايو آهي. نوان ماستر نوان ساٿي ۽ انيڪ ڪتا متا آزمودا.

سندر سان منهنجي پهرين ملاقات بہ ان دور ۾ ٿي. بابا جي بدلي ممبئي شهر ۾ ٿي. اسڪولن ۾ پڙهائي شروع بہ ٿي ويئي هئي. بابا جي وڏي عهدي سببان، مونکي ممبئي جي هڪ مشهور اسڪول ۾ ذهين درجي ۾ داخلا ملي ويئي. بورڊ جو امتحان هو: تنهن ڪري محنت بہ سر توڙ ڪرڻي هئي. ڪلاس ٽيچر، مانيٽر سندر کي مونکي نوٽس ڏيڻ جي هدايت ڪئي.

سندر: شڪل جو سُھڻو، قد جو ڊگھو، بدن جو سبول ۽ ڦڙت وديارٿي هو. هن جو سياهُ پراون پنهنجو هو. هميشه پيو مسڪرائي. هن جي ڏنل نوٽس مان صاف ظاهر هو تہ هو تمام محنتي ۽ ذهين پڻ هو. هڪ ڳالھ، جنهن منهنجو ڌيان ڇڪايو تہ سندر جي کاٻي پير ۾ ڪو عيب هو جو هو اڻ لکو لڪائي ٿي هليو. مونکي پوءِ ڄاڻ پيئي تہ اها وڏ هن کي جنم کان آهي. سندر پهرين ڏينهن کان منهنجو دوست بڻجي ويو هو. منهنجي گھر جي ويجھو هڪ چال ۾ رهندو هو. جيئن تہ روز سرڪاري ڪار مونکي اسڪول ڇڏڻ ۽ وٺڻ ايندي هئي، سندر بہ مون

ٻاچڪار ڏني آهي. اڄ نوڪريءَ ۾ ڪنهن مقام تي پهتو آهيان؛ پر سياءَ جي لحاظ کان تون مونکي سو ڀيٽ چئي سگهين ٿي. بس مان ائين ئي آهيان. مان نہ ڪنهن پارٽيءَ ۾ وڃان نہ ڪنهن سنيما تي. آفيس ۾ ماڻهن سان گڏ هيريل هوندي بہ اڪيلو آهيان. هر مهيني آشرم ويندو آهيان. چندو ڏيندو آهيان پر ڪڏهن بہ ڪنهن اناٿ ٻار کي هناج ۾ ڪٽي ڪيس پيار ڪونہ ڪيو اٿم. شايد منهنجي اندر ۾ پيار جا سلا ئي سڙي ويا آهن. زندگي ٺوٺ ٿي ويئي آهي. مان سڀ توکي ان ڪري ٻڌائي رهيو آهيان جيئن منهنجي هلت يا ورتاءَ کي ڏسي تون مون سان نفرت نہ ڪرڻ لڳين. تنهنجي ٻار کي ڪو ناجائز چوي سو مان سهي ڪونہ سگهندس. مون سٽو آهي. مان نہ چاهيندس تہ اسان جو ٻار بہ هن جهان ۾ ساڳيا ڏک سور سهي. هن سماج جو مون تي وڏو قرض آهي. مان اهو قرض ڪنهن بہ نموني لاهڻ ٿو چاهيان. تنهنجو ٻار اسان جي گهر جو ديپڪ ٿيندو. تنهنجي ويران زندگيءَ کي آباد ڪندو.

پٽ روشن! تو مونکان انيڪ دفعا سوال ڪيو آهي تہ پپا ائين رُکو چو آهي؟ مان ائين سهمي سهمي چو آهيان؟ سچ تہ اسين سڀ حالتن جا شڪار آهيون. ڪير بہ ڪنهنجي اندر جهاتي پائي نٿو ڏسي. سڀ جو سڀ پنهنجا انومان لڳائي فيصلو ڪن ٿا. اميد تہ توکي پنهنجن سوالن جا جواب ملي ويا هوندا.

- تنهنجي ممي"

اجا خط پڙهي پورو ڪيم تہ ممي پپا جو منهنجي لاءِ سڏ ٿيو. اسين ٻيئي هن جي ڪمري ۾ پهتاسين. هن جي چهري تي خوشي صاف جهلڪي رهي هئي. مون هن کي ڪڏهن بہ اهڙو خوش ڪونہ ڏٺو هئو. هو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو. مونکي پنهنجي ڀاڪر ۾ سمائي ڇڏيائين.

ڀاوڪ ٿيندي چيائين، "پٽ! مان تنهنجي ڪاميابيءَ تي بيحد خوش آهيان. توکي انعام ڏيڻ ٿو چاهيان. هيءَ نئين ڪار جي چاٻي تنهنجي لاءِ آهي. نئين آفيس جي چاٻي آهي. دل سان محنت ڪر. ماءُ کي سک ڏي."

مان پپا جي ڀاڪر ۾ هوس. منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. منهنجي ماءُ نمُ اکين سان سڀ ڏسي رهي هئي.

ڳڻتي وڃي. در ڪوليڙ تہ سامھون بيٺل ھو سندر. ھيترن سالن کانپوءِ سندر کي در تي ڏسي تعجب تہ ضرور لڳم. سندر بہ منھنجي حيرانيءَ کي ڀانپي ويو. بيٺڪ ۾ ويھندي چيائين، ”سونو! مان حيدر آباد ويو ھوس. مينا بازار گھمندي تنھنجي ڏاڏي ياد آئي. ھيءَ پايل تنھنجي لاءِ سوکڙي وٺي آيو آھيان. اھا سوکڙي توکي ڏيڻ لاءِ ھت آيو آھيان.“

ھن ھڪ پئڪيٽ منھنجي ھٿن ۾ ڪري رکيو. ھن جي ان انوکي ادا تي مان من ئي من ۾ شرمائجي ويس. ھن جي نظر منھنجي چھري تي پيئي. مان ھن جو ڏنل پئڪيٽ کوليندي ھن جون نظرون چورائڻ جي اجائي ڪوشش ڪري رھي ھيس. چانديءَ تي ميناڪاري ٿيل پايل ھن جي انمول سوغات ھئي. ھن جا اھي شبد تہ ’مينا بازار گھمندي تنھنجي ڏاڏي ياد آئي‘ منھنجن ڪنن ۾ ور ور گونججي رھيا ھئا.

چانھہ پيئندي سندر پنھنجي دل جو حال سلي ئي ويٺو.

”سونو! ڪاڄھہ وقت کان تو سان ملڻ لاءِ سوچي رھيو ھوس؛ پر ھمت ساٿ نٿي ڏنو. ڪڏھن تہ پنھنجي من جي ڳالھہ تنھنجي اڳيان رکڻي ھئي. اڄ ھمت ڪري تنھنجي سامھون ويٺو آھيان. اھو ضروري ناھي تہ تون منھنجي سُجھاءَ سان شامل راءِ ٿين؛ پر تون منھنجي ويچارن کي نظرانداز بہ نہ ڪج.

پنھنجي ماءُ پيءُ سان ڳالھہ ڪج. سونو! تون منھنجو پھريون پيار آھين. ڇھن مھينن ۾ مان انجنيئر ٿي ويندس. سٺي نوڪري بہ جلد ملي ويندي مان توکي پنھنجو جيون ساٿي ٿو بڻائڻ چاھيان. توکي ھميشہ خوش رکڻ ٿو چاھيان. اھو منھنجو سپنو آھي. مان پنھنجو سپنو ساڀيا ڪرڻ چاھيان ٿو ۽ بس. اھو سڀ چئي ھو تہ اُٿي ھليو ويو؛ پر مان ڪيترو وقت فقط در ڏانھن نھاريندي رھيس. ھي ڪھڙو پيار آھي! ھيءَ ڪھڙي ديوانگي آھي! مون تہ ڪڏھن ھن بابت ڪاڄھہ سوچيو بہ نہ آھي. ھو تہ پنھنجي من ئي من ۾ انيڪ سپنا سجائي ويٺو آھي. مان ان چاھت کي پيار ڪيئن چوان! خير. مان ھن جي ڏنل سوغات ڪيٽ ۾ رکي ڇڏي.

سان سانڻ اسڪول ڪار ۾ ايندو هو.

اسان ٻنهي جي محنت، گڏجي ويهي پڙهڻ هڪ ٻئي سان ڪتابن ۽ نوٽس جي ڏي وٺ ڪرڻ سڀ ٺاب پيو. اسين ٻيئي بورڊ جي امتحان ۾ اول درجي ۾ پاس ٿياسين. سندر کي واڌايون ڏيڻ لاءِ آءٌ مٺائيءَ جو باڪس سانڍ ڪري هن جي گهر پهريون دفعو ويئي هيس. سادو سودو پر صاف چال جو گهر هو. هن جي ماءُ جي سڪ ۽ پيار ته مونکي موهي ڇڏيو. سندر، ماءُ پيءُ جي اڪيلي سنتان آهي. هن جو پيءُ ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪلارڪ آهي. سندر کي واڌايون ڏيندي مون کيس چيو

''سندر! مان اول درجي ۾ پاس ٿي آهيان؛ تنهن جو سمورو جس مان توکي ٿي ڏيان. تون ئي منهنجو رهبر ۽ رهنما هئين. مان ته فقط تنهنجي پٺيان پٺيان هلندي ٿي آيس. تو ئي مونکي هن منزل تي پهچايو آهي. تنهنجو هيءُ احسان مان زندگيءَ ڀر نه ڀلنديس.'' سندر ته بس مسڪرائيندو رهيو ۽ ڪنهن خاص ادا سان مون ڏانهن نهاريندو رهيو.

وقت ته پنهنجي رفتار سان هلندو ٿو رهي. ممبئي جو شهر وهندڙ نديءَ جيان آهي. ڪنهن کي فرصت آهي جو ڪو پٺيان نهاري؛ ڪنهن بابت سوچي، رشتا قائم ڪري ۽ اهي رشتا نڀائي. ڪڏهن ڪڏهن رستي ويندي سندر ملندو آهي، دُعا سلام ٿيندي آهي ۽ بس. مون هن سال B.Sc. پاس ڪئي آهي ۽ سندر مڪينيڪل انجنيئرنگ جي پڇاڙيءَ جي سال ۾ آهي.

امي ۽ بابا جي ننڊ ڦِٽل آهي. هو چاهين ٿا ته مان شادي ڪري وڃي پنهنجو وَرُ گهر وسايان ۽ هو پنهنجي جوابداريءَ کان مڪت ٿين. اهو اسان جو سماج ئي آهي جتي ڏيءَ وڏي ٿئي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي اکين ۾ ڀيئي ٿي. ڏيءَ کي پرائو ڌن ليکيو وڃي ٿو: جيترو جلد هوءَ وڃي شينهن ڪلهي چڙهي، اوترو بهتر.

هڪ ڏينهن مان گهر ۾ اڪيلي هيس. شام جي ويل هئي. در تي

منهنجي ماءُ پيءُ، منهنجي لاءِ شهر جي مشهور هيرن جي واپاريءَ جي پٽ سورج کي منهنجي ورَ جي روپ ۾ چونڊيو. لکن جي ڏيتي ليتي ڏني. اڄ مان هڪ عاليشان بنگلي ۾ رهان ٿي. گهر ۾ نوڪر آهن، موٽر گاڏيون آهن، اڻميو پيسو آهي، سماج ۾ منهنجو شان آهي، ڪٽي پارٽيون آهن. سڀ ڪجهہ هوندي بہ منهنجو گهوٽ سورج ڪٿي آهي! هن جو ڏينهن گذري ڪلبن ۾ تہ رات گذري ڪوٺن تي. هن کي شراب چرس، گانجي ۽ رَنن جي لت لڳي ويئي آهي. هن لاءِ مان تہ فقط عيش عشرت جي سامگري آهيان. چپ چوريندس تہ مار ڪُٽ ۽ گارگند جو وسڪارو پوندو. بدنصيبي پڌائي ٿي تہ نصيب ڇا ٿيندو آهي. هاڻ هڪ سال جي شاديءَ کانپوءِ اسان ٻنهي جي وچ ۾ نہ رهيو آهي پيار ۽ سنمان. رهجي ويو آهي تہ فقط سماجڪ شاديءَ جو ٻنڌن. منهنجي سامهون فقط ٽي رستا کليل آهن. طلاق، سورج سان سمجهوتو يا هن وقت پاسو ڪري رهڻ. مون ڪجهہ وقت پنهنجي پيڪي گهر وڃي رهڻ جو سوچيو آهي؛ جيئن ٿڌي سيني حالتن بابت سوچي سگهان.

ڪجهہ ڏينهن ماءُ پيءُ سان آرام لاءِ لوناولا ۾ آيل آهيان. ڪالهہ هوٽل ۾ ماني کائي ٻاهر نڪري رهي هيس تہ سندر کي ڪار مان لهندو ڏٺم. هن سان ملڻ لاءِ روح ريلو ڏنو. مونکي ڏسي سندر تہ گلاب جي گل جيان ٽڙي پيو. ٻيئي اچي هوٽل جي لابي ۾ ويٺاسين. سندر پنهنجي لاءِ ڪافي ۽ منهنجي لاءِ ونيلا آئيسڪريم جو آرڊر ڏنو. مون هڪ سنهو ٽهڪ ڏيندي چيو،

”سندر تون ڪجهہ بہ ڪونہ ڀُلايو آهي. توکي اڃا بہ ياد آهي تہ منهنجي پسند ڪافي نہ پر ونيلا آئيسڪريم آهي.“

سندر منهنجي هٿ تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو.

سندر هاڻ ڀارتيہ ريلوي ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر آهي. پوني ۾ رهندو آهي. مون کلندي کيس چيو،

”تو مون ڏانهن شاديءَ جو ڪارڊ ڪونہ موڪليو. هاڻ تون

ڪجهہ ئي ڏينهن ڪانپوءِ سندر جو فون آيو. چيائين،

"سونو! صباح ئي منهنجو جنم ڏينهن آهي. گهر ۾ هڪ ننڍي پارٽي رکي ويئي آهي. تون شام جو ضرور اچڄ. اها منهنجي التجا آهي."

ٻئي ڏينهن شام جو مان هن جي گهر وڃي پهتس. پارٽيءَ ۾ سڀ جو سڀ سندر جي ڪٽمب پريوار جا ماڻهو هئا. سڀني جون نظرون ڄڻ تہ مون تي ئي اٽڪيل هيون. هڪ وڏيءَ عمر جي عورت جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو. سندر جي ماءُ کي چئي رهي هئي،

"سلوچنا! قسمت واري آهين! سندر، ڇوڪري تہ پنهنجي لاءِ حور پري چونڊي آهي. بس جلد شاديءَ جون تياريون ڪري گهر ۾ نونهن وٺي اچ."

مان حيران ۽ پريشان ٿي ويس. ڇا سندر مونکي پنهنجن مائٽن کي ڏيکارڻ لاءِ پارٽيءَ ۾ سڏايو هو! سندر جي چال مونکي پسند ڪونہ آئي. تنهن ڏينهن مان سندر تي ڏاڍو ناراض هيس. ڪو بهانو ڪري جلد پنهنجي گهر واپس هلي آيس. دل ۾ آيو تہ سندر کي گل ڇني منهن ۾ ڏيانس پر مان چپ رهيس. دل مان هڪ آواز ضرور آيو،

"سونو! سندر توکي ڏاڍو پيار ڪري ٿو. ڀل تہ پيار جتائڻ جو طريقو هن جو نئين يُگ سان نہ ٺهڪندو هجي؛ پر هن جي پيار ۾ سچائي ضرور آهي. هن همت ڏيکاري آهي. اڄ جي زماني ۾ پيار سان پُر دل ڪن ٿورن جي ٿيندي آهي. تون سندر کي اپناءِ ۽ جيون جا سک ماڻ."

دماغ، دل جي آواز کي رد ڪد ڏيندي چيو، "هو چال ۾ رهندڙ، هڪ ڪلارڪ جو پٽ، تنهنجي لائق نہ آهي. تون هن سان شادي ڪري زندگي ڪيئن گهاري سگهندينءَ. اکيون ہوتي کوهہ ۾ ٽپو نہ ڏي."

مان سوچيندي رهيس: مونکي بہ پنهنجا ڪي سپنا آهن. مان اهي سندر جي هڪ طرفہ پيار جي صدقي ہلي ڪونہ چڙهائيندس. مون ڪڏهن بہ سندر جي سُجهاءَ جو ذڪر پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڪونہ ڪيو. بس چپ رهيس.

سُڏڪو

ڪرشنا جو موت بہ عجيب حالتن ۾ ٿيو. رات جو ماني کائي پلنگ تي سمهي. پر ۾ هن جو گهوٽ سيتلداس سمهيل هو. صبح جو ڪرشنا ننڊ مان اُٿي ئي ڪونہ. وچي اگر ديش ۾ پهتي. سڀ حيران ۽ پريشان تہ ڪرشنا اِئين ڪيئن راهہ رباني وٺي ويئي. ڪرشنا کي گوڏن جي سور جي تڪليف ڪاجهہ مهينن کان رهندي هئي. ڪرشنا اچي سٺ سالن جي ٿي هئي. اهي پيڙاپي جا سور تہ هرڪنهن کي سهڻا آهن پوءِ ڪن کي گهٽ تہ ڪن کي وڌ. جڏهن بہ ڪرشنا کي گوڏن جو سور ستائيندو هو: هوءَ ڪو تيل مهٽي، گرم پاڻيءَ جو سيڪ ڪري، ني ڪئپ پائي، سور جي گوري وٺي سمهي پوندي هئي. ان رات بہ شايد هن کي گوڏن جي سور ڏاڍو پريشان ڪيو هو. پاسي واري ٽيبل تي رکيل تيل جي شيشي کلي پيئي هئي.سيڪ جي ٿيلهي، گورين جي شيشي ۽ نِي ڪئپ بہ اتي ئي رکيل هئي.

سوال اهو اُٿيو تہ هن پنهنجي گهوٽ کي ننڊ مان ڇو ڪونہ اُٿاريو! شايد هو ڪرشنا جي ڪا مدد ڪري ها يا ڊاڪٽر کي فون ڪري ها! ڪن جو رايو هو تہ ڪرشنا هئي خوددار: مرندي مري ويندي پر ڪنهن کان بہ مدد ڪونہ وٺندي! پوءِ پل تہ هو هن جو گهوٽ ڇو نہ هاجي. خودداري وڏي عظمت آهي. قدر ۽ ملهہ کي ڪڏهن بہ ڪابہ تارازي توري نہ سگهي آهي. سيتلداس، جڏهن صبح جو 7:00 بجي ننڊ مان جاڳيو تہ ڏٺائين تہ ڪرشنا اجا سمهي پيئي آهي. هونءَ تہ هوءَ صبح جو 6:00 بجي اٿي جپ صاحب جو پاٺ ڪندي آهي ۽ پوءِ ٽي.وي. تي ڀڄنن جو پروگرام ٻڌندي آهي.

سيتلداس زال جي ٻانهن تي هٿ لائي ڏٺو متان هن کي بخار نہ هاجي!

پنهنجي ڪنوار سان مونکي ڪڏهن تو ملائين؟''

هو ڪجهہ پل منهنجي چهري کي ڏسندو رهيو. هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري چيائين:

''مٺي! پيار هڪ دفعو ٿيندو آهي. پنهنجي پهرئين پيار جي سهاري زندگي جي رهيو آهيان. منهنجي من مندر ۾ تہ فقط تنهنجي ئي مورت اُڪريل آهي. ڪوبہ سنگتراش هڪ مورت جي مٿان ٻي مورت ڪونہ تراشي سگهندو آهي. هن جنم ۾ تہ شاديءَ جو سوال ئي نٿو اُٿي. تنهنجي يادگيرين جي سهاري ئي جيئڻ جو سنڪلپ آهي. خير! هاڻ تون پنهنجي ور گهر جون ڳالهيون ٻڌاءِ.''

هاڻ هن کي پنهنجو ڪهڙو داستان ٻڌايان! هن جي سچائي، پيار ۽ پنهنجين حالتن کي ويچاري دل پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي.

دنيا سڀ درياه ڪي ڪي تارون تنهن ۾.

سندر تہ ڪجهہ دير بعد هليو ويو: پر مان زندگيءَ جي راه ڀُولهيندي هتي هُتي ٿاقوڙا هڻي رهي آهيان. هاڻ نہ سندر جو پيار مون کي مرڻ ٿو ڏئي ۽ نہ سورج جو سِتم مونکي جيئڻ ٿو ڏئي. مان هڪ زنده لاش جيان خيالي سوريءَ تي حالتن جي ڦندي ۾ لٽڪي رهي آهيان.

پنهنجي امي سان دل جو حال اوريم. امي جي صلاح منهنجي بيقرار دل کي قرار ڏنو. چيائين، ''مٺي! اڄ ڇا چوان. پنهنجي وڏن جي صلاح کي مڃين تہ ڪونہ ٿا پر سچ تہ اهو آهي تہ زندگيءَ ۾ عورت کي مرد ۽ مرد کي عورت جي سهاري جي ضرورت آهي. هن سنسار ۾ جيون ساٿي تہ ملي ٿو وڃي پر من جو ميت ڪنهن نصيب واري کي ملندو آهي. توکي جي سندر لاءِ سچي سڪ آهي، سچو پيار آهي تہ پل قدم اڳتي وڌاءِ ۽ پوءِ جڳ مڃي يا نہ مڃي! امڙ جي ان آتساه مون لاءِ جيئڻ جي هڪ نئين راه کولي ڇڏي.

يان اکيون جهڪائي هلندا هئا. هاڻي ڪرشنا جو سايعو هن گهر تي نہ رهيو ۽ نہ ئي سيتلداس ڪڏهن ڪرشنا جهڙي همت ساهي سگهندو: تنهنڪري ڏيڏريءَ کي بہ ٽان ٽان ڪرڻ جو موقعو ملي ويو آهي.

ساڄي رات سيتلداس کي ننڊ نہ آئي. هڪ وڏي عمر. پنهنجي پتنيءَ جو وڇوڙو ۽ ساڳئي وقت پنهنجن ٻارن جي بي وفائيءَ سيتلداس کي ساڻو ڪري ڇڏيو. بي وسي، مايوسي ۽ اڪيلائپ جا اونداها گهيرا هن کيوڪوڙي ويا.

ان رات ماضيءَ جا انيڪ درشيہ هن جي ذهن تي ايري آيا ۽ گُم ٿي ٿئي ويا. ماضيءَ جي مهراڻ مان يادگيرين جا انيڪ آواز ڇولين جيان اٿيا ٿي: ذهن سان ٽڪرائي پڙاڏي جيان گونجاجي شانت ٿي ٿتي ويا.

ڇهہ سال اڳ جو اهو ڏينهن هن کي ياد آيو. ڪرشنا چيو، ”روي ويهن سالن جو ٿي ويو آهي: پنهنجي نوڪريءَ تي آهي. هاڻ مان گهر ۾ پنهنجي نونهن آڻڻ ٿي چاهيان. توهان تہ رهو ٿا سڄو ڏينهن ٻاهر. هيءُ اڪيلو گهر مونکي کائڻ ٿو اچي. گهر ۾ نونهن ايندي، پايل جي ڇم ڇم ٿيندي، نئين ڪنوار جون ڪويل جيان لاتيون ٿينديون. نئين جوڙي جي گٽرگو گٽرگو ٿيندي، گهر ۾ پيار جا ڏيئا روشن ٿيندا. جڳ مڳ ٿيندي تہ هيءُ ويران گهر اندر پرست جيان مهڪي اُٿندو. منهنجي پيڻ آشا جي ڌيءَ آهي ڪانتا. سڄ پچ هوءَ ڪومل ڪليءَ جيان آهي. هن سال ٻارهون درجو پاس ڪندي. مان چاهيان ٿي تہ ڪومل هن گهر جي نونهن ٿي اچي. آشا جو گهر خانداني آهي پر هن وقت غريب آهن. هو ڪاٻہ ڏيتي ليتي ڪونہ ڏيئي سگهندا. اسان کي مالڪ سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. مون آشا کي رشتي لاءِ زبان ڏني آهي. توهان ڪوئي بکيڙو کڙو نہ ڪجو. هن سال موڪلن ۾ ئي شادي ڪرائي ڇڏينداسين.

شادي ٿي ويئي. ڪرشنا دل کولي خرچ ڪيو. هن پنهنجي پيڻ آشا کي ڪڏهن محسوس ٿيڻ ڪونہ ڏنو تہ هو ڪي غريب آهن. هنن جي پاران شاديءَ جو ڏاجو ڪرشنا پنهنجي هٿن سان تيار ڪيو هو. دعوتون بہ ڏنائين تہ شاديءَ جا دهل دماما بہ ڪيائين. هوءِ نونهن تان ٻلهار ٻلهار پيئي ويندي هئي.

منهنجي رٽائر ٿيڻ ۾ باقي بہ سال اڃي بچيا هئا. مون سوچيو هو

پر ڪرشنا جو بدن تہ ٿڌو ٻاخ ٿي ويو هو. سيتلداس يڪدم پروار ي فليٽ ۾ رهندڙ پنهنجي پٽ روپءَ کي سڏ ڏنو. سيتلداس کي اهو ئي ارمان آهي تہ هن جي ننڍ اهڙي نادان ڇو آهي جو هو پنهنجي ڌرم پتنيءَ لاءِ انت ويل بہ ڪاجهہ نہ ڪري سگهيو ۽ بالم ٿي سمهيو رهيو. هن پاڻ کي ان لاءِ ڪيترا دفعا ڦٽڪار وڌي آهي. ڪرشنا جي موت جي چوٿين ڏينهن، جڏهن سڀ آيل مهمان پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿي ويا ۽ گهر ۾ باقي سيتلداس، روپ ۽ ان جي ڌرم پتني ڪانتا اچي بچيا؛ تڏهن ڪانتا پنهنجي سهري کي چيو،

”دادا! سياڻي ڪان پنهنجو چلهہ چونڪو جدا ٿيندو. توهان هن فليٽ ۾ ۽ اسين پاسي واري فليٽ ۾ رهنداسين. توهان سرڪاري نوڪريءَ مان رٽاير ڪيو آهي؛ ڇهن مهينن ڪان گهر ويٺا آهيو توهان کي تہ ڪو ڪم ڪار ڪونہ آهي. صبح جو آرام سان اٿڻجو ڪم واري مائي روز صبح جو 11:00 بجي توهان جي گهر جو جهاڙو ڪٽڪو بہ ڪري ويندي ۽ توهان لاءِ ڏينهن جي ماني بہ ٺاهي ويندي. رات لاءِ ڪاجهہ پاڇي يا دال بچائي رکجو ۽ بريڊ سان ڪم هلائجو. هڪ ڇٽي کي ٻيو ڇا گهرجي! مون ڪان ٻن گهرن جو کيو ڪونہ ٿيندو. مان ٿڪجي ٿي پوان. توهان کي سرڪاري پينشن اچي ٿي. ڪس ڪسر ڪندا تہ گهٽو ڪاجهہ بچائي سگهندا. پوءِ بہ ڪا ضرورت پوي تہ مون ڪان گهري وٺجو. وڏن جي شيوا ڪرڻ اسان جو فرض آهي. اسان ڪڏهن بہ پنهنجي فرض ڪان مُنهن ڪونہ موڙينداسين. باقي توهان جي ڳت مت توهان ڄاڻو. سياڻي ڪان توهان بہ آزاد ۽ اسان بہ آزاد.“ اهو چئي ڪانتا اٿي ڪڙي ٿي ۽ پنهنجي فليٽ ۾ هلي وئي. روپ بہ پنهنجي زال جي پٺيان مُنهن لٽڪائي هليو ويو.

سيتلداس جا تہ تاڪ لڳي ويا. پنهنجي ٻارن جي اڳيان هڪ اکر ڪونہ اڪليس. پنهنجن جي ستم لاءِ چوي تہ ڇا چوي! پر هن جي اندر مان هڪ سڏڪو ضرور نڪتو ۽ هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. گهر جو نڪ هئي تہ ڪرشنا. هن جي پنهنجي شخصيت هئي. هن کي پنهنجو لڄ شرم، حياءُ، مريادا ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ هو. هن ڪڏهن بہ ننڍن يا وڏن سان ورتاءُ ڪندي مريادا جي ليڪ ڪونہ لتاڙي. سڀئي وقت ڪنهن بہ هن جي سامهون پنهنجي من ماني ڪرڻ جي همت بہ ڪونہ ڪئي. سڀ هن جي اڳ

ليٽندو هو. ننڍ نادان هاٿي هن کان سوين ڪوه دور هوندي هئي. پيو پاسا ورائيندو هو ۽ پڙ پڙ ڪندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن منجهند جو سيتلداس هميشه جيان پنهنجي بالڪنيءَ ۾ ويٺو هو تہ در تي گهنٽي وڳي. سيتلداس کان ڇرڪ نڪري ويو. در تي هن وقت ڪير هوندو! خدا خير ڪري. جڏهن دروازو کوليائين تہ در تي هن جو ٻالڪپڻ جو دوست پرڪاش، جو هياڻ اَمريڪا ۾ رهندو آهي: بيٺل هو. ٻنهي دوست هڪ ٻئي جي آغوش ۾ سمائجي ويا. ڪمري ۾ اچي هڪ ٻئي جي سامهون صوفا تي ويٺا. پرڪاش پنهنجي دوست جي چهري ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو. نيٺ جهيڻي آواز ۾ چيائين،

”ڪرشنا ڀاڀيءَ جي موت جو مونکي دک آهي. زندگي تہ مالڪ جي سؤغات آهي. پر هيءَ ويل هن جي وڃڻ جي نہ هئي.“

اهو چئي پرڪاش چپ ٿي ويو. سيتلداس جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. رومال سان ڳوڙها اگهندي چيائين،

”پرڪاش تون اَمريڪا مان ڪڏهن آيو آهين! روما ڪيئن آهي! اڄ ڪالهہ تون ڇا پيو ڪرين؟“ پرڪاش ڪجهہ دير ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو رهيو. پوءِ آهستي چيائين،

”روما ۽ منهنجي هڪ سال اڳ طلاق ٿي ويئي آهي. سبب بہ ڪهڙو تہ ٻين جيان امير ڪونہ آهيان. ڊائبٽيز جو مريض آهيان. ٻيو ٿي ويو آهيان ٻيا گڏ رهڻ ممڪن نہ آهي. رسيل انب مان ڪٽائڻ ڪونہ ٿهندي آهي. سچ چوان تہ اَمريڪا ۾ ٻيا پوءِ مرد هجن يا زالون: سيني جي حالت خراب آهي. سرڪار پينشن ڏئي ٿي، ٻيا گهر آهن پر من جي شانتي ڪنهن کي بہ ڪونہ آهي. سيني کي گهرجي عيش عشرت واري زندگي. سڀ حيران ۽ پريشان آهن. طلاق بہ گهڻا ٿي پيا آهن. نوجوانن جي بہ ٻين ڏانهن بي رُخي آهي. مان پنهنجو ڏنڌو سهيڙي هاڻ ڀارت هلي آيو آهيان. پانڊيچريءَ ۾ ڪنهن اَميريڪن فائونڊيشن جي مدد سان هلندڙ ٻيا آشرم ۾ رهندو آهيان، هن آشرم کي ’ٻيا گهر‘ نالو ڏنو ويو آهي. هت 55 سالن کان 80 سالن جي عمر جا هر ملڪ جا اٽڪل هڪ سؤ مرد ۽ عورتون گڏ رهن ٿا. هڪ ٻئي کي دک درد ۾ مدد ڪن ٿا. يوگ سادنا، باغ باني، چترڪاري ۽ سنگتراشيءَ جا مت ڪلاس هلن

تہ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ منھنجي زندگي آرام سان گذري ويندي. گھر ۾ قابل ڳ هرڌيائي ڪرشنا آهي. مٺڙي نونھن ڪانتا آهي. آگياڪاري پٽ روي آهي. پنھنجي ميڙي چونبي آهي. سٺي پينشن ملندي. هڪ انسان کي ٻيو ڇا گھرجي! نصيب وارا آهن اهي: جي اهڙي رٽائر زندگي مائين ٿا. هڪ رات ڪرشنا ٻاھوہ سان چيو، ”سائين! پاسي وارو فليٽ وڪري تي آهي. منھنجي مرضي آهي تہ اسان اهو فليٽ خريد ڪريون. ٻار بہ خوش ٿيندا ۽ اسان بہ نوڪيلا ٿي پونداسين. هن ننڍي گھر ۾ ٻارن کي آزادي ڪٿي آهي! جو ان ٻارن ڪاڄهہ تہ لهٽو!“

بس ڪرشنا جي هڪ چوڻ تي مون پنھنجي ميڙي چونبي هن پاسي واري گھر جي خريد ڪرڻ تي خرچ ڪري ڇڏي. ٻار خوش تہ جهان خوش. ٻن فليٽن ۾ هاڻ چار ڇٽا گڏجي مسڄي رهندا هئاسين. رنڊٽو ٻنهي جو هڪ هو. گھر جي مالڪياڻي فقط ڪرشنا هئي...

هاڻ تہ سيتلداس سڄو وقت پنھنجن پورن ۾ غلطان رهندو هو. گھر ۾ ڪم ڪرڻ واري مائي ڪڏهن آئي: ڪڏهن هن صفائي ڪئي: ڪڏهن هن ماني تيار ڪئي ۽ هلي بہ ويئي: سيتلداس کي ڪا بہ خبر ڪونہ رهندي هئي. هو تہ سڄو وقت بالڪنيءَ ۾ ڪرسي وجهي ويٺو رهندو هو. ڪڏهن آسمان ۾ ترندڙ بادلن سان ڳالهيون ڪندو هو. ڪڏهن بالڪنيءَ جي ٻني تي اچي ويٺل پکين جون لاتيون ٻڌندو هو ۽ کين ٻچڪاريندو هو يا وري ڪرشنا سان خيالي گفتگوءَ ۾ محو ٿي ويندو هو. هن کي سڄ تہ ڪمري ۾ وڃڻ کان بہ ٻپ ٿيندو هو. هن جي ذهن ۾ اچا بستري تي ليٽيل ڪرشنا جي لاش جو خيالي چتر چانيل هو. جڏهن ڪيس بک ستائيندي هيس تہ رنڌڻي مان دال ۽ روٽي پليٽ ۾ پائي بالڪنيءَ ۾ اچي کائيندو هو. ڪاڄهہ پاڻ کائيندو هو تہ ڪاڄهہ پکين کي کارائيندو هو. هن کي نيرن جي ويل ۽ شام جو چانهہ جي وقت ڪرشنا جي ياد ڏاڍيو ستائيندي هئي.

هن هاڻ نيرن ۽ شام جي چانهہ کان ڪنارو ڪري ڇڏيو هو. بس جيون جا باقي ڏينهن ست ڪري گذاريندي ۽ پنھنجي مُحب سان ملڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. شام جو جڏهن سڄ لهي ويندو هو: رات جو سايعو ڇانئجي ويندو هو: تڏهن سيتلداس بالڪنيءَ مان اُٿي اچي T.V. جي سامهون ڪاڄهہ وقت ويهندو هو. جلد ئي ڪاڄهہ کائي وڃي پلنگ تي

اَڪيلي

مون بي. اي. پاس ڪري وچي ميونسپل جي اسڪول ۾ ماستري ڪئي؛ مراد اها ئي ته امڙ کي ڪا هٿي ايندي. بابا جي موت ڪانپوءِ اما اڪيلي تي پيئي هئي. اما کي گهر هلائڻ به مشڪل ٿي پيو هو. منهنجي ڏهن سالن ننڍي ڀاءَ پرڪاش جي پڙهائي، گهر ۾ ٽن ڄڻن جو ڪاڌو پيتو ۽ ٻيا خرچ: اما پريشان ٿي ويئي هئي. سڀ کان وڏيڪ هن کي منهنجي شاديءَ جي ڏاڍي چنتا هئي. پيئي سوچي؛

”نندنيءَ پڙهائي پوري ڪئي آهي. ويهن سالن جي عمر اچي ٿي اٿس: ڪو سٺو گهر ملي ته هن جا هٿ پيلا ڪريان ۽ پنهنجي جو ابداري کان آجي ٿيان.“

هن جي سوچ ته وڏي هئي پر غريبي ۽ بيوسيءَ جو سانچ به هن جي سامهون هو. هوءَ ڪري ته ڪري ڇا! هن جي صحت ڏينهون ڏينهن پوٽي پوندي ٿئي ويئي. پر ٻاهران ٻنو رکي هلي رهي هئي. مان تنهن ڏينهن ڪلاس ۾ هيس ته اسان جو پاڙيسري سندرداس اچي ڪلاس ۾ پهتو. چيائين،

> ”نندني! تنهنجي ماءُ کي دل جو دورو پيو آهي. هن کي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. تون جلد اسپتال ۾ پهچ.“

اسپتال پهتس. اما ته پوين پساهن تي هئي. منهنجو هٿ جهلي چيائين،

”پٽ نندني! پرڪاش جي پارت اٿيئي. پيرن فقيرن کان پٽ پني ورتو اٿم. هن کي ڪنهن لائقيءَ لڳائجانءِ. اهو تنهنجي پيءُ جو سپنو هو.

ٿا. تنهن ڪانسواءِ هت وشال لئبرري آهي؛ سيني لاءِ هڪ ني رنڌئو آهي. پرڪرتيءَ جي گود ۾ ويٺا آهيون. وقت بوقت سڀ گڏجي سير سپاٽي تي ويندا آهيون. ائين چئجي تہ مان ورڌ عمر وارن جي گڏيل ڪٽنب يعني هڪ Commune ۾ رهندو آهيان. وقت سٺو ٿو گذري. من شانت آهي. مان تہ توکي پاڻ سان وٺي هلڻ لاءِ آيو آهيان. اڄ رات جو ئي گاڏي آهي. تون تيار ٿيءُ آشرم ۾ ٻيئي گڏ رهنداسين. ڏاڍو مزو ايندو.“

سيتلداس مناجهي پيو. چيائين، ”نہ ادا! باقي منهنجي زندگي ڪيتري! مونکي ڪرشنا جي سڏ جو انتظار آهي. هوءَ سرڳ ۾ بہ مونکان سواءِ اڪيلي رهي نہ سگهندي. ضرور مونکي سڏڻ ايندي. مان هت ويهي هن جو انتظار ڪندس. ڪرشنا جون يادگيريون ئي منهنجي پوڃي آهي. يادگيريون پنهنجو آشيانو ڪونہ بدلائينديون آهن.“

پرڪاش ڪاجهہ خفي ٿي چيو، ”مالڪ تہ هر ڪنهن جي ڪپڙيءَ ۾ ٻُڌي ڪٽا وڌا آهن. ڪنهن کي کهڙي خبر تہ ڪنهنجو انت ڪيئن ۽ ڪڏهن ايندو. اسان جو زندگيءَ جي هر پل تي اڌڪار آهي. اهو پل روئي گذارڻو آهي يا خوشيءَ جا ٺهڪ ڏيئي گذارڻو آهي؛ اهو هر ڪنهن کي پاڻ طئہ ڪرڻو آهي. توکي مالڪ سٺي صحت بخشي آهي. سٺي پينشن توکي ملي رهي آهي. تون تہ پنهنجي جيون جو خاوند پاڻ آهين. هت اونڌي مناجهي پائي ڇو ويٺو آهين! اُٿ! خدا جي خلقيل قدرت جو دل کولي ديدار ڪر. گهٽو وقت ٻين لاءِ گذاريو اٿيئي؛ هاڻ زندگيءَ جا باقي ڏينهن پنهنجي لاءِ جي گذار. روح کي راحت ملندءِ.“

سيتلداس جڏهن پنهنجي گهر کي تالو پائي رهيو هو؛ تڏهن پرڪاش چيس، ”گهر کي تالو ڇو ٿو پائين. تنهنجي نونهن ويٺي آهي نہ!“ سيتلداس بيزار ٿيندي چيس. ”جيڪي وڏن جي پرگهور نٿا لهن؛ سي پنهنجو اڌڪار وڃائي ٿا ويهن. هيءُ گهر فقط منهنجو آهي. مان ڪنهن بہ جي من ماني ڪونہ سهندس. بس هلون ٿا!“ هن در کي قلف پائي چاٻي پنهنجي کيسي ۾ ڪري وڌي.

اسڪول جي نوڪري آهي. ٻارن سان وقت سٺو گذري ويندو آهي. وديا دان ڏيڻ به هر پڙهيل انسان جو فرض آهي. مان به اهي فرض پالي رهي آهيان. باقي گهٽي وقت ڪان چاه هئي ته ڪمپيوٽر هلائڻ سکان. اڄ جي يگ ۾ انٽرنيٽ ته سوچڻائڻ ۽ گيان جو وڏو خزانو آهي. مان اهو شوق پنهنجو ضرور پورو ڪنديس. توکي منهنجي ٿوري مدد ڪرڻي پوندي.“

اڄڪلهه نندني پنهنجيءَ ۾ پوري آهي. ڏينهن اسڪول، شام ڪمپيوٽر ڪلاس ۽ ماڌوريءَ سان روح رهاڻ. گهر ۾ ڪل خوشي ۽ ٺهڪڻ جي ڦوهار آهي. نندنيءَ زندگيءَ ۾ پاڻ کي اهڙو خوش ڪڏهن به محسوس ڪونه ڪيو هو. پرڪاش به پنهنجي پيڻ کي خوش رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو هو. پيڻ جو ڪمپيوٽر ۾ چاه ڏسي هن کي هڪ ليپ ٽاپ سوغات ڏنائين. هن کي انٽرنيٽ جو ڪنيڪشن ميسر ڪري ڏنائين. نندني هيءُ نئون رانديڪو پائي بهار بهار هئي. هاڻ هوءَ وشوَ سان جڙيل هئي. ديش وديش جي ساهتيه ۽ سنسڪرتي جو گيان حاصل ڪَرڻ ۾ محو هئي. ماڌوري، هن کي دير تائين ڪمپيوٽر تي چئٽ (ڳالهه ٻولهه) ڪندي ڏسي ڪاڄهه فڪرمند ضرور ٿي. ٻئي ڏينهن اشاري ۾ نندنيءَ کي چيائين،

”ديدي! انٽرنيٽ تي اڻ واقف ماڻهن سان چيٽ ڪرڻ خطري ڪان خالي نه آهي. خاص ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪي حرڪتي عناصر عورتن سان بدمعاشيون به ڪن ٿا. تون خبردار رهج!“

وقت ته پنهنجي رفتار سان هلندو رهي ٿو. خوشي اهي ئي ماڻيندا آهن: جي وقت سان قدم ملائي هلندا آهن. جي وقت سان قدم ملائي نٿا هلي سگهن ۽ هميشه ماضيءَ ۾ جيئڻ ٿا سي خطا کائين ٿا. نندني، زندگيءَ جي نئين راه کي اپنائي رهي هئي. ڀرپور زندگي جيئڻ جي نُسخي جي تلاش ڪري رهي هئي. هن آزاد پکيءَ جيان وشال آسمان ۾ اُڏامڻ ٿئي چاهيو ۽ اُهي اوچايون ماڻڻ ٿي چاهيون جن جي هن کي اڄا چاڻ ئي نه هئي. شاستريه سنگيت، جڳ پرسٽ ناٽڪ، ناول ۽ فلمن جون ڪئسٽس: هوءَ خريد ڪري ايندي هئي ۽ شوق سان ڏسندي يا پڙهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي سکي ماڌوريءَ سان جدا جدا وشين تي باحث به ڪندي هئي.

تنهن ڏينهن ماڌوريءَ کي نندنيءَ وٽان رابيندر سنگيت جي ٽيپ کپربي هئي. جڏهن هوءَ نندنيءَ جي ڪمري جي در وٽ پهتي ته ماڌوريءَ جا پير در وٽ ئي رڪجي ويا. هن پهريون دفعو نندنيءَ کي هار سينگار ڪندي ۽

مان تنهنجي لاءِ تہ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيس. مونکي معاف ڪج.'' اهو سڀ چئي اما تہ اگهہ ديش ڏانهن روانو ٿي ويئي.

اولاد ايشور جي مهر آهي. هر ڪنهن کي ماءُ جي ٿڃ جو قرض تہ چڪائڻو آهي. پوءِ ڌيءُ هجي يا پٽ. اما جي حڪم اڳيان سجدو ڪيم. ڏينهن کي روشن رکڻو آهي تہ وٽ کي تہ جلڻو آهي. پل پل پاڻ سان جنگ جوٽيندي پيئي. الڙ جواني، امنگ ۽ ترنگ باہ جيان ڀڙڪو کائي ٿي اٿيا: پر فرض واسطي سيني کي شانت ڪرڻو پئي پيو. تنهن ڪانسواءِ سماج ۾ هڪ اڪيلي نار ۽ انيڪ ٻاهريون نظرون: هر پل ٻُڙڪائڻ لاءِ تيار: ساٿوءَ جي روپ ۾ انيڪ راوڻ ۽ انيڪ لڪشمڻ ريکائون: گهر سنڀالڻ. ڀاءُ جي پرورش ڪرڻ. اڳتي پٽ تي هلندي باہ ڪان دامن بچائڻ: مکڻ جي شيشي بچائڻ برابر آهي. پندرهن سالن جي گهور تپسيا. هاڻ منهنجو ڀاءُ پرڪاش ڊاڪٽر آهي! اما بابا جي مورت اڳيان روز ڏيئو ٻاريندو آهي ۽ سندن آسيس وٺندو آهي. لائقيءَ لڳو آهي. سماج سيوا سان اما بابا جو نالو روشن ڪيو اٿائين. ڊاڪٽر پرڪاش جنهن ڏينهن ڪورٽ ۾ شادي ڪري پنهنجي وني وٺي گهر ۾ گهڙيو تہ نئين ڪنوار ماڌوريءَ نمي پنهنجي وڏي ننڻان نندنيءَ جا پير ڇهڻ ٿئي چاهيا پر نندنيءَ هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ سمائي ڇڏيو. هن جي پيشاني چمندي ڪيس چيو.

''منئي! اسان پيئي سڪيون آهيون. تون مونکي ديدي ڪري سڏي سگهين ٿي. هاڻ گهر جي مالڪڻ تون آهين. تون پنهنجو ور گهر پاڻ سنڀال. مان ڏاڍو ٿڪجي پيئي آهيان. مان آرام ڪرڻ ٿي چاهيان. مونکي سيني جو ابدارين ڪان آزاد ڪر!''

ماڌوريءَ مسڪرائيندي چيو. ''ديدي! مان چاهيان ٿي تہ توهان هاڻ آرام ڪريو. ماستري ڇڏي هاڻ دنيا جو سير ڪريو. من پسند ڪتاب پڙهو. پنهنجي ساهيڙين سان ملو. انٽرنيٽ تي ساڄي دنيا سان جڙي وڃو: زندگيءَ جو لطف ماڻيو ۽ پاڻ کي خوش رکو. توهان هن گهر لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي. توهان کي پنهنجي زندگي ماڻڻ جو پورو حق آهي. هن گهر جي هر شيءِ تي توهان جو بہ پورو اڌڪار آهي!''

نندنيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ڳوڙهن کي پنهنجي پوتيءَ جي ڪنڊ سان اگهندي چيائين. ''هاڻ 35 سالن جي عمر ۾ ڪهڙا شوق پيئي پاليندس.

نتيجن بابت تون روز اخبارن ۾ پڙهين ٿي؛ تنهن ڪانسواءِ ديديءَ جي عمر هن وقت پنجتيهه - چاليهه سال آهي. هوءَ پنهنجي عمر ڪائي چڪي آهي. پوڙهي ٿي ويئي آهي. نه اٿس گهمڻ جو شوق نه اٿس پائڻ جو چشقو. هن جا سپ اُڌما مري چڪا آهن. هوءَ ساڌوي يا سنياسڻ هاڻ ڪندي شادي! اجايو اکن تي اٿو هارڻ. جڳ کلندو! تون ڪيس سمجهاءِ ته گهر ويهي ماستري ڪري يا رام سمرڻ ڪري.جيون ڪٽائجي ويندس.“

پرڪاش جي انهن لفظن ماڌوريءَ جي روح کي رنجش رسائي ۽ ڪيس هڪ زوردار ڌڌڪو پهتو. هوءَ پاڻ کي آپي ۾ رکي نه سگهيس. رڙ ڪري چيائين:

”هيءَ کهڙي انسانيت آهي! ديديءَ جي هن حالت لاءِ جوابدار ڪير آهي! تون فقط تون! هن ويچاريءَ ته ماءُ جو آديش پاليو آهي. توکي ڪنهن لائقي لڳائڻ لاءِ؛ پنهنجي پيءُ جو سپنو ساڪار ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي جيون جي آهوتي ڏني آهي. اڄ تون ڊاڪٽر آهين. سماج ۾ تنهنجو رتبو آهي. اهو سڀ هن ديويءَ جي قربانيءَ جو نتيجو آهي. هن جي جوان امنگن ، اُڌمن ۽ ترنگن جي چکيا تي تنهنجي مان شان ۽ اچائن جو محل اڏيل آهي. هوءَ چاهي ها ته توکي ڪنهن اناٿ آشرم ۾ داخل ڪري پاڻ وچي جيون جا سک ماڻي ها! پنهنجو آشيانو اڏي ها! پر نه: هن سڀ سَٺو آهي ۽ توکي اوج تي آندو آهي. اڄ جڏهن هوءَ پنهنجون جو ابداريون پوريون ڪري، پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهي ته توکي اهو سڀ راس نٿو اچي ۽ تون چئين ٿو ته هوءَ گهر ويهي رام سمرڻ ڪري. پرڪاش! اها بلڪل غلط سوچ آهي. مونکي پسند نه آهي. هر انسان کي پنهنجي زندگي پنهنجي ڍنگ سان جيئڻ جو حق آهي. ان ۾ عورت، مرد يا عمر جو ته سوال ئي نٿو اُٿي. اهو بنيادي حق آهي. ديديءَ جو اهو حق هن کان ڪير به کسي نٿو سگهي. تون ته بلڪل نه!“

هاڻ گهر ۾ نِٽان - پاڇائيءَ جي وچ ۾ ڳالهين جو مرڪز هو ته فقط وشال! ننڊني اتساهه سان چوندي هئي :

”اڄ مان وشال سان ستياجيت ري جي فلم ’اپو سنسار‘ ڏسڻ ٿي وڃان. اڄ ايم.ايف. حسين جي چترن جو نمائُ ڏسڻ ٿا وڃون؛ يا چوندي وشال کي منهنجي چوٽي ڪرڻ پسند نه آهي. مان هاڻ پنهنجا وار کليل ئي رکنديس. وشال ويشنو کاڌو کائيندو آهي. مان هاڻ ماس مڇي نه ورتائينديس وغيره وغيره.“

انوکي ڊنگ شيشي جي سامهون سان وار سنوارينديءَ متر ڏن گنگنائينديءَ ڏٺو هو. دل ۾ آيس تہ پويان پير ڪري واپس وڃان، پر هوءَ ائين ڪري نہ سگهي. ڪجهہ پل در وٽ ئي بيٺي رهي. در تي آهستہ ٺڪ ٺڪ ڪيائين. نندني تہ ڄڻ ڪنهن متر سپني مان جاڳي پيئي. ماڌوريءَ کي ڏسندي ئي شرم وچان هن جو چهرو گلاب جي گل جيان سرخ ٿي ويو. هوءَ اکيون نمائي هڪ نرالي مدرا ۾ بيٺي رهي. ماڌوريءَ هن کي آغوش ۾ سمائي ڇڏيو. هن جي ڪن ۾ ٻاجهہ سان چيو.

”سکي ڪير آهي اهو خوش نصيب؛ جنهن منهنجي ديديءَ جو چت چرايو آهي! منهنجي واقفيت هن سان نہ ڪرائيندينءَ!“ ٻيئي پاسي واري صوفا تي ويهي رهيون. نندني ڪجهہ وقت چپ رهي. پوءِ آهستي سان چيائين:

”سکي توسان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس. تنهن ڏينهن ڪمپيوٽر تي وڃي چئٽ روم ۾ پهتس. پنهنجو نالو ڏنم ’اڪيلي‘. هن مون سان ڪنيڪشن جوڙڻ چاهيو. هن جو نالو آهي وشال. هو هڪ بينڪ جو مئنيجر آهي. جلد ئي جنرل مئنيجر جي عهدي تي پهچڻ وارو آهي. عمر چاليهہ سال اٿس. هن وقت تائين شادي ڪونہ ڪئي اٿائين؛ ڇاڪاڻ جو ڪيس من جو ميت نہ مليو آهي. هن جي ماءُ پيءُ جو ديهانت ٿي ويو آهي. هن سنسار ۾ اڪيلو آهي. هو ٻڻ هاڻ پنهنجو گهر وسائڻ ٿو چاهي. مون هن کي پنهنجي باري ۾ سڀ ٻڌايو آهي. هو مون سان ملڻ ٿو چاهي. اڄ شام جو هوٽل تاج جي لابيءَ ۾ اسين ملي رهيا آهيون.“

ماڌوريءَ هڪ خوشيءَ جو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين، ”وڏي افلاطون نڪتينءَ. تون ضرور هن سان ملڻ وڃ. پڪ اٿم تہ هن دفعي پنهنجي من جو ميت ضرور ملندو. منهنجي سکي پنهنجي ور گهر ويندي ۽ جيون جا سڀ سک ماڻيندي. مان پنهنجي هڪ سٺي ساڙهي ڪٺي تي اچان. تون اها پائي وڃ. ڏسان برهمچاري ڪيئن نہ ٿو اندر لوڪ جي اپسرا تي موهت ٿئي.“ تنهن رات ماڌوريءَ سڀ ڪجهہ پنهنجي گهوٽ ڊاڪٽر پرڪاش کي ٻڌائڻ واجب سمجهيو. هن کي پڪ هئي تہ پرڪاش ڏاڍو خوش ٿيندو. پر نہ! سڀ ٻڌي هن جي پيرن هيٺان ڄڻ تہ زمين کسڪي ويئي. چيائين.

”تون بيوقوف آهين ڇا! هن کي نصيحت ڏيڻ جي بدران ڪيس حشي ڏيئي رهي آهين! انٽرنيٽ تي ڪنهن سان سنبنڌ جوڙڻ ۽ شادي ڪرڻ جي

سنڪي

تنهن ڏينهن شام جو تڪو ماندو گهر موٽيس. اَڃا در جي چائنٽ تي هوس تہ گهر اندران سندر جو آواز ڪنن تي پيو. پير اُتي جو اُتي رڪجي ويا. سندر اَما کي چئي رهيو هو :

”مونکي ڏه لک روپيا گهرجن ۽ سي بہ جلد.“

شايد منهنجي پيرن جي آهٽ هنن جي ڪنن تي پيئي. سندر چپ ٿي ويو ۽ اما مُنهن ڦيري رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

مان پريشان ٿي ويس. ڪمري ۾ اَچي چپ چاپ ليٽي پيس. سوچي رهيو هوس تہ گهر ۾ مون کان ڇا ٿو لڪايو وڃي ۽ ڇو ٿو لڪايو وڃي. مان گهر جو مربي پٽ آهيان. سندر کان چار سال وڏو آهيان. مان نوڪري ڪري رهيو آهيان. گهر ۾ بہ ڏوڪڙ آڻيان ٿو. سندر تہ اَڃا پنهنجن پيرن تي بہ ڪونہ بيٺو آهي. سچ تہ بابا جي ديهانت کان پوءِ مان ئي گهر جو هرتا ڪرتا آهيان؛ پوءِ بہ مون سان هيءُ ڌارين جهڙو ورتاءُ ڇو ٿو ڪيو وڃي. سندر، اَما کان ڏه لک روپيا گهري رهيو هو. شايد هو اَما جي ميڙي چونبي هڙپ ڪرڻ ٿو چاهي.

مونکي ڄاڻ آهي تہ سندر اَما جو لاڏلو آهي. هن جي اکين جو تارو آهي. اِها اَما جي بہ اَڪيائي اَڄ جي نہ آهي؛ مان ننڍپڻ کان سڀ سهندو آيو آهيان. سندر کي ملائيءَ وارو کير وٽندو آهي. اَما روز کير مان ملائي

ماڌوري مسڪرائيندي ڪيس چوندي هئي. ”ديدي! هن گهر جي نياڻي سان ملڻ جو حق پهريائين منهنجو آهي. تون پنهنجي پرنس وشال کي گهر وٺي اچ. مان به ته ڏسان ته وشال ڪهڙي شخصيت آهي: جنهن تي منهنجي ديديءَ دل نڇاوَر ڪئي آهي.“

ڪجهه ئي ڏينهن بعد منجهند جو ماڌوري پنهنجي ڪمري ۾ ويهي پنهنجي شاديءَ جي پين سالگره جو فوٽو آلبم ڏسي رهي هئي ته نندني ٽڪڙو ٽڪڙو ڪمري ۾ لنگهي آئي. ڏاڍو خوش هئي ڄڻ نچي رهي هئي. هن جا پير زمين تي نه ٽڪي ٽڪيا. مٺائيءَ جو باڪس هن جي هٿن ۾ هو ۽ ڪرسي تي ويهندي چيائين،

”سياڻي وشال جو جنم ڏينهن آهي. هو سياڻي شام جو پنهنجن يارن دوستن سان پنهنجي گهر پوني ۾ جنم ڏينهن ملهائي رهيو آهي. مان سويل صبح جو هن جي گهر پهچي هن کي سرپرائيز ڪرڻ ٿي چاهيان. مونکي خبر آهي ته هو پوني ۾ ڪٿي رهندو آهي. جنم ڏينهن ملهائڻ کانپوءِ سياڻي شام جو ئي مان هن کي هٿ گهر وٺي ايندس. توسان ۽ پرڪاش سان هن کي ملائيندس. شاديءَ جي تاريخ پڻ مقرر ڪنداسين.“

آءٌ ته بس هن جي اُمنگ. اُتساهه ۽ هن جي چهري جي رونق کي ڏسندي رهيس.

ٻئي ڏينهن سويل صبح جو نندني اڪيلي ئي پوني روانی ٿي ويئي. پوني اسٽيشن تان آٽو ڪري نندني اچي هماليه ڪالوني ۾ وشال جي گهر پهتي. در هڪ عورت ئي کوليو. نندنيءَ کي ڪٿڪو ضرور ٿيو. جڏهن وشال گهر ۾ اڪيلو رهندو آهي ته هيءَ عورت ڪير آهي! پر تڏهن پنهنجي ڪٿڪي کي پاسيرو رکندي در تي آيل عورت کان پڇيائين، ”هيءُ وشال جو گهر آهي؟ مان ممبئي مان آئي آهيان. وشال سان ملڻ ٿي چاهيان.“

عورت وراڻيو. ”اچو اندر اچو! وشال ته ٻاهر ويو آهي. مان هن جي ڌرمپتني آشا آهيان.“ هڪ پنجن سالن جو ٻار ممي ممي ڪندو اچي ماءُ کي چنبڙيو. نندنيءَ ڌيرج سان چيو ”مان وري ڪڏهن ايندس. وشال کي چئجو ممبئي مان اڪيلي آئي هئي!“

ڏينڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڇُتڪيءَ تي لکيو هئائين، ”منهنجي امڙ“ اِسڪول ۾ هن جي ڳُڏيءَ سيني جو ڏيان ڇڪايو هو. ڪنهن تہ هن جي اِها ڳُڏي پنج سؤ روپين ۾ خريد ڪئي هئي. اَما ڏاڍو خوش هئي. سندر کي چيائين،

”پٽ! تنهنجي ڳُڏي مونکي ڏاڍي پسند هئي. مان اُها ڳُڏي پاڻ وٽ رکڻ ٿي چاهي. خير! ڪنهن خريد ڪئي ۽ تنهنجي اسڪول کي رقم ملي: سٺي ڳالهہ آهي. اِهي پيسا سٺي ڪم ايندا.“

سندر کي تہ وڏو اُتساهہ مليو. اَڄ بہ سندر هڪ سٺو ڪلاڪار آهي.

سندر جو اَما کان ڏهہ لک گهرڻ، مونکي راس نہ آيو. من ۾ انيڪ سوال اُٿيا. سندر ڪو غلط ڪم تہ ڪونہ ڪري رهيو آهي! ڪنهن غلط سنگت ۾ تہ ڪونہ اڙجي ويو آهي! ڇا اَما وٽ ايڏي پونجي آهي! ڇا اَما سڀ سندر کي ڏيئي ڇڏيندي! هڪ ڏينهن اَما کان فقط ايترو ئي پڇي سگهيس،

”اما! سڀ ٺيڪ آهي نہ؟ ڪا ڪمي تہ نہ آهي؟“

اَما مسڪرايو ۽ چيو،

”پٽ! مالڪ مهربان آهي. تنهنجي پگهار مان گهر هلي رهيو آهي. سندر بہ جلد ڪنهن ڪم تي لڳندو. هاڻ ڪهڙي ڪمي آهي! جيڪي آهي توهان ٻنهي جو آهي. مون کان پوءِ سڀ ورهائي ڪٽجو. پرءَ ۽ يڳو ان پيسي سان ڪونہ ملندو آهي.“

اَما تہ ٻُڌڙ ۾ پير هٽي ويئي. سوال جو جواب تہ ڪونہ ڏنائين ۽ نہ ئي پنهنجو اندر اوريائين. سچ تہ آهي: جيڪي آهي اَما جو آهي. سڀ تي هن جو پورو حق آهي. پر ڪنهن کي بہ ڏي: هن کي پورو اڌڪار آهي. مان ڇو ٿو پريشان ٿيان! جيڪو منهنجو آهي ئي ڪونہ تنهن تي مان پنهنجو حق ڇو ٿو جتايان!

لاهي سندر جي کير جي گلاس ۾ وجھندي ۽ منھنجي حصي ۾ ايندو پاڻيءَ جھڙو کير. گھر ۾ مٺي شيءِ ٺھندي تہ اَما پھريائين ڪٽورو ڀري سندر لاءِ جدا ڪري رکندي ۽ باقي بچيل هٿندي منھنجي مُنھن ۾. سندر دوستن سان پڪنڪ تي ويندو تہ اَما ڪيٽ مان نوٽ ڪڍي لڪائي سندر جي کيسي ۾ وجھندي. مان ڪڏھن ڪا گھُر ڪندس تہ چوندي

''پٽ! ھن وقت پيسا ڪونہ آھن. پيءُ کان وٺ.''

جتائڻ تي ھوءَ چوندي تہ سندر اَجا ٻار آھي ۽ ھوڏي آھي. ھن جي ھوڏ اڳيان جھڪڻو ٿو پوي. تون تہ منھنجو ڏاھو ٻار آھين. توکي پنھنجي ننڍي ڀاءُ سان برابري نہ ڪرڻ گھرجي. منھنجي تہ ھميشہ مٺي بہ مات تہ مُٺي بہ مات. پر دل توڙي آرسيءَ ۾ ڏار پوي تہ ڀڳو ڪڏھن ساڄو ڪين ٿئي؛ توڙي سوين ڳانچ ڳنڍين.

منھنجو بابا ھڪ نيڪ انسان ھو. ھميشہ رضا تي راضي رھندو ھو. خانگي نوڪريءَ ۾ گھٽ پگھار ھوندي بہ سدا خوش رھندو ھو. سَوڙ آھر پير ڊگھيريندو ھو. ٻارن جي پرورش ۾ ڪڏھن ڪا ڪوتاھي ڪونہ ڪيائين ۽ نہ ئي ڪڏھن پنھنجي ٻارن ۾ ڀيد ڀاءُ ڪيائين. جيڪا شيءَ خريد ڪندو، اُھا ٻٽي. ھڪ منھنجي لاءِ ٻي سندر لاءِ. ڪڏھن ڪڏھن سندر جي ضد تي ھو ناراض بہ ٿيندو ھو. اَما کي نصيحت بہ ڪندو ھو تہ ھوءَ سندر کي سر تي نہ چاڙھي. گھر ۾ ويري ھڪڙو بہ گھڻو ساڄڻ سوَ بہ ٿورا. بابا ھر سال بونس جي رقم اَما جي نالي بئنڪ ۾ جمع ڪندو ھو. اَما بہ گھر خرچ مان بچائي پيئي پئسا بئنڪ ۾ رکندي ھئي. پڪ ئي پڪ اَڄ اَما وٽ وڏي رقم آھي. ھن وٽ خانداني دپلي آھي. جنھن ۾ زيور بہ آھن تہ ھيرن جو سيٽ بہ آھي.

ننڍي ھوندي کان سندر کي رانديڪن ٺاھڻ جو ڏانءُ آھي. ھو چوٿين درجي ۾ ھو. اسڪول ۾ ھٿ جي ھنر جو ھڪ نماءُ رکيو ويو ھو. سندر پراڻن ڪپڙن مان ھڪ گُڏي تيار ڪئي ھئي. گُڏيءَ کي ھن اَما جو روپ

تنهنجي شڪايت ڪري رهي آهي. مفت جون روٽيون
ڪائڻ ڪان ڪا ڪرت ڪار ڪر. ٻه ڏوڪڙ ڪماءِ. نه ته
هڏ سڪي ويندءِ.''

سندر ڪجهه ويل منهنجي مُنهن ۾ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين،
''دادا! تلوار جي گهاءَ کان طعنو تکو ٿيندو آهي. مون ۾ هيءُ اَوشواس ڇو!
مان جيڪي ڪري رهيو آهيان اُهو جلد توهان جي سامهون ايندو. توهان
منهنجي قدرشناسي ڪندا. مان هن وقت ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه
آهيان.''

اِهو سڀ چئي سندر اُٿي هليو ويو. هن جو ڪمرو ڪم هلي
رهيو آهي: تنهن جي خبر نه اَما ٿي مونکي ڏئي ۽ نه ئي سندر ٿو ڪجهه
مونسان اوري. منهنجي پريشانيءَ جو ڪنهنکي به خيال نه آهي.

روز پيو اَخبار ۾ پڙهان ته هِن گهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو چوري ٿي ۽
هُن گهر ۾ نوڪر مالڪڻ جو خون ڪري سڀ ڪجهه ميڙي هليو ويو.
اَما کي ڏه دفعا چيو اَٿم ته گهر ۾ نقد يا زيور نه رک. سڀ بئنڪ لاڪر ۾
رکي ڇڏ. گهر ۾ تون اڪيلي آهين. ڪڏهن به ڪجهه ٿي پوي ته! امان
جي ڪن لاٿار سان ڪير پڄي! منهنجي اندر وارو چلائي رهيو هو ته
ضرور ڪا گهٽنا گهٽبي. ضرور ڪجهه پيانڪ ٿيندو. اسان کي ساوڌان
ٿيڻ گهرجي.

تنهن ڏينهن مان آفيس ۾ هوس. منجهند جي ويل هئي. ماني کائڻ
جو سوچي رهيو هوس جو منهنجي سيل جي گهنٽي وڳي. فون سندر
جو هو. روئندي، رڙندي ۽ سڏڪن ۾ فقط ايترو ئي چئي سگهيو :

''اَما هن جهان ۾ نه رهي''

مان پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺس. رڙ ڪري فون تي چيم،
''مونکي ڄاڻ هئي ته اَما جو موت ضرور ٿيندو. تون خوني آهين. تون
خونه. آهين.''

منهنجي اِها سوچ خود مونکي ئي پسند ڪونہ آئي. من آواز ڏنو
''تون هن گهر جو مربي پٽ آهين. گهر جو اڪيلو ڪمانيندڙ ياتي آهين
تنهنجي اَما وٽ جيڪي آهي سو سڀ بابا جو ڏنل آهي. سڀ تي
تنهنجو پورو حق آهي. توکي پوري ڇاڻ هئڻ گهرجي تہ تنهنجي ماءُ
وٽ ڪيتري رقم آهي. ڪو تنهنجي ماءُ کي پٽي پڙهائي بيوقوف ڪري
موهہ ۾ ڦاسائي ۽ تون چپ ڪري ويٺو ڏسندين! نہ بلڪل نہ! پنهنجو آواز
اُٿار. چُپ نہ ڪر! نہ تہ برباد ٿي ويندين.''

وري اندر مان آواز آيو. ''هيءُ بغاوت بند ڪر. جي اَما ڪڏهن
ناراض ٿي ۽ مونکي گهر مان لوڌي ڪڍيائين تہ مان تہ رڻ ۾ رلي ويندس. نہ
گهر جو نہ گهاٽ جو. نہ ڏٽي نہ سائين. اَڃا ڪاڇو ڪنوارو آهيان.
منهنجي حيثيت ئي ڇڙيل آهي هن گهر سان! پاٽيءَ جي ماڇلي پاٽيءَ ۾
پلي.

اَما منهنجي شاديءَ لاءِ ٻالهيون هلائي رهي آهي. ٻہ ٽي پروپوزل
آيا بہ آهن. اَما کي ڇوڪريون ڏٺيون بہ آهن. پر ليڪ ۾ ڪا ميک آهي.
ڪن کي منهنجي پگهار گهٽ ٿي ياسي تہ ڪن ڇوڪرين جو خاندان
اَما کي نٿو وڻي يا ڇوڪرين جو رنگ روپ اَما کي نٿو آئڙي. سچ تہ
مون کي هاڻي ائين ٿو ياسي تہ اَما منهنجي شادي ڪرائڻ ئي نٿي چاهي.
شايد کيس ڊپ آهي تہ هوءَ نونهن جي اَڌين ٿي ويندي ۽ پٽ تان اَڌڪار
وڃائي ويهندي. سڀ کان وڏيڪ سندر کي پسند نہ آهي تہ منهنجي شادي
ٿئي. سمجهو تہ منهنجي قسمت ۾ ڪاڻ آهي ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان!

اَڄ ڪالهہ مونکي سندر جي چنتا ٿي پيئي آهي. ڪڏهن هو سويل
صبح جو گهر کان ٻاهر توهليو وڃي تہ ڪڏهن دير رات جو ٿو گهر موٽي.
اَما جي شڪايت آهي تہ ڏينهن جو گهر ۾ ماني نٿو کائي. هڪ شام
مون سندر کي سڏ ڪري. پنهنجي پاسي ۾ ويهاري ڪانٿس پڇيم.

''سندر! تون اَڄ ڪالهہ ڇا ڪري رهيو آهين؟ اَما بہ

ورتي. گُڏيءَ کي پنهنجي سيني سان لڳائي ويٺو رهيو. هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا.

اَما جي ڪيٽ مان ڪُل ملائي پنجاه لک روپين جي سمپتي نڪتي. جڏهن چاچي صاحب ملڪيت ورهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو تڏهن سندر هٿ ٻڌي چيو، ”دادا! ملڪيت ورهائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. هن سموري سمپتيءَ جو وارث فقط منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. هو هن گهر جو مربي آهي. سڀ تي هن جو پورو حق آهي. مان اَما جي ورثي کي ورهائي نہ گهر جي مريادا کي داغ لڳائڻ ٿو چاهيان ۽ نہ ئي اَما جي ڏنل پيار سان بي انصافي ٿو ڪرڻ چاهيان. هيءُ ڦارڪتيءَ جو سلسلو بند ڪريو. رانديڪن جو ڪارخانو اَڏڻ لاءِ مون اَما کان ڏهن لک روپين جي طلب ڪئي هئي پر اَما منع ڪري ڇڏي. چيائين، ”پٽ! مون وٽ ڪو قارون جو خزانو تہ نہ آهي جو توکي هيترا پئسا ڪيي ڏيان ۽ سو بہ تنهنجي وڏي ڀاءُ کان پڇڻ کانسواءِ. توکي پئسا گهرجن تہ ڀهريائين پنهنجي ڀاءُ کان موڪل وٺ يا پنهنجو بندوبست پاڻ ڪر.“ مون پنهنجو بندوبست پاڻ ڪيو آهي. هڪ سرڪاري بئنڪ مان قرض ورتو آهي. ڪارخانو جلد ئي ٺهي تيار ٿي ويندو. اَمڙ جو مون لاءِ يادگار ورثو هيءَ گُڏي منهنجن هٿن ۾ آهي. مان قيمتي ميراث ڪنهن سان بہ ونڊڻ لاءِ تيار نہ آهيان. منهنجي نئين ڪارخاني جو نشان يعني لوگو ٿيندي هيءُ گُڏي ’منهنجي اَمڙ‘. سندر هٿ ۾ گُڏي لوڏيندو گهر کان ٻاهر هليو ويو. گهر ۾ سناٽو ڇانئجي ويو.

منهنجي دل هڪ سوال ڪيو ”اڙي سنڪي! تو هيءُ ڇا ڪيو! هاڻ تون پنهنجن کي ڪهڙو مُنهن ڏيکاريندين! شل اَهڙي ڪنهن سان نہ ٿئي!“

منهنجي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. اَفسوس! زندگيءَ ۾ نہ مون پنهنجي ماءُ کي ساڃاتو ۽ نہ پنهنجي ڀاءُ کي سمجهيو. هميشه اَوشواس ۽ اَوشواس. ڪنهنکي بہ پيار نہ ڏنم. بس پنهنجو آپو ئي آپو!

سندر فون بند ڪري ڇڏيو. مان آئو ۾ ٻه ماءُ جي موت بابت سوچي رهيو هوس. سندر اَما کان ڏه لک روپيا گهريا هوندا. اَما پئسن ڏيڻ کان منع ڪئي هوندي. سندر جهڳڙو ڪيو هوندو. سندر شيطاني حملو ڪري ماتا جو خون ڪري ڇڏيو هوندو. سندر خوني آهي. هاڻ هو جيل ۾ ويندو. هن کي ڦاسيءَ جي سزا ملندي. آئو گهر اچي جهٽڪو ڏيئي رڪيو. منهنجن خيالن جو سلسلو ٻه رڪجي ويو. ڊاڪٽر صاحب ڪمري کان ٻاهر اَچي رهيو هو. منهنجي ڪلهي تہ هٿ رکي چيائين،

”تنهنجي ماءُ کي هارٽ اَٽئڪ ٿي. مون ڪوشش تہ ڪئي پر هن کي بچائي نہ سگهيس.“ مان گهر ۾ گهڙيس. اَما جي ڪيٽ مان چاٻين جو ڇڳو ڪنيم. سڀ ڪيٽ بند ڪري ڇڏيم.

اَما جي چائٽي ڏينهن، پنهنجي چاچي جي حاضريءَ ۾ مون ماءُ جو ڪيٽ کوليو. سندر کي چيم تہ اَما جي ملڪيت جي ڦارڪتي ٿيندي ۽ هاڻ جو هاڻ ٿيندي. اَڌ حصو تنهنجو آهي ۽ اَڌ حصو منهنجو. سندر تہ اَچي سڏڪن ۾ پيو. مون رڙ ڪئي، ”سندر تون پنهنجو ناٽڪ بند ڪر. منهنجي زبان کلندي تہ لوڪ کلندو. اَما جو موت نہ اَما جو خون ٿيو آهي. تو ئي هن کي ستائي ماريو آهي. هر وقت تنهنجي اَما کان ڪا نہ ڪا طلب ۽ پئسن جي تقاضا ئي هن جي موت جو ڪارڻ بڻي آهي. توکي ملڪيت جو اَڌ حصو ڏيان ٿو: ڇاڪاڻ تہ اِهو اَما جو آديش آهي. سچ تہ توکي هڪ ڪوڏي بہ نہ ملڻ گهرجي. مان توسان هاڻ ڪو بہ رشتو رکڻ نٿو چاهيان. زخم هينئر ناسور بڻجي چڪو آهي. سور سهڻ کان ٻاهر آهي.“

اَما جي ڪيٽ ۾ مٿان ئي مٿان پيئي هئي گهٽا سال اڳ اسڪول جي نماءُ لاءِ تيار ڪيل سندر جي ڳُڏي. چٽڪيءَ تي لکيل هو ”منهنجي اَمڙ.“ اها ڳُڏي پنڃ سؤ روپيا خرچي شايد اَما ئي خريد ڪئي هئي ۽ هيترا سال پنهنجي ڪيٽ ۾ سانڍي رکي هئي. سندر تپ ڏيئي ڳُڏي ڪئي

جي گهر پهتو. هن جو پٽ ورون آمريڪا مان ڪمپيوٽر سائنس جي ڊگري وٺي آيو آهي. هو ممبئيءَ جي هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ انجنيئر آهي. مهمان نوازيءَ جو دور شروع ٿيو. جڏهن مهمانن چانهه پي پوري ڪئي تڏهن گوبندرام جي ڌرم پتني راڌا پنهنجي لاڏليءَ کي وٺي اچي ورون جي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهاريو. نئنا اَڄ جي ماڊرن ڇوڪري آهي. پهراڻ ۾ ڪڏهن جينس ۽ جئڪيٽ، ڪڏهن اسڪرٽ بلائوز ته ڪڏهن سلوار ڪرتو پهري. پر اَڄ هن کي گلابي رنگ جي ساڙهي، گلابي رنگ جو بلائوز، ڪَڙيءَ سان مخملي سينڊل، لنبي چوٽي، چوٽيءَ ۾ راجستاني سڳي، ڇهري تي سونهري ننڍي بندي؛ ڀارتيه ناريءَ جي انوکي لباس ۾ ڏسي خود گوبندرام به پنهنجي ڌيءُ کي سڃاڻي نه سگهيو.

سندرداس کلندي چيو، ''سائين! توهان جي نياڻي اَسان جي گهر جي راڄ راڻي ٿيندي. توهان جو پيار ۽ سڪ ئي اَسان لاءِ سڀ ڪجهه آهي. قرب جي قيمت موتين ملهائتي.''

گوبندرام هٿ جوڙي اُٿي بيهي رهيو. چيائين،

''سائين! منهنجي هڪ ئي ڌيءَ آهي. مالڪ سڀ ڪجهه ڏنو آهي. نڪ کي مَرُ ڪير لاهيندو. مان توهان کي پنهنجي نياڻي پرتي ڪري ڏيان. بس منهنجي ڪنڌ هيٺان وهاٽو! توهان جلد ئي شاديءَ جو مهورت ڪڍائي مونکي واقف ڪندا. ها! مان هڪ ڳالهه چوڻ ٿو چاهيان ته نئنا جي جنم کان اڳ ئي اَسان وٽ باغبانيءَ لاءِ هڪ مالهي آهي. سڀ هن کي 'مالهي ڪاڪا' ڪري سڏيندا آهن. بنگلي جي حاطي ۾ ئي هن لاءِ هڪ ڪوٺي ٺهيل آهي. اَڪيلو سر آهي. هن جو نئنا ۾ ڏاڍو موه آهي. مان چاهيان ٿو ته نئنا جو ڪنيادان مالهي ڪاڪا ڪري. هو به ڏاڍو خوش ٿيندو. مان سمجهان ٿو ته توهان کي منهنجي سڄهاءُ تي ڪو به اعتراض ڪونه ٿيندو.''

اوچتو ئي اوچتو ڄڻ ته ڪمري ۾ مورچا ڇانئجي ويئي. سڀ جو سڀ چُپ ٿي ويا. گوبندرام جون آسائتون اکيون جواب لاءِ ڪڏهن سندرداس ڏانهن، ڪڏهن ورون ڏانهن ته ڪڏهن هن جي ماءُ ڏانهن نهاري رهيون هيون. پر هنن سڀني جو ڪنڌ هيٺ هو. ڪير جواب ڏي! گوبندرام

مالهي ڪاڪا

اَڄ سيٺ گوبندرام تمام خوش آهي. شام جو ڇوڪري وارا هن جي لاڏلي، نئنا کي ڏسڻ لاءِ اَچي رهيا آهن. هن جا پير زمين تي نٿا ٽڪن. اهو اَنوکو آنند فقط ڌيءَ جا ماءُ پيءُ ئي ماڻي سگهن ٿا. باغبان جيڪو ٻوٽو ويه سال اڳ پنهنجي چمن ۾ پوکيو هو، سو هاڻ اُسري گلاب ٿي پيو آهي. باغبان کي ان سندر گل تي ناز آهي. هو هاڻ امولڪ رتن ڪنهن يوڳيہ ور کي ڪنيادان ۾ ڏيڻ لاءِ تياريون ڪري رهيو آهي. هن کي اَڄ شام جي پروگرام جو بي صبريءَ سان انتظار آهي. خوشيءَ سان گڏ سيٺ گوبندرام جي من ۾ مايوسي بہ اُڀري آئي آهي. گهر جي ڪومل ڪلي، گهر جي روشني. سيني جي دلاري جلد ئي هيءُ چمن ڇڏي وڃي نئون چمن وسائيندي. هيءُ ڪويل جون لاتيون، پل پل جا ٽهڪ، پل پل ۾ رسڻ ۽ پل پل ۾ پَرچڻ؛ سڀ جو سڀ ماٺ ٿي ويندا. هيءُ گهر ڄڻ تہ ويران ٿي ويندو. پر ڌيئر پرائو ڌن. ڌيءَ جي ماني راجا جنڪ بہ نہ لڌي. ڪاليج وڃڻ لاءِ تيار ٿي جڏهن نئنا در وٽ پهتي تڏهن گوبندرام کيس پاڀوه سان چيو،

"پٽ نئنا! اَڄ ڇوڪري وارا شام جو اَچي رهيا آهن. تون جلد ئي گهر پهچي وڃج."

نئنا ڪنڌ لوڏيندي وڃي ڪار ۾ ويٺي. مالهي ڪاڪا بنگلي جي گيٽ کولي ۽ ڪار هوا سان ڳالهيون ڪندي هلي ويئي.

شام جو سيٺ سندرداس پنهنجي پريوار سان اَچي سيٺ گوبندرام

سيٺ گوبندرام تہ پاڻ کي پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. هن جي ذهن ۾ سوين سوال هئا پر ڪنهن بہ سوال جو جواب هن کي نٿي مليو. هڪ طرف هئا سماج جا ٺاهيل نيم ۽ ٻنڌن، تہ ٻئي طرف هئي ساچ جي پڪار ۽ وويڪ جي گونج. گوبندرام نہ سماج جي سامهون جيون جو ساچ ٺئي سلي سگهيو ۽ نہ ساچ کان مُنهن ٺئي موڙي سگهيو. هن لاءِ هيءَ ويل ڇڻ تہ ڀيشم پتامهہ جيان تيرن جي سيڄ تي سمهڻ برابر هئي؛ ويچار هيڻ ۽ ڪرم هيڻ.

هن جي سامهون ويهن سالن کان اڳ وارا درشيہ پل پل اُڀري ٺئي آيا. آواز پڙاڏا بڻجي هن جي ڪنن ۾ گونججي رهيا هئا. هو پنهنجي پلنگ تي ائين ڦٿڪي رهيو هئو، جيئن جل بن مڇلي. ڪري تہ ڪري ڇا!

ڊاڪٽر مهتا جو آواز، ”گوبندرام! تنهنجون ٻيئي بڪيون خراب ٿي چڪيون آهن. روز ڊائلسس کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ آهي. جلد ئي توکي اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پوندو. اُپاءُ فقط هڪ ئي آهي، تہ ڪو تنهنجو تندرست سڳو سنبنڌي جنهن جو رت تنهنجي رت سان ملي؛ سو توکي پنهنجي هڪ بڪي ڏي تہ تنهنجي زندگي بچائي سگهجي ٿي؛ ٻيءَ حالت ۾ اُپ اَڪئين پيو ڏسجي.“

گوبندرام جي ڌرم پتني راڌا جو آواز، ”هنن جي صحت وڃي ٿي پوڻو پوندي. منهنجن ٻارن جو ڇا ٿيندو! هنن جي ڌنڌي ڌاڙيءَ جو ڇا ٿيندو! مان اڻ پڙهيل، ٻيوس ڇا ٿي ڪري سگهان! مالڪ! هاڻ تون مهر ڪر!“

مالهي ڪاڪا جو آواز، ”سائين! مون توهان جو نمڪ کاڌو آهي. توهان کان سواءِ هن جهان ۾ منهنجو ڪوبہ آسرو ڪونہ آهي. منهنجي زال گذريل مهيني هڪ نياڻيءَ کي جنم ڏيندي راهہ رباني وٺي ويئي. مان اَڪيلو هن ابهم جي پالنا ڪرڻ لاءِ سمرٿ نہ آهيان. توهان کي هڪ گردي جي ضرورت آهي. مالڪ سيني کي ٻہ گردا ڏنا آهن. مان هڪ گردي سان ئي زندگي گهاري ويندس. مان پنهنجي ڌيءُ جي صدقي اها قرباني ڪرڻ چاهيان ٿو. جي توهان منهنجي ٻچڙيءَ کي قانوني گود وٺندا؛ هن کي پڙهائي لکائي ڪنهن لائقيءَ لڳائڻ جو مونکي وشواس ڏيندا؛ تہ

جو ساجهاءَ ئي عاجيب هو.

نيٺ ورون جي ماءُ شوخ آواز ۾ پنهنجي من جي ڳالهہ بيان ڪري ئي ويٺي:

”ڀائو گوبندرام! اسان سڀ توهان جي عزت ڪريون ٿا. اِن جو مطلب اِهو نہ آهي تہ توهان اسان کي پنهنجي گهر گهرائي. اَسان جو اَيمان ڪندا! گهر جو هڪ نوڪر، سو بہ ٽڪي جو مالهي؛ پري سيا ۾ توهان جي ڌيءَ جو ڪنياڌان ڪندو. اِهو تہ ٿيو اَسان جو نڪ ڪٽڻ. اهو سڀ اَسان کي منظور نہ آهي. اَسان رشتو توهان سان جوڙڻ ٿا چاهيون ۽ نہ هُن گهٽ ذات مالهيءَ سان. توهان کي جي سماج ۾ پنهنجي واه واه ڪرائڻ جو شوق آهي تہ پل هاڃي پر اَسان کي نہ آهي. ڪاڄهہ سوچيو تہ سهين! ماڻهو ڇا چوندا! لوڪ آهي ٻوڪ پر اَسان ڪنهن جي ڇو ٻڌون!“ اهو سڀ چئي هوءَ تہ اُٿي ڪڙي ٿي ۽ ساڻ ساڻ سڀ اُٿي ڪڙا ٿيا.

گوبندرام جي خوشين کي گرهڻ لڳي ويو. ويندي ويندي سندرداس ايترو ضرور چيو

”سائين گوبندرام! توهان پنهنجي ساجهاءُ تي هڪ دفعو ٿڌي سيني سان ويچار ڪريو. نتيجي کان اَسان کي ضرور واقف ڪجو. اَسان اِنتظار ڪنداسين.“

گوبندرام جو ساجهاءُ تہ نئنا جو ڪنياڌان گهر جو هڪ مالهي ڪري سو تہ گوبندرام جي گهر جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ کي راس ڪونہ آيو. نہ هن جا ٻہ پٽ راضي هئا ۽ نہ هن جي ڌرم پتني راڌا خوش هئي.

ويچاري نئنا کي تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نٿي آئي. مالهي ڪاڪا هڪ نيڪ اِنسان آهي. هو سيني کي پيار ڪري ٿو. سڀ هن کي گهر جو ڀاتي ڪري ڄاڻين ٿا؛ پر اِن جو مطلب اِهو تہ نہ آهي تہ هو بابا جي جاءِ تي نئنا جو ڪنياڌان ڪندو. سماج ۾ هر رشتي کي ۽ هر رسم کي پنهنجي اَهميت آهي. هر رشتي کي پنهنجي مريادا ۽ ساڻ ساڻ ڪا لڪشمڻ ريکا پڻ آهي. نہ! بلڪل نہ! مالهي ڪاڪا. نئنا جو ڪنياڌان نہ ڪندو. اهو سيني جو رايو هو.

پل پل ٻڌان. هن کي پنهنجي نظرن سان دل ڀري ڏسندو رهان. توهان جي پيرن ۾ لڳايل پنهنجي هن سندر ٻوٽي کي ذري ذري اُسرندو ڏسي جيون جو آنند ماڻيان. منهنجي اها اِڇا تہ پوري ٿي؛ پر منهنجي قسمت ۾ ڪا ڪاڻ آهي. ماڻهو تہ منهنجي لاڏليءَ کي مالهيءَ جي ڌيءَ ثابت ڪري ئي رهندا. هو منهنجي ڌيءُ کي سک ماڻڻ نہ ڏيندا.

بس! هاڻ مونکي هيءُ شهر ڇڏي وڃڻ گهرجي؛ تنهن ۾ منهنجي نياڻيءَ جي ڀلائي آهي ۽ توهان جي ڀلائي آهي. تقدير جي لکڻيءَ کي ڀلا تدبير ڇا ڪندي. دعا ڪريو زندگيءَ جا باقي ڏينهن توهان سيني کان دور رهڻ جي همت ساهي سگهان. شل مالڪ توهان سان هميشه ساٿي ٿئي!''

مالهي ڪاڪا جو خط اَڃا گوبندرام جي هٿن ۾ ئي هئو تہ فون جي گهنٽي وڳي. فون سندرداس جي پٽ ورون جو هو. تمام نياز سان چيائين،

''سائين! ڪالهہ جيڪي ٿيو تنهن لاءِ منهنجو پريوار شرمسار آهي ۽ معافي طلبي رهيو آهي. توهان تہ نيڪ انسان آهيو. توهان امير - غريب، اوچ - نيچ جو ڀيد ڀلائي پنهنجي گهر جي مالهيءَ جي شيوائن جو قدر ڪريو ٿا. پنهنجي ڌيءَ جو ڪنيادان هن جي هٿان ڪرائي، هن جو سنمان ڪرڻ چاهيو ٿا. سماج ۾ هن کي جوڳو درجو ڏيڻ چاهيو ٿا. شل ديش جو هرهڪ آدمي اهڙي سمانتا آڻڻ جي ڪوشش ڪري! اسان توهان جي نيڪ ڀاونائن کي ڪونہ سمجهي سگهياسين. نئنا جي مالهيءَ جي ڌيءَ بہ هجي ها ۽ توهان جي گهر جا ڪيس اوچ سنسڪار مليل هجن ها تہ بہ هوءَ اَسان جي گهر جي لڪشمي سويڪار ٿيڻ جي لائق آهي. وقت بدليو آهي. اسان کي وقت ساڻ هلڻ گهرجي. منهنجو پتا شاديءَ جو نئين مهورت ڪڍائي، توهان کي جلد واقف ڪندو.''

گوبندرام جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هو فقط ايترو ئي چئي سگهيو، ڪاش! اوهان جو هيءُ سنديش ڪالهہ رات اَچي ها! مالهي ڪاڪا تہ شهر ڇڏي هليو ويو. اَسين هن کي هاڻ ڪٿي ڳولهيون!''

مان پنهنجو هڪ ڳردو توهان کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. اهو مان توهان ڏانهن ۽ پنهنجي سنتان ڏانهن پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهيان. توهان تي ڪابہ مهرباني ڪونہ ڪري رهيو آهيان. هيءُ جيون توهان جي شيوا ۾ گذري؛ بس اها ئي تمنا اٿم. تاري وڻ کان ڇڄي تہ سڪي سڙي وڃي.''

گوبندرام کي هيءُ پڙاڏا حيران ڪري رهيا آهن. اندر ۾ جهاتي پائي چوي ٿو :

''مون ڇوڪري وارن کي کهڙو غلط سمجهڻ ڏنو آهي! مالهي ڪاڪا نئنا جو پتا آهي. هن کي نئنا جو ڪنيادان ڪرڻ جو پورو حق آهي. مان هن کان اِهو حق کيئن ٿو کسي سگهان! مالهي ڪاڪا منهنجو جيون داتا آهي. هيءَ زندگي، ان مهان انسان جو مون مٿان قرض آهي. مان پنهنجي جيون داتا ڏانهن احسان فراموش ڪيئن ٿو ٿي سگهان!

هڪ راز، تہ نئنا مالهي ڪاڪا جي ڌيءَ آهي ۽ منهنجي پيٽ ڄائي نہ آهي؛ مون گذريل ويهن سالن کان جڳ کان لڪايو آهي. پنهنجن پٽن کان لڪايو آهي سو ڇو اڄ ظاهر ڪريان! پيڙيل مٺ کلي تہ خير ڪونهي. راز کليو تہ سڀ رشتا ناتا ٽٽي ويندا. گهر جون مضبوط ديوارون اڄي پٽ پونديون. سڀ کان وڏيڪ تہ ويچاري نئنا جو ڇا ٿيندو! ڇا هوءَ سڀ سهي سگهندي! اِهو سڀ نئنا سان، مالهي ڪاڪا سان ڏوھ نہ ٿيندو! نہ! مان اِهو راز ڪڏهن بہ ڪونہ کوليندس ۽ نہ مالهي ڪاڪا کي سندس حق کان وانجهيو رکندس پوءِ پَل مونکي سوين سور سهڻا پون.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽيبل تي مالهي ڪاڪا جو هٿ اکري هڪ خط گوبندرام کي مليو. خط نہ هو هڪ مظلوم جي دل جي ويدنا هئي. هڪ غريب جي بيوسي هئي :

''منهنجا مهربان سائين،

ڪالهہ واري گهٽنا جو مان چشم ديد گواھ آهيان. سچ تہ توهان جي تڪليفن لاءِ فقط مان ئي جوابدار آهيان. مون کي ويهہ سال اڳ ئي هيءُ گهر ڇڏي هلي وڃڻ گهربو هو. پر مان موھ وس ٿيندي ڪونہ وڃي سگهيس. مون چاهيو ٿئي تہ پنهنجي ڌيءُ کي اِسڪول ويندو ڏسان. هن کي توهان جي ٻارن سان رانديون ڪندو ڏسان. هن جون توتليون ٻوليون

مونکي پڪ آهي تہ منهنجو ڳوٺ ڊاڪٽر راجيش آهوجا، پاڪستان مان ايندڙ شڪيلا بانوءَ کي گهر ۾ ڪجھہ ڏينهن رهڻ لاءِ ڪڏهن بہ 'نہ' ڪونہ ڪندو. پر هن هٽلر کي ڪير چوي! نيٺ همت ھڏي سَسُ جي سامهون چَپ چوريم.

''پاپي! ڪراچي، سنڌ مان منهنجي ماسات ماڊوريءَ جي هڪ ڇاتل ساڃاتل عورت شڪيلا بانو پيٽ جي آپريشن ڪرائڻ لاءِ ممبئيءَ اَچي رهي آهي. هوءَ ڪجھہ ڏينهن اَسان جي گهر ۾ رهڻ ٿي چاهي. مون ڪيس 'ها' ڪئي آهي. راجيش کي ہڌايو اَٿم. توهان جي موڪل گهرجي. هوءَ ٻن ٽن ڏينهن ۾ ممبئيءَ پهچي ويندي.''

پاپي ڪجھہ پل مون ڏانهن نهاريندي رهي ۽ پوءِ شوخيءَ مان چيائين، ''مان ڪير ٿيندي آهيان موڪل ڏيڻ واري! هيءُ گهر توهان جو آهي، مالڪ ڌڻي توهان آهيو. پل ڪنهن کي بہ گهر ۾ گهرايو. پوءِ هندو هجي يا مسلمان؛ جن اَسان کي سنڌ مان لوڏي ڪڍيو؛ اسان جا گهر ڦُرِ ڪيا؛ ٻنيون ۽ مال ملڪيت لٽي اسان جي جگر جي ٽڪرن کي ماريو؛ پنهنجو اَباڻو وطن سنڌ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. هاڻ سي اَچي هت اَسان جي گهر ۾ مهمان ٿي رهندا. اَسان سان گڏ ويهي هڪ ٿالهيءَ ۾ کائيندا. اِهو سڀ مونکي منظور نہ آهي. توهان تہ هند ۾ ڄاوا نپنا آهيو؛ توهان کي ڪهڙي خبر تہ اَسان سان سنڌ ۾ ڪهڙا قهرَ ٿيا ۽ اسان ڇا ڇا سَٺو! توهان، جيڪي هاڻ سڪيولرزم جا باني آهيو ۽ هن مسلمان عورت کي پنهنجي گهر ۾ رهائڻ جو فيصلو ڪيو اَٿوَ تہ مان ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهان! هوءَ ڀل اَچي ۽ هت آرام سان رهي. مان ئي ڪجھہ ڏينهن ڪٿي هلي وينديس.''

مون کي ڪهڙي ڄاڻ تہ ڪو مون اڻڄاڻائيءَ مان ٻرندڙ ڪاٺيءَ تي پنهنجو پير رکيو آهي. پاپيءَ جي اَندر تہ باھ جا مچ ٻري رهيا هئا. هن سان بحث جو مطلب ٿيندو باھ جي ڀنبٽ ۾ گيھہ وجهڻ. مان چپ ڪري پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويس. سوچيم تہ راجيش ئي ماءُ کي سمجهائي سگهندو.

راجيش، اُن رات ئي پاپيءَ کي ٽَڌي سيني ويهي سمجهايو تہ

سرحدون

ڇھ مھينا اڳ جي ڳالھہ آھي. سويل صبح جو ڪراچي سنڌ مان
منھنجي ماسات ماڌوري رھيجا جو فون آيو. چيائين،

”متي! منھنجو ھڪ ڪم ڪر. ھت اسان جي ڇاتل
ساڃاتل آھي شڪيلا بانو. اسين سڀ ھن کي ماسي ڪري
سڏيندا آھيون. سنڌي مسلمان آھي. ھن جي پيٽ ۾
ڪينسر جو ڳوڙھو ٿي پيو آھي. ھن کي ممبئيءَ ۾ ٽاٽا
ڪينسر اسپتال ۾ آپريشن ڪرائڻو آھي. ھن جو
ھندوستان ۾ پنھنجو ڪوبہ مٽ مائٽ ڪونہ آھي.
تنھنجو گھوٽ راجيش آھو جا ممبئيءَ جو مشھور سرجن
آھي. مون سوچيو آھي. تہ شڪيلا ماسيءَ کي تنھنجي
گھر ممبئيءَ موڪليان. تنھنجي گھوٽ جي ھٿ ھيٺ
ھن جو آپريشن ٿئي. ھن کي ھندوستان اچڻ جي ويزا ملي
ويئي آھي. اُميد تہ توکي اعتراض نہ ٿيندو.“

ھاڻ مان يلا ماڌوريءَ کي ڪھڙو جواب ڏيان! چيو مانس.

”ڀيڻ! تو سوال پاتو آھي. مان توکي نہ ڪيئن ٿي ڪري سگھان
تون ڀل ھن کي منھنجي گھر موڪلي ڏي. ايشور ڪندو سڀ ٺيڪ ٿي
ويندو. تون ڪابہ چنتا نہ ڪر.“

اَسان گھر ۾ آھيون ڇڻا ٿي. مان. منھنجو گھوٽ ۽ منھنجي سَسُ
سردار: جنھن کي اَسان سڀ 'پاپي' ڪري سڏيندا آھيون. گھر ۾ راڄ آھي
تہ منھنجي سَسُ صاحبہ جو. اسين سڀ ھن جي حڪم جي اڏين آھيون

آهيون. ڇا توهان کي ڪراچي شهر جي يادگيري آهي؟''

پاپي تہ ڪجهہ وقت لاءِ شانت ٿي ويئي. منهنجون اکيون پاپيءَ جي چهري تي هيون. هن جي چهري تي هڪ ئي وقت انيڪ ڀاوَ مونکي نظر اَچي رهيا هئا. شايد هوءَ ماضيءَ جي درپن تي ڇميل ڌوڙ جا تهہ هڪ هڪ ڪري هٽائي رهي هئي. هن جا چپ ڪجهہ بيان ڪرڻ لاءِ ماندا هئا. هن پڙ پڙ ڪندي چيو،

''شڪيلا! جڏهن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو تڏهن تہ مان اجا ٻن سالن جي ماءُ جي هنج ۾ هيس. سڀ ڪجهہ ۾ هاڄن منهنجا ماءُ پيءُ، جن جو ديهانت هت ممبئيءَ ۾ ڏهہ سال اڳ ٿيو. تن جي واتان درد ڀريو داستان ٻڌو اَٿم. هو سنڌ ۾ شڪارپور ۾ رهندا هئا. بابا کي پنهنجي خانداني ملڪيت هئي. ڏڪ بازار ۾ ڪپڙي جو دوڪان هو. بابا کي ٻہ ڏيئر هيون، هڪ مان ڪامني ۽ ٻي منهنجي وڏي ڀيڻ شيلا؛ جا مون کان پنج سال وڏي هئي. ملڪ جا ٻہ ٽڪرا ٿيا. هڪ ڀارت ٻيو پاڪستان. ٻنهي ملڪن جون سرحدون مقرر ڪيون ويون. ٻنهي طرفن لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. سنڌ ۾ ٻاهران آيل پناهگيرن جون اکيون هندن جي جاين، ٻنين ۽ مال ملڪيت تي هيون. هنن جا منصوبا خوفناڪ هئا. ڪوئٽيا ۾ وڳوڙ ٿيا. ڪيترائي سِک ۽ هندو ماريا ويا. ڪراچيءَ ۾ بم ڦاٽا. هندو - مسلم فساد ٿيا. سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ هندن مٿان ظلم ۽ ڦرلٽ ٿيندي رهي.

بابا، سنڌ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. سيني جا چار چار ڪپڙا بيگ ۾ وجهي، دوڪان ۽ گهر کي تالو پائي پنهنجي پتني ۽ ٻن نياڻين سان اَچي ڪراچيءَ پهتو. ڪراچيءَ ۾ گاڏي ڪاتي واري ايراضيءَ ۾ هڪ مهمان سراءِ ۾ اَچي اَجهو ورتائون. ممبئي پهچڻ لاءِ ڪين هڪ پاٽيءَ جي جهاز جون ٽڪيٽون ملي ويون. بس! ٻئي ڏينهن صبح جو ئي جهاز ڪراچيءَ مان روانو ٿيڻ وارو هو. هنن جو داٽو پاٽي پنهنجي ئي اَباڻي وطن سنڌ ۾ فقط هڪ ڏينهن جو هو. اَما پل پل ايشور کي ٻاڏائي رهي هئي تہ مالڪ ڪرپا ڪر تہ هن ٻاهہ مان نڪري پار پئون.

پر ايشور بہ هن جي نہ ٻڌي. اوچتو اَچي ڦهر ڪڙڪيو. ڪراچي شهر ۾ لٽ مار ٿي. هندن کي وچ رستي تي ماريو ويو. نہ هئي

سوال هندو - مسلم يا هند ۽ پاڪستان جو نہ آهي. سوال فقط انسانيت جو آهي. هڪ عورت پنهنجي پيٽ جي آپريشن لاءِ اَسان وٽ اَچي رهي آهي. هن کي ڪجهہ ڏينهن لاءِ آشياني جي ضرورت آهي. تنهنجي نونهن هن کي گهر ۾ رهائڻ لاءِ ڪين انجام ڏنو آهي. مهمان جو ستڪار ڪرڻ ۽ پوري مهمان نوازي ڪرڻ تہ اَسان جي سنڌيت آهي. اَسان پنهنجي فرض کان مُنهن ڪيئن ٿا موڙي سگهون! پاپيءَ پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ بس پاپي جي پروانگي ملي ويئي.

ڇئن ڏينهن کان پوءِ منجهند ٽاڻي ڪراچي سنڌ مان آيل شڪيلا بانوءَ اچي اَسان جي در تي دستڪ ڏني. عمر اٽڪل سٺ سال، شڪل جي سهڻي، گول چهرو، چهري تي عمر جا ڪجهہ گهُنج، روشن اکيون، اکين تي چشمو، قد ڊگهو. ڪرنگهو ڪجهہ جهڪيل، بدن تي اَڇو سلوار ڪرتو، مٿي تي رئو. چپن تي مُنڙي مرڪ. هوءَ پنهنجي بيگ در وٽ ڇڏي پاپيءَ جي ڀاڪر ۾ سمائجي ويئي. ٻنهي کي ڀاڪر ۾ ڏسي مونکي ڪو اَحساس تہ ضرور ٿيو.

ماني ٽڪي کائي جڏهن شڪيلا بانو آرام سان صوفا تي ٿي ويٺي، تڏهن مون ڏٺو تہ پاپي هن مان اَک ڪيي ئي نٿي. هوءَ پڻ اَک ٽيڏي ڪري ور ور پاپيءَ کي ڏسي رهي هئي. پاپيءَ جي اکين ۾ خبر نہ آهي ڇو وري وري ڳوڙها تري ٿئي آيا: جي هن مُنهن ڦيري پنهنجي ساڙهيءَ جي پلئہ سان اُگهي ٿئي ڇڏيا.

شڪيلا بانو، اسان لاءِ سنڌ مان خبر اَٿوَ ڇا ڇا کڻي آئي هئي! ڏڏڙي، ڏوڪا، ڍنگري، ٻوري، طوط، ڦاروان، ڪسيون، خارڪان ۽ انيڪ ٻيا تول. شڪيلا بانوءَ چيو تہ هن اهي سڀ اَسان لاءِ خاص شڪارپور مان گهرايا آهن. پاپي تہ اهو سڀ ڏسي ۽ پنهنجي اَبائي شهر شڪارپور جو نالو ٻڌي بهار بهار ٿي ويئي. پاپي پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي اَچي شڪيلا بانوءَ جي پاسي ۾ صوفا تي ويٺي ۽ هن کان پڇيائين.

"منی! توهان ڪراچيءَ ۾ ڪٿي رهندا آهيو؟ ٻڌو اَٿم تہ ڪراچي هاڻ تمام وڏو شهر ٿي ويو آهي. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي."

شڪيلا بانوءَ چيو، "منی! اسين ڪراچيءَ ۾ گاڏي کاتي ۾ رهندا

شڪيلا ڪجهہ وقت چپ رهي. پوءِ پاڻيءَ ڍُڪ پي چيائين،
”ڪمو! اُن ڏينهن مان اڪيلي مهمان سراءِ جي ايوان ۾ پنهنجي سر ٽڪري ٽڪري راند ڪري رهي هيس. اوچتو ’مارو! مارو!‘ جا آواز ٿيا. مان ڏڪي ويس. بس! ٻاهر رستي تي ڊوڙندي ويس. سامهون هڪ باغ ڏٺم. باغ جي هڪ بينچ تي وڃي ڦان ٿي ڪريس. ننڊ ۾ غلطان ٿي ويس. پڪيئڙو پنهنجي ولر کان وڇڙي ويو! چا مان چا ٿي ويو. ٻئي ڏنهن صبح جو هڪ درويش اَچي منهنجي سر تي هٿ رکيو. سوين سوال پڇيائين. مان تہ گونگي ٿي ويئي هئس. فقط رستي ڏانهن اشارا ٿي ڪيم. هو مونکي پنهنجي گهر وٺي آيو. هن جي زال مونکي پنهنجي سيني سان لڳايو. هنن کي ڪو پنهنجو اولاد ڪونہ هو. ائين ئي بابا علي شاہ ۽ بيبي فاطمہ جي گهر سهارو ملي ويو. منهنجو بابا علي شاہ سچ جو سڪاني آهي. صاف نيت، صاف سِڪ ۽ صدق جو سائين آهي. پنهنجن کي ياد تہ گهڻو ئي ڪيم پر وقت پوندي سڀ ڌنڌلو ٿيندو ويو. سچي عمر هنن جي شيوا ڪئي اَٿم. خدا جي بندگي ڪئي اٿم. قرآن شريف برزبان ياد ڪيو اَٿم. اِهو ئي چاتو اَٿم تہ ايشور - الله ڳالهہ مڙيو هڪڙي آهي. مون ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيو هو تہ هڪ ڏينهن وري پنهنجن سان ملنديس.“

مون چانهہ جو ڪوپ ماسي شڪيلا کي ڏيندي چيو،

”ماسي! هاڻ واپس پاڪستان نہ وڃجو. هنن پنهنجن سان ئي رهجو. جيڪو ٿيو سو سپنو سمجهي وساري ڇڏيو.“

شڪيلا ماسيءَ مسڪرايو ۽ چيائين، ”نہ منڙي! مان تہ آپريشن کان پوءِ واپس پنهنجي وطن ويينديس. مونکي بابا ۽ اميءَ جي چنتا ستائي رهي آهي. هن جنم ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت تہ ڪونہ ڪري سگهيس؛ پر جن مونکي پاليو ۽ نپايو آهي، تن جي خدمت کان مُنهن موڙي هت سک سان رهي ڪونہ سگهنديس. تنهن کان سواءِ دم نڪري تہ پنهنجي وطن ۾ نڪري. سنڌ ئي منهنجي جنت آهي. شل ڀِٽاڙيءَ جو سنڌ جي پاڪ مٽيءَ ۾ سمائجي وڃان ۽ ڪو دائما قرار نصيب ٿئي!“

سرڪار ۽ نہ هئي پوليس. بس! شيطان هئا ۽ شيطانن جي ننگي تلوار. 'مارو! مارو!' جو شور هو. مهمان سراءِ جا دروازا بند ڪيا ويا. سڄي وچي عمارت جي ڪوٺي تي سر لڪايو. جڏهن ڪاڄهہ ٺاپر ٿي، تڏهن سڀ هيٺ لٿا. هنن پنهنجا ياتي ۽ سامان سنڀاليو. بابا ڏٺو تہ هنن جي پنڄن سالن جي ڌيءُ شيلا تہ ڪٿي هئي ئي ڪونہ. اَما تہ بيهوش ٿي ويئي. هاڻ شيل کي ڪير ڳولهي ۽ ڪٿي ڳولهي! بابا پوليس اسٽيشن ۾ رپورٽ لکائڻ لاءِ ضرور ويو پر ڪير ٿو هن کي ٻُڌي! بابا سڄي رات پاڳلن جيان ڪراچيءَ ۾ گاڏي گاڏي جون گهٽيون ڳولهيندو رهيو. شيلا! شيلا! پڪاريندو رهيو پر ڪٿان بہ هن کي سڏ ۾ سڏ ڪونہ مليو. شيل کي مئل سمجهي ٻئي ڏينهن صبح جو پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي هو ممبئي ڏانهن روانا ٿيا. چيمبور ڪئمپ ۾ شرنارٿين جي زندگي گذرا ڪندي ڪيترن سالن تائين اَما اَڌ رات جو رڙيون ڪري اُٿندي هئي. بابا بہ اَما جي اَهڙي حالت ڏسي مُنهن ڦيري ڏوتيءَ جي پلوَ سان پنهنجا ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو هو. اَما کي دلداري ڏيندي چوندو هو ڀڳوان وٽ دير آهي پر اَنڌير نہ آهي. دل ٻولي ٿي تہ اسانجي شيل زنده آهي. هوءَ جلد اَسان سان اَچي ملندي. ڪيترا سال بابا جدا جدا رفيوجي ڪئمپن ۾ پنهنجي ڌيءَ کي ڳولهيندو رهيو.

شڪيلا هاڻ پاڻ روڪي نہ سگهي. پاپيءَ جي گود ۾ سمائجي ويئي. ڦڪڪي ڦڪڪي روئي رهي هئي. ٻئي چيائين تہ ڪمو مان ئي تنهنجي وڇڙيل ڀيڻ شيلا آهيان! خبر نہ آهي قادر اَسان غريبن جو اهڙو امتحان ڇو ٿو وٺي. ٻيئي هڪ ماءُ جون لاڏليون، ٻيئي سنڌ جون ڇايون؛ هڪ هندو تہ ٻي مسلمان. هڪ گيتا پڙهندڙ تہ ٻي قرآن پاڪ پڙهندڙ. هڪ هندوستاني تہ ٻي پاڪستاني، اَڄ هڪ ٻئي جي آغوش ۾ هيون؛ جتي نہ هئا ڌرم جا بندن ۽ نہ هيون ملڪن جون سرحدون! جتي فقط پيار ۽ سڪ جون ڇوليون هيون. مان بہ اُتان اُٿي هلي ويس. ڀل ٻيئي ڀينر سٺ سالن جون دوريون پنهنجي ڳوڙهن جي سيلاب ۾ ٻوڙي ڇڏين! رهجي وڃي تہ فقط پيار ۽ اَٽوٽ سنبنڌ جي مٺي ڦوهار. جڏهن ٻنهي جا سڏڪا بند ٿيا ۽ ٻنهي جي چهري تي مشڪ آئي. تڏهن پاپيءَ شڪيلا کي چيو.

"ڀيڻ هاڻ تون ٻڌاءِ تہ تون اَما ۽ بابا کان ڪيئن وڇڙي وئينءَ."

جو سفر سٽائو تي پوندو.“ راڌا روئندي چيو.

شوڪارو ڀري وري چيائين :

”ڇئن سالن ۾ ٻه ٻار ٿيا: چندر ۽ ڪرشنا. گهر ڀرجي پيو. گوبند پنهنجي نوڪريءَ ۾ مشغول هو ۽ مان پنهنجن ٻارن ۾ پوري هيس. ٻارن جو پالڻ پوشڻ، ٻارن جا انگل آرا، ٻارن جي پڙهائي، گهر جي ڪٽي وڍي، ڪڏهن صبح ٿيو ۽ ڪڏهن رات ٿي: خبر ئي ڪونه پوندي هئي. گوبند کي ته وقت ئي وقت هو، پر مونکي سڄي ڏينهن ۾ هڪ منٽ جي فرصت به ڪونه ملندي هئي. ڪڏهن ٻار وڏا ٿيا، پنهنجي لائقيءَ کي لڳا ۽ هنن جي شادي به ٿي ويئي. مون لاءِ ته اڄ به اهو سڀ سپنو آهي. چندر ته پنهنجي ونيءَ ساڻ وڃي پرديس وچي وسايو آهي. هن جو آواز ڇٽ ڇهين مهيني ٽيليفون تي ٻڌندي آهيان. ڪرشنا پنهنجي ور گهر ۾ سکي آهي. اها به فقط هولي ۽ ڏياريءَ تي ڀيڪن کي ياد ڪندي آهي. مان ته هيڏي وڏي گهر ۾ هاڻ اڪيلي ٿي پيئي آهيان. ڪو زمانو هو ڏينهن جي مانيءَ پنهنجي ٻارن سان گڏ ويهي ٽيبل تي کائيندي هيس. رات جو سڀ گڏجي ٽي.وي. جي سامهون ويهي کاڌو کائيندا هئاسين. ڳالهيون ٻوليون ڪندا هئاسين. گهر ۾ ڪل خوشيءَ جي گونج هئي: ٽهڪن جي ڦوهار هئي، پيار ۽ سڪ جي برسات هئي. اڄ گهر ۾ پڪي اسان ٻه: مان ۽ گوبند. هو پنهنجي ڪمري ۾ بند ته مان پنهنجي ڪمري ۾ قيد. گهر جون چار ديوارون چڙ کائڻ ٿيون اچن ۽ سوال ٿيون پڇن ته گهر جي شانتي ڪيڏانهن ويئي! هيءُ گهر ته هاڻ جيل ٻڻجي ويو آهي. جتي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بند آهي. نوڪر صبح، منجهند شام: کاڌي جي پليٽ اڳيان رکي ويندو آهي.

ٻارن جي شادي مرادي ٿي ته گوبند سمجهيو ته هن جون سڀ جوابداريون گهر ڏانهن پوريون ٿي ويون. گنجو ڇٽو جوئن ڪان. هن کي ميٽري چوندي، پينشن ۽ وياج وٺي مان جهجهو ناٽو اچي ٿو: ڇو نه عيش

پڇاڙو

تڪليف ۾ پئجي تہ ڪنهن سياڻي وٽ وڃجي! سو ڪالهہ ئي مون پنهنجي ساهيڙي، ائڊووڪيٽ سنيتا کي پنهنجي گهر گهرايو. هن کي چيم تہ مونکي گوبند کان طلاق گهرجي. هاڻ مان هن ظالم سان گڏ رهي ڪونہ سگهنديس. پاڻي سِرَ کان مٿي چڙهي ويو آهي. سنيتا جا طاق لڳي ويا. چيائين،

”راڌا! تنهنجي عمر هاڻ اٽڪل سٺ سال اچي ٿي آهي. شاديءَ جا پنجٽيهہ سال پورا ڪيا اٿوَ. هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ جي شادي ڪرائي اٿوَ. سڻيتا ساڇيٽتا ٿيا آهيو. تنهنجو گهوٽ گوبند بہ پڪ ئي پڪ پنجهٺ سالن جو هوندو. هاڻ تون ٿي چئين تہ توکي گوبند کان قانوني طلاق گهرجي. هيءَ عمر تہ هڪ ٻئي جو ساٿي ٿي هلڻ، هڪ ٻئي جو ڏک سک ونڊڻ، هڪ ٻئي جي طبيعت جو خيال رکڻ جي آهي. مان سمجهان ٿي تہ تون ڪو غلط قدم کڻي رهي آهين. تون وري سوچ ويچار ڪر.“

”سنيتا! مون سوچيو بہ آهي ۽ ويچاريو بہ آهي. گوبند ڪِٽيٽيو تہ اصل کان آهي. گهڻا سال اڳ جڏهن اجا ٻار بہ نہ ڄاوا هئا، مون هن کان طلاق وٺڻ جو سوچيو هو. پر اندر مان آواز آيو تہ شادي ٻن دلين جو ميل ٿيندو آهي؛ سمجهوتو تہ جيون جو منتر آهي؛ ٻار ٿيندا تہ گوبند بہ گهر گرهستيءَ جون جوابداريون سنڀاليندو. مالڪ جي مهر سان زندگيءَ

جي مالڪياڻي ٿي آهين! هي گهر فقط منهنجو آهي. تون ڪالهه به منهنجي گهر ۾ رهي رهي هئين ۽ اڄ به منهنجي گهر ۾ رهي رهي آهين. توکي هت نه رهڻو آهي ته پل پنهنجي پٽ وٽ وڃي اَمريڪا ۾ ره.

دل ۾ آيو ته ہڍاپي جا پور سمجهي سڀ نظرانداز ڪري ڇڏيان. ہڍو هيم ته پپل جو پن، هاٿيءَ جو ڪن. انسان جو من ۽ ہڍي جا فيصلا هميشه پيا لڏن! پر گوبند جو ہڍاپو هاڻ سوناميءَ جو روپ وٺي رهيو آهي. اسان جي گهر ۾ هڪ نوڪرياڻي آهي شرميلا. ٽيندي اٽڪل ويهن سالن جي: تمام بيشرم آهي. گوبند هاڻ سڄو ڏينهن پيو هن کي سڏ مٿان سڏ ڏيندو. شرميلا منهنجو ٽوال ڪٿي آهي. شرميلا منهنجو بوٽ ڪٿي آهي. هوءَ به نياڳي ’جي سائين!‘ ’جي سائين!‘ ڪندي پيئي هن جي ڪِي ڦري. وس پڄيس ته هو شرميلا کي گهرڏياڻي ڪري رکي. ہڏڻ ويو آهي وسري لڏڻ آيو اٿس ياد. هو ڪلاڪ باٿ روم ۾ سنان ڪندو، پاڻ کي عطر امبر هڻندو، نوان نوان ڪپڙا پائيندو. جي مان چوانس ته گوبند پاڻيءَ جي اَڻاٽ آهي تون هڪ ڪلاڪ سنان ڪيئن ٿو ڪرين ته جواب ملندو: جي پنهنجي سنڌ هجي ها ته مان روز سنڌ واه تي لاٽ پوڻ وڃان ها. هيءُ ہڍاپو آهي يا بيشرمي: مان به سڀ ڏسي مُنهن پاسيرو ڪري ڇڏيندي آهيان. چونديس ته مسنديس. هاڻ وري نئون شوق جاڳيو اٿس. هر هفتي پڳو بيٺو آهي لوناوالا. چوي ستسنگ آهي. ڇا جو ستسنگ! اها هوندي ڇنڊال ڇوڪريءَ جي شراب پارٽي ۽ رميءَ راند. ڪڏهن مونکان اهو ڪونه پڇيو اٿائين ته مان هن گهر ۾ اڪيلي ڪيئن جي رهي آهيان.

گذريل هفتي ڏميءَ جو فون آيو. چيائين، ممبئي ۾ مهاتما جي آيل آهن. تون درشن لاءِ آشرم ۾ اچ. گوبند کي چيم ته مهاتما جي درشن لاءِ آشرم ٿا هلون. جواب ڏنائين،

”تنهنجي ڍونگي بابا جو پروچن روز ٽي.وي. تي ٽيندو آهي: ٻاهر ڏڪا کائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.“

تنهن ڏينهن ته هن حد ڪري ڇڏي. وڪيل ناگراڻيءَ کي گهر گهرائي پنهنجي ’مرتيو پتر‘ يعني ’وِل‘ لکائڻ ويٺو. چيائين هن جي موت کانپوءِ سموري ملڪيت جو وارث هنَ جو پٽ چندر آهي. مان ته اتان اٿي هلي

ڪري! هن جا يار دوست آهن. روز ڪلب ۾ رميءَ جي راند جا دور هلن ٿا. گهمڻ ڦرڻ ٽنئي ٿو. هو زندگي ماڻي ٿو. مان جي ڪاجهه چونديس ته پيو گار گند ڪندو. ٻڍاپو ته سڀ ڪنهن کي ايندو آهي؛ پر گوبند مٿان ٻڍاپي جو رنگ جدا نموني چڙهيو آهي. منهنجا سڀ ڳڻ، هاڻ هن کي منهنجا او ڳڻ ٿا ڀاسن. ٻاهر مِٺ مِٺ اندر ڦت ڦت. اڳ هومنهنجي ساڙهي پائڻ جي ڍنگ تي ٻلهار ٻلهار ويندو هو؛ اَڄ هن کي منهنجو اهو ڍنگ ٻڙ وڻاٽو ٿو لڳي. اڳ هو منهنجي هٿ جي ٺاهيل ڪاڌي جي ڏينهن رات پيو ساراهه ڪندو هو اڄ هن کي منهنجي هٿ جي ٺاهيل ڪاڌي مان ٻُڇان ٿي اچي. نوڪر جي هٿ جي ٺاهيل ڪاڌي جي واهه واهه ٿو ڪُائي. مطلب ته هاڻ هو مون مان ڪتو ٿي ويو آهي. تنهن ڏينهن چيو مانس،

"مان گهر ويهي ويهي ٻرُ ٿي پيئي آهيان. مونکي ڪنهن پڪچر تي وٺي هل."

خبر اٿيئي هن ڇا جواب ڏنو! چيائين ته ٻڍين لاءِ پڪچر ڏٺڻ بند ٿي ويئي آهي. هاڻ مان ڇا ٻڍي ٿي ويئي آهيان!

گذريل مهيني منهنجو ننڍو ڀاءُ ۽ ڀاڀي چار ڏينهن مون وٽ رهڻ آيا. گوبند کي هنن جو اچڻ راس نه آيو. انهن جي سامهون ته سور پي ويو ۽ پاڻ کي سروخرو ڪرڻ لاءِ هنن جي سٺي نموني مهمان نوازي به ڪيائين. پر هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي مٿان ڇڙ ته شامت اچي ويئي. چيائين هنن مفت خورن کي هت نه گهرائيندي ڪر. هنن کي نه اٿڻ ويهڻ جي تميز آهي ۽ نه ڪو ڳالهائڻ جو ڍنگ؛ پيتوڙي ڪتان جا؛ ڀُوٽاٽا آهن ڀُوٽاٽا. مون جڏهن ڪيس چيو ته هو منهنجو سڳو ڀاءُ ۽ ڀاڀي آهن ۽ تنهنجا ساهرا مائٽ آهن؛ مان هنن کي هت اچڻ کان منع نه ڪري سگهنديس. تنهن کان سواءِ هن گهر تي جيترو تنهنجو حق آهي اوترو منهنجو به حق آهي. مان گهر جي مالڪڻ آهيان. تون ڪير ٿيندو آهين مون تي حڪم هلائڻ وارو! بس سنيتا! هن جو پارو سٺين آسمان تي پهچي ويو. رڙيون ڪندي چيائين،

"هيءُ گهر ڪو پيٺهين ڏيڻ ۾ ڏنو هو ڇا! تون ڪڏهن کان هن گهر

ريس

تنهن ڏينهن اخبار ۾ هڪ خبر پڙهي رهيو هوس. ريس جي ميدان تي ڏه گهوڙا ڊوڙي رهيا هئا. هرهڪ گهوڙو لکن روپين جو هو. سڀ جا سڀ سگهارا ۽ برجستا گهوڙا هئا. هرهڪ گهوڙي تي مالڪ جي رک رکاءَ تي لکن روپين جو خرچ هو. هنن گهوڙن تي ڪروڙن روپين جو داءُ لڳل هو. ريس جو اُمنگ ۽ اُتساهه ڏسڻ وٽان هو. هرڪنهن ٿئي پنهنجي من پسند گهوڙي جي جاڪيءَ کي اُتساهه ڏياريندي واڪا ڪيا. مکيه خبر اِها هئي ته جيڪو گهوڙو ريس ۾ هارائي ويو ۽ سڀ کان پڇاڙيءَ جو پهتو: تنهن جي مالڪ کي ايترو ته غصو آيو جو هن پنهنجي گهوڙي کي پيڱڙن مُٽ تي هڪ گهوڙي گاڏيءَ واري کي وڪڻي ڇڏيو.

اَڄ جي زماني ۾ ريس ته هر جاءِ آهي. اَڄ مائٽن ۾ به ريس آهي ته هنن جي ٻار کي وڏي ۾ وڏي اسڪول يا ڪاليج ۾ داخلا ملي: پوءِ پل تنهن لاءِ لک لٽائڻا پون يا قرض ڪڻا پون يا سچ ڪوڙ جو سهارو وٺو پوي ۽ ڪنهن جا پير به چمڻا پون. هرڪنهن کي ڪيئن به ڪري ريس کٽڻي آهي. ڪو به هارايل گهوڙي جيان پيڱڙن مٽ تي وڪامجڻ لاءِ تيار ڪونه آهي. هار وڏي ذلت آهي.

اسان جي گهر ۾ هڪ عورت. سنيتا پانڊي ڀاريءَ جو ڪم ڪندي آهي. هوءَ آهي ٻالهين جي ٻوٽ: پيئي هِتان هُتان جون ٻالهيون ڪندي. هن جي گهوٽ کي ڪار اِسٽيشن وٽ وڙا پاءُ جو ننڍو دوڪان

آيس. ميان منهن نہ لاهي بيبي ڪُڙ ورهائي. چندر اسان کي پاڇي ڪونہ. هو پنهنجي زال سان ست سمنڊ پار ويٺو آهي: شايد ئي اسانجي ڪريا ڪرم لاءِ هت اچي: هاڻ چندر ڏيندو سموري ملڪيت جو وارث! مان ۽ ڪرشنا جيڪي هت ويٺا آهن، سي نہ هتان جا نہ هُتان جا. بس نالي ۾ نهال. گوبند کي سوچڻ گهرجي تہ ڪرشنا هن جي ڌيءَ آهي. نياڻيءَ جو بہ پنهنجي پيءُ جي سمپتيءَ تي حق آهي. گوبند هن جو حق ڪيئن ٿو ماري سگهي. مونکي تہ هن جيئري ئي ماري ڇڏيو آهي. هن ٻڍاپي ۾ گوبند 'هي تنهنجو هي منهنجو' جو راڳ ڪيئن آلاپيو ۽ هن مٺن رشتن ۾ هيءُ سورن جا سنڌا ڪيئن وڌا. هن کي ڪير چوي مِٽي بہ ماٺ مُٺي بہ ماٺ!

مان حيران ۽ پريشان هيس. ٻُڏندڙ کي ڪک جو بہ وڏو سهارو. پنهنجي ياءُ کي فون ڪيم: ڪيس سمورو داستان بيان ڪيم. هن جو سلجهاءُ بہ نرالو هو. چوي روز روز جي کِٽ پِٽ کان تون گوبند کان جدا ٿي وڃ. ڪائنس اڌ ملڪيت، هڪ ٿو بيڊ روم هال، ويهہ هزار روپيہ مهينو مينٽيننس الائونس ۽ ميڊيڪليم انشوئرنس پاليسيءَ جي گهر ڪر. تنهنجي باقي حياتي تمام سک سان گذرندي. جي ان واجب گهر کان بہ هو ناڪار ڪري تہ بس ڪورٽ جو در کڙڪاءِ ۽ هن کان طلاق وٺ. اهو سڀ ڪاجهہ تہ ڪورٽ بہ توکي گوبند کان وٺي ڏيندي.

منهنجي ڀيڻ سنيتا! مونکي گوبند کان طلاق گهرجي. سو بہ جلد. مان هاڻ سهڻ لاءِ تيار نہ آهيان. تون منهنجي ننڍپڻ جي ساهيڙي آهين. مشهور وڪيل آهين. مون تي رحم ڪر. مونکي هن ماڻهوءَ کان آزادي وٺي ڏي.

سنيتا هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو. چيائين، ''تون نادان آهين ڇا! دل ڏکيءَ ۾ رک. اهي ٻڍاپي جا پور آهن. توکي اڃا پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ٿا ياد اچن. توکي طلاق جي نہ گوبند سان ٽن مهينن لاءِ يورپ جي سير جي ضرورت آهي. ٻاهر ويندا هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا: جدا جدا ملڪ گهمندا ۽ ماڻهن سان ملندا تہ توهان جا سڀ ويڇا دور ٿي ويندا. مان گوبند سان سياڻي ڳالهائينديس!

”سائين! سرڪاري فرمان آهي تہ هرهڪ خانگي اِسڪول کي ڪجهہ سيڪڙو اَهڙن ٻارن کي داخلا ڏيڻي آهي جن جي مائٽن جي ڪمائي غريبي ريکا کان گهٽ آهي. مان ننڍو سمجهان تہ اَسان جي اِسڪول ۾ ڪنهن بہ اَهڙي ٻار کي داخلا ڏني ويئي آهي.“

ڪيولراماڻي صاحب کلي ڏنو ۽ چيائين،

”اَدا! سرڪاري فرمان ئي غلط آهي! ڪهڙو غريب پنهنجي ٻار کي هن اِسڪول ۾ پڙهائڻ لاءِ سوچيندو! سمجهو ڪٺي في معاف بہ ٿئي، پوءِ بہ يونيفارم، ڪتاب، رانديون ۽ اِسڪول ڊويلپمينٽ جو خرچ ڪهڙو غريب مائٽ سهسائي سگهندو! اُهو وقت پري نہ آهي جو خانگي اِسڪولن ۾ پڙهائيءَ لاءِ داخلا فقط شاهوڪار ئي وٺي سگهندا ۽ غريبن جا ٻار فقط سرڪاري اِسڪولن ۾ پڙهندا يا رستن تي ڏڪا کائيندا.“

پرنسپال صاحب جي ان صاف بيانيءَ مونکي پريشان ڪري ڇڏيو. پوءِ بہ ڀاڄيومانس، تہ اِسڪول سرڪاري فرمان جي سرانجامي ڪيئن ڪندو آهي! سرڪار سوال تہ ضرور ڪندي هوندي!

هن وراڻيو، ”سائين! سرڪار سوال تہ ڪندي آهي. اسان جو جواب بہ هميشه اِهو ئي هوندو آهي تہ ڪنهن بہ غريب مائٽ جي ٻار جي داخلا لاءِ درخواست ڪڏهن ڪونہ موڪلي ويئي آهي.“

”اِهو تہ سراسر ڪوڙ آهي. ڪرانتي تہ ضرور ايندي. سرڪار سماج ۾ سمانتا آڻڻ لاءِ رِٿائون رٿي رهي آهي ۽ اَسين بهانا ڏيئي سماجڪ پريورتن کان مُنهن موڙي رهيا آهيون.“ مون چيو،

ڪيولراماڻي صاحب ٻڌندو رهيو.

آخر تنگ ٿي چيائين، ”اِسڪول بند ڪرڻ جو ويچار ڪيو اَٿوَ ڇا! اسان جي اِسڪول جو ڪهڙو شاهوڪاري ٻار ڪنهن يتيم سان گڏ هڪ بينچ تي ويهڻ چاهيندو يا ڪنهن جهوپڙپٽيءَ ۾ رهندڙ

آهي. سدارٿ ڪالونيءَ جي جهوپڙپٽيءَ ۾ رهندا آهن. هن جو ٻارهن سالن جو پٽ، سشيل، ڪنهن ميونسپل اِسڪول ۾ پڙهندو آهي ۽ هن سال اَٺون درجو پاس ڪيو اٿائين. سنيتا کي پنهنجي پٽ سشيل جي آئنده جي ڏاڍي چنتا آهي. هميشه پيئي چوندي ته ميونسپل اِسڪولن ۾ پڙهائي سٺي نه آهي. اِسڪولن ۾ نه آهن قابل ماستر ۽ نه آهن پورا ساڌن. مڙيوئي پيو ڳاڏو ڏڪجي. سرڪاري اِسڪولن ۾ پڙهيل ٻار کي ڪهڙي وڏي ڪاليج ۾ داخلا ملندي! ڪيئن ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿي سگهندو! منهنجي سشيل جو آئنده اونداهو آهي. شايد مئٽرڪ پڙهي وڃي پنهنجي بابي جي دوڪان تي وڙا پاءُ وڪڻي.

حالتون ڪهڙيون به هجن؛ هر ماءُ کي دل آهي. هرڪا ماءُ پنهنجي جائي کي اُنتيءَ جي شاهراه تي ريس ۾ ٻين جي ٻارن کان گهڻو اڳتي ڏسڻ چاهيندي آهي. سنيتا کي ڏي ڏيندي ڪيس چيمُ،

”سنيتا! تون خيال نه ڪر. مان ڪار ممبئيءَ جي آدرش ووڪيشنل اِسڪول جو ٽرسٽي آهيان. مان ڪوشش ڪندس ته آدرش اِسڪول ۾ تنهنجي پٽ سشيل کي نائين درجي ۾ داخلا ملي وڃي. ايشور چاهيو ته اڳتي هلي تنهنجو پٽ ڪنهن سٺي ڪاليج ۾ پڙهندو ۽ ضرور ڪنهن لائقيءَ لڳندو.“

سنيتا جو چهرو ته ٻهڪي پيو. چيائين،

”صاحب! آدرش اِسڪول ته تمام وڏو اِسڪول آهي. اُتي ته سڀ شاهوڪاري ٻار پڙهندا آهن. سڀ جو سڀ موٽر گاڏين ۾ اِسڪول ايندا آهن. منهنجو ٻار هيڏي وڏي اِسڪول ۾ پڙهندو؛ مان ته سوچي به نٿي سگهان!“

مون ٻئي ڏينهن اِسڪول جي پرنسپال شري ڪيولراماڻي صاحب سان ڳالهايو.

هت پڙهڻ آيو آهيان. ڪار ممبئيءَ ۾ بابا جي دوست جي گهر رهيل آهيان.''

بس اِسڪول جي پهرين ڏينهن کان سشيل جو ڌاڪو ڄمي ويو. هو پنهنجي هم ڪلاسين ۽ ماسترن جو لاڏلو بڻجي پيو. سشيل ذهين ته هو ئي؛ پڙهڻ ۽ رانديِن ۾ سڀ کان اڳرو هو. اِسڪول جي ڊراما گروپ جو صدر هو.

سشيل هڪ وڏو ڪوڙ ته ڳالهايو هو. چوندا آهن، ته سچ ترِيءَ هيٺان ڪونه لڪندو آهي؛ پر سشيل سچ کي لڪائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيو هو. سويل صبح جو اِسڪول پهچي وڃڻ، دير شام جو لڪندو ڇپندو جهوپڙپٽيءَ ۾ پنهنجي گهر پهچڻ، موڪلن ۾ گهر کان ٻاهر نه نڪرڻ، ڪنهن سان به پاڙي ۾ دوستي نه ڳنڍڻ، ڪار جي رستن کان ڪنارو ڪرڻ؛ سڀ اِن ڏس ۾ هن جون ڪوششون هيون.

ششماهي امتحان ۾ سشيل پنهنجي ڪلاس ۾ اَول نمبر آيو. سنيتا ته هن تان ٻلهار ٿي ويئي. هن کي هاڻ اُميد جو تِرورو صاف نظر ٿئي آيو. وقت پري نه آهي جو پٽ ڪنهن سٺي ڪاليج ۾ پڙهندو؛ ڪنهن عهدي تي رسندو؛ جهوپڙپٽيءَ کي تلانجلي ڏيئي هو شان سان ڪنهن اوچي عمارت ۾ رهندا؛ گهر ٻاهران تختي هوندي 'سشيل اَشوڪ راءُ قدم'. ماڻهو هن کي 'ڪام والي مائي' نه سڏي 'سشيل صاحب جي ماءُ' ڪري سڏيندا. منهنجي من اندر به جو ڊپ هو؛ سو دور ٿي ويو. سشيل ۾ منهنجو عقيدو ڄمي رهيو هو.

اِسڪول ۾ ساليانو جلسو هو. وديارٿين طرفان ناچ، ڳائي ۽ ناٽڪ جا اَنيڪ اسم تيار ڪيا ويا هئا. ڪيترن ئي اسمن ۾ سشيل پڻ مکيه رول اَدا ڪري رهيو هو. جلسي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مون وٽ به نينڊ پتر هتل هو. مون اُهو نينڊ پتر سنيتا کي ڏيندي چيو، ''سنيتا! توهان ٻئي

سان دوستي ڪندڻ چاهيندو! اسانجي اِسڪول جو نالو آهي. اَسانجي اِسڪول جو ڪو درجو آهي. هت شاهوڪارن، اُديوڳپتين ۽ سرڪاري عملدارن جا ٻار پڙهندا آهن. لڪن ۾ فيون پرين ٿا. انهن جو شان برقرار رکڻ بہ اَسان جي جوابداري آهي. مان ڪو بہ سماجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان.''

''پرنسپال صاحب! اَسان وديارٿين کي اوچ درجي جي تعليم، اوچ ويچار ۽ پارتيہ سنسڪار ڏيڻ جو قول ڪيو آهي. اَسان کي غريب - اَمير جو ڀيد رکڻ نہ جڳائي. وڏان تعليم پرائڻ جو حق هر وديارٿيءَ کي ڏنو آهي. تعليم جي کيتر ۾ بہ ريس برابر آهي، پر اَسان کي تہ سماجهہ کان ڪم وٺڻ گهرجي. اَسان کي هر وديارٿيءَ کي برابر وجهہ ڏيڻا آهن. تعليم فقط شاهوڪاري ٻارن جو موروثي حق نہ آهي. اياٿو چوي سياڻو ويچاري. مان سياڻي ئي هڪ غريب مائٽ جو ٻار وٺي ايندس: ڪيس نائين درجي ۾ داخلا ڏجوس.'' مون چيو.

ڪيولراماڻي صاحب ڪجهہ وقت مون ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ ڪجهہ سوچي چيائين، ''سائين! ٻار جو سمورو خرچ توهانکي پرڻو پوندو. توهان ئي ٻار جا سنڀاليندڙ ليکيا ويندا.''

مون لاءِ تہ هيءُ سڀ چڻ هڪ للڪار هئي. سشيل لاءِ بہ سڀ ڳهت مشڪل نہ ٿيندو. مون پنهي سوچيو: ڪٿي منهنجو فيصلو غلط تہ نہ آهي! مان ڪٿي ٻار جو آئنده تہ داوَ تي نہ لڳايان! ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ اُپ مان ڪريو اَچي ٻير ۾ اَٽڪيو. خير! هاڻ ڏٺو ڪير ٿٿين نہ پوندو. داخلا تہ ورتي اَٿم. اڳتي ڏٺو ويندو.

اِسڪول جو پهريون ڏينهن هو. نائين درجي جا ٻار ڪلاس ۾ هڪ هڪ ڪري پنهنجي ماسٽر صاحب کي پنهنجي واقفيت ڏيئي رهيا هئا. ''مان سشيل اَشوڪ راءُ قدم. منهنجو بابا ناسڪ شهر ۾ هڪ وڏو زميندار آهي. اسان کي اَنگور جا وڏا کيت آهن. مان هن سال کان

آيو آهيان. هت بابا جي دوست جي گهر ۾ رهندو آهيان. توهان کي ڏسي منهنجو ڪوڙ پڌرو ٿي پوندو. سڀ مون کي ڪوڙو سڏيندا. توهان منهنجي اِسڪول ۾ پروگرام تي نہ اَچجو.''

اَشوڪ راءُ، جو هن وقت تائين شانت ويٺو پٽ کي ٻڌي رهيو هو: سو ٽپ ڏيئي اُٿيو. سشيل تي هٿ اولاريندي چيائين،

''هيءُ ڪهڙو يگ آهي! پٽ، پنهنجي ماءُ پيءُ کي سڃاڻڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي! سنيتا مون توکي چيو هو: تہ هن کي اَنگريزي اِسڪول ۾ نہ موڪل! هيءُ سڀ اَڄ جي تعليم جو نتيجو آهي. منهنجي تہ هن گهر ۾ ڪير ٻڌي ئي نٿو. تنهنجو پٽ ئي توکي نٿو سڃاڻي. هن کي منهنجي وڏا پاءُ جي دوڪان تي شرم ٿو اَچي. اِسڪول ۾ ڪوڙ ٿو ويٺو ڳالهائي.''

سنيتا هٿ ڇنڊيندي چيو، ''اسان جنهن کي هيرن جو هار سمجهيو هو: سو تہ سڳو ئي سورن جو نڪتو. ڪهڙي اُميد رکان تہ هيءُ پڙهي اَسان جي ٻڍاپي جو سهارو ٿيندو! پر بہ پٽ! ڳنڍ اَهڙي طرح ٻڌجي جو ڪڏهن بہ ڇوڙي سگهجي. تنهنجو ڪوڙ تہ توکي پوهي ۾ وجهندو. جيڪي تنهنجا ڀاڳ. اِها ڳڪ آهي تہ اَسين ٻيئي تنهنجي اِسڪول پروگرام تي ڪونہ ويندا اسين.''

سشيل تہ پنهنجي ماءُ جي قدمن ۾ ڪِري پيو. روئندي رڙندي چيائين، ''آئي! منهنجي ڪل ٿڙيل هئي، جو مان هن وڏي اِسڪول ۾ داخلا ورتي. ٿيڻ تہ ائين گهرجي تہ هر سرڪاري اِسڪول کي جديد بڻايو وڃي. ٻارن جي وڪاس لاءِ سڀ ساڌن ميسر ڪرڻ گهرجن. قابل اُستاد مقرر ڪرڻ گهرجن. تڏهن تہ اُنتيءَ جي شاهراه تي ديش جو هرهڪ ٻار قدم رکي سگهندو. ڏوه انگريزي تعليم جو نہ آهي. ڏوه اَسانجي سماجڪ ڍانچي جو آهي: جتي غريب کي ڪو اڳتي وڌڻ ڏئي ئي نٿو. شاهوڪار جي بول بالا آهي. خير! هاڻ تہ مان هن اَڏمبر

زال مڙس گڏجي وڃي اِسڪول ۾ پروگرام ڏسي اَچو. سشيل کي مبارڪون بہ ڏجو."

سنيتا تہ خوشيءَ ۾ جهومندي، هٿ ۾ نينبو پتر لوڏيندي اَچي پنهنجي گهر پهتي. اَشوڪ راءُ بہ ڪارڊ ڏسي ٿڙي پيو. زال کي چيائين تہ پروگرام ڏسڻ ضرور هلنداسين. گهڻن ڏينهن کان سشيل جو اِسڪول ڏسڻ جي دل هئي. جهٽ نہ گذري سشيل بہ اَچي گهر پهتو. ڪٽ تي پنهنجي اِسڪول جي پروگرام جو نينبو پتر ڏٺائين. ڏاڍو پريشان ٿي ويو. هن کي ڪوڙ تي ٿاهيل تاس جي پتن جو محل ڪرندو نظر آيو: تنهن هوندي بہ ڊهندڙ پتين کي سنڀالڻ لاءِ هوا ۾ هٿ هلائڻ لڳو. ڪارڊ کڻي پنهنجي ڪتابن جي ٿيلهي ۾ لڪائي ڇڏيائين.

رنڌڻي مان ماءُ جي ڏنل سڏ تي سشيل جو ڇرڪ نڪري ويو. "پٽ سونا! اِسڪول جي پروگرام بابت تو پاڻ ڇو ڪين ٻڌايو؟ تو ڪهڙي ناٽڪ ۾ پارٽ ورتو آهي؟ اَسان ٻيئي تنهنجي اِسڪول ضرور هلنداسين."

"نہ! بلڪل نہ! توهان ٻيئي منهنجي اِسڪول ڪونہ ايندا." سشيل رڙ ڪري چيو ۽ مُنهن ڦيري ڪٽ تي ليٽي پيو.

"پر بہ ڇو؟ توکي اعتراض ڇو آهي؟" اَشوڪ راءُ سوال ڪيو. سشيل اَهڙو ڪڏهن جهڙي پٽ. سنيتا اُٿي اَچي سشيل جي پاسي ۾ ويٺي. چيائين، "پٽ! ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ تون اسان کي اسڪول وڃڻ کان ڇو ٿو روڪين؟"

سشيل اَچي روئڻ ۾ ڇتڪيو. چيائين، "اَمي! مون ڪوڙ ڳ الهايو آهي. مونکي معاف ڪريو. مون گهر جي غريبي ۽ بيوسي لڪائيندي اِسڪول ۾ چيو آهي تہ منهنجو بابو ناسڪ ۾ هڪ وڏو زميندار آهي. هن کي پنهنجا انگور جا کيت آهن. مان پڙهڻ لاءِ ممبئيءَ

جي ريس ۾ شامل آهيان. ريس اَجا پوري نہ ٿي آهي. هاڻ منزل دور نہ
آهي.''

اَشوڪ راءُ اُٿي پنهنجي پٽ کي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ چيو،

''پٽ! تون هاڻ وڏو ٿي ويو آهين. سماج کي پوريءَ ريت تو
پرکيو آهي. تنهنجو ڪوڙ؛ سچ تہ ڪوڙ نہ آهي. پر سماج لاءِ هڪ
للڪار آهي. اَڄ جي پيڙهي سجاڳ آهي. پٽ! مون کي تو تي ناز آهي
اِهو ناٽڪ جو تو رچيو آهي سو هلڻ ڏئي. پردي ڪيرائڻ جي ويل اَڃ
آئي ڪونہ آهي. شانتا سشيل بابوءَ جو ناٽڪ چالو آهي.'' سنيتا مڙس
جي ان اَدا تي هڪ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن جڏهن سنيتا اَچي پورو ورتانت مونکي ٻڌايو تڏهن
منهنجون تہ ڏندين آڱريون لڳي ويون. پئي سوچيم، هيءُ ڇوڪرو
تہ سير مٿان سوا سير آهي. هيءُ تہ لنبي ريس جو گهوڙو آهي جو ريس
۾ ٻين سيني گهوڙن کي پٺتي ڇڏي ويندو.



AKELI

(Collection of Short Stories)

MANOHAR CHUGH

This story teller weaves a wonderful web of words. His language is elegant and mesmerizing. His plots are simple and close to life.

You will recognise his characters and relate to their situations.

Each of his story magically blends the realities of experience with fluidity of imagination.